
چنڊ مان ۽ رولاڪيون
شاعري
رولاڪ آصف ڪالرو
احساس

# چنڊ مان ءِ رولاڪيون

(شاعري)

## رولاڪ آصف ڪالرو

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا محفوظ

Book No – 14

**چنبءَ مان ۽ رولاڪيون !**

(شاعري)

**رولاڪ آصف ڪالرو**

**ڇاپو پهريون** : 2019ع

**ڪمپوزنگ، ٽائيٽل & لي آئوٽ : احسان آڪاش**

**احسان پبليڪيشن - حيدرآباد** (03413687110)

**قيمت: 300 روپيه**

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

**2023ع**

**www.sindhsalamat.com**

---

**Chand, Maa Aein Rolakiyoon !**
Poetry
**Rolak Asif Kalro**
1st Edition 2019
Composing, Layout &Tittle: **Ehxaan Aakaxh**
Ehsaas Publication Hyderabad Sindh
Cell: 03413687110
Email: magazineehsaas@gmail.com

# ارپنا

مرحوم امڙ جي نانءُ

۽

اپسرا جي نانءُ !

## سنڌسلامت پاران

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران رولاڪ آصف ڪالرو جي شاعريءَ جو مجموعو ”چنڊ مان ۽ رولاڪيون“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.**

**آصف ڪالرو پنهنجي پاڻ کي”رولاڪ“ ڪوٺيو آهي، ۽ آصف جي نظمن ۾ پڻ اوهان کي هن جي رولاڪين جا قصا ملندا، جنهن ۾ شاعراڻو Touch، اڻ ڇهيل موضوع، ۽ ٻين انيڪ موضوعن تي سرجيل نثري نظمن جو ڀرپور مزاج رکندڙ سمورا نظم ملندا. هن ڪتاب ۾ ”ڊائريءَ جا ورق“ جو الڳ سان هڪ باب رکيو ويو آهي، جنهن ۾ ليڪ نظم کهاڻي، ڪالم کهاڻي ۽ شاعراڻي نثر جي Pattern تي پنهنجا احساس تخليق ڪيا آهن.**

**هي ڪتاب احساس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون احسان آڪاش جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.**

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| **پبلشر نوٽ:** | | 10 |
| **مهاڳ** – آصف درد جو ليکڪ | آسيہ مخدوم قريشي | 11 |
| نيئر منهنجي نينهن اجاري اچو ڪيو | صابر ڪيريو | 27 |
| **پنهنجي پاران** - مان هڪ گودڙو فقير آهيان | آصف ڪالرو | 29 |


## نظمائو سٽاءُ


- يادن جي شامِ غريبان 33
- خاموشي جو رقص 37
- اذيتن جا ساز 38
- سيني ۾ سمايل سُور 39
- خواب، جواني ، الفت 41
- اڪيلائي 42
- نشيليون اکيون 43
- پاڇي سان پيار 45
- منهنجا خواب سپ چورا چنا 49
- هار ايل جواري 52
- اڌوري محبت 54
- اندر جي آس 55
- اُداس راهون 57
- آخري منزل 59
- سُڏڪن جو پُرسو 61
- خاموشي 63
- ڊائري 65
- اڪيلائي جا وارث 67
- امان ! 68
- خانہ بدوش 69
- ڪاري رات، چنڊ ۽ مان 71
- ٻن ڏينهن جي محبت 73
- اذيتن جي سلطنت 74

- مري ويل انسان 78
- منهنجي دل دشمن آهي 80
- الزامن جا جملا 82
- خوش قسمتي 84
- هنج 85
- آخري سفر 86
- رت جا ڳوڙها۔ سورت۔ جنت جو حورون 89
- دردن جي پي ايچ ڊي 90
- حق مهر 92
- لڙڪن جو سيلاب 93
- نہ سوال ڪجان – تنهائي 94
- مون ڪي وساري ڇڏ 95
- وڇڙي ويل پکي 96
- شرابن جو گلاس 97
- اڌ چنڊ 98
- ها آئون مري ويندس ! 99
- او سانئن – ڏوراپو – دوکي جي ديوار 102
- دنيا سرڪس 104
- ذبح ٿيل محبت 106
- اڪيلائپ 108
- قبر جا گل 109
- شراب 110
- ويڳي محبت 112
- مٽيءَ جو مجسمو 114
- منهنجا احساس ناچو عورت جيان 117
- ماٽهن جا ٿهڪ 119
- آخري چُمي 122
- پتڪڙو انسان 123
- ناٽڪ منڊلي 125

- سستو ماڻهو 127


## ورق ورق هڳاءُ


- خواهش 131
- خبر نہ هئي تون بہ مٽي ٿي ويندينءَ 132
- صدين جا گم ٿي ويل ٿهڪ 134
- جدائي موت آهي 136
- تون زنده آهين 138
- لوٽيانو پاٽي 140
- خوابن جا تابوت 141
- هڪڙو رولاڪ ۽ چنڊ 142
- آئيني جو تصور 143
- پَر ڪٽيل ڪبوتر 144
- سنڌ امان ! 147
- سوڊا تو ۾ ساهہ، نہ تہ راٽا گهٽا راڄ ۾ ! 148
- اڪيلائن ۾ روئندس 150
- شام جو لهندڙ سج 151
- ڪچي مٽيءَ جو ڏيئو 152
- تون منهنجو مجازي خدا 154
- نيڪ بندي 155
- وِڇوڙي آهيان 157
- تون مقدس سنڌ جيان 159
- محبت جي مشاق 161
- مون خدا کي مرڪندي ڏٺو 162
- پتين سان ڳالهيون 164
- جوڪر ! 166
- شبِ برات 168
- محرومين جا ڳوڙها 170

- اڻ ٿائينڪو رولاڪ 172
- خانہ بدوش عورت 174
- منهنجي دل جي شڪست 178
- امان تون منهنجي سنڌ ماءُ آهين 179
- آلين اکين جو اظهار 181
- خوشين جي خيرات 185
- توکي ڪير وساري 188
- لڙڪن جو محراب 189
- پلصراط جي رولاڪين ڏانهن 191
- سوچن جا سمنڊ 193
- آئون تنهنجي لاءِ وڙهندس 195
- امان! منهنجي آخري دعا 201
- اي چنڊ! تون اهو آهين 203
- اندر ڪي اڏوهي وڪوڙي وئي 204
- هر جنم ۾ خدا کان توکي وٺندس 206


◆◆◆

## پبلشر نوٽ:

شاعريءَ جي صنف ۾ نظم، اها واحد صنف آهي جنهن ۾ اوهان پنهنجي سموري ڳالهه بيان ڪري سگهو ٿا. نظم ۾ جيڪا قصا گوئي جي رواني آهي اها شاعري جي ٻي ڪنهن صنف ۾ نہ ٿي ملي. اسان جي سنڌي ادب ۾ انهيءَ صنف ڪي نثري نظم، نئين ڪويتا،نظم ڪهاڻي ۽ نظم جي مختلف نالن سان لکيو وڃي ٿو. هتر صنف لاءِ ان جي مزاج مطابق شاعراڻو Touch تمام ضروري هوندو آهي، جيڪڏهن اوهان ان تي دسترس نہ ٿا رکو تہ پوءِ اوهان جا لکيل نظم ٻيو ڪجهہ نہ هوندو صرف لفظن جو وڏاءُ هوندو....!

**آصف ڪالرو** جنهن پنهنجي پاڻ کي هڪ **"رولاڪ"** ڪوٺيو آهي، ۽ **آصف** جي نظمن ۾ پڻ اوهان کي هن جي رولاڪين جا قصا ملندا، جنهن ۾ شاعراڻو Touch، اڻ ڇهيل موضوع، ۽ ٻين انيڪ موضوعن تي سرجيل نثري نظمن جو ڀرپور مزاج رکندڙ سمورا نظم ملندا. هن ڪتاب ۾ **"ڊائري جا ورق"** جو الڳ سان هڪ باب رکيو ويو آهي، جنهن ۾ ليڪڪ نظم ڪهاڻي، ڪالم ڪهاڻي، شاعراڻو نثر جي Pattern تي پنهنجا احساس سرجيا آهن. هاڻي پڙهندڙ ان باب کي ڪيئن ٿا ڏسن؟ اهو اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيو آهي.

**احساس پبليڪيشن حيدرآباد** طرفان نوجوان شاعر آصف ڪالرو جي نظمن جو ڪتاب **"چنبَ مان ۽ رولاڪيون"** يقيناً سنڌي ادب جي نظمن جي تاريخ ۾ هڪ خوبصورت اضافو ثابت ٿيندو. هن موقعي تي ادارو سرهائي محسوس ڪندي اميد ٿو ڪري تہ اڳ جيان هن ڀيري بہ اسان جي هي ڪاوش پڻ اوهان سڀني کي دل سان پسند ايندي. پڙهي ڪري پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪندا.

**خيرانديش**

**احساس پبليڪيشن حيدرآباد**
Cell # 03013324100
magazineehsaas@gmail.com

مهاڳ :

# آصف درد جو ليکڪ !

اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهه واڍوڙڪيءَ منهن

جڏهن کان ليکڪن جي لاءِ من ۾ محبتون سانديي رکيون اٿم، تڏهن کان وٺي اڄ تائين هر درديلي تخليقڪار تي لکڻ چاهيو اٿم. پر لکڻ مونکي نا هي ايندو.

*اندز بيان گرکه بهت شوخ نہیں ہے،*

*شايد كه اتر جائے تيرے دل ميں ميري بات۔*

مان هميشه اديبن کي پيتا ڏيڻ لاءِ لکڻ جو سوچيو آهي ۽ فقط سوچيو آهي، اڄ تائين عمل نہ ڪيو اٿم انهيءَ سوچ تي، ڇو تہ ذات ڏٽين تي لکڻ ڪا سولي ڳالهه ناهي. هنن سان انصاف تڏهن ٿئي ٿو. جڏهن هنن جي سٽن سان هنن کي پيتا ڏني وڃي، ڪيترا تہ ڏينهن ٿيا آهن، جو آصف مونکي پنهنجو ڪتاب ڏنو، مهاڳ لکڻ لاءِ ـ ۽ هيءَ ڪتاب مان هڪ ڏينهن ۾ هر روز بہ دفعا پڙهيو آهي. سٽون پڙهندي ضرور ڏهه دفعا آهيان ۽ ليکڪ سان گڏ گڏ يوڳيندي بہ آهيان پر ياد ڪجهه نا هي رهندو، جيڪا بيماري مون ۾ گهٽي پراڻي آهي. هي فقط لفظ ناهن، هي دردناڪ سچ آهي جيڪو آصف جي سٽن منجهان ليئا پائي ٿو ۽ لکي وڃي ٿو، وري اچي جهوراي ٿو وري گم سچ سهڻ ۽ سچ جي صليب تي ٽنگجڻ آهي. مان سچ ۽ سچار کي شهر جي چوراهن تي بيدردي سان شهيد ٿيندي ڏٺو آهي. مان هي ڪتاب پڙهندي پاڻ کي پلصراط تي بيٺل ڏٺو آهي - پلصراط تان لنگهندي ڏٺو آهي. مان هي تحريرون پڙهندي زندگي جي جهنم مان ڪيئي ٿوهر ڪاڏا آهن ۽ گرم پاٽي پيتو آهي. مونکي ائين لڳي لڳو ڇڻ ڌرتيءَ جي خدائن جا جواب مان ليکڪ سان گڏ ڏنا هجن. هي اکر ناهن ـ پيڙا آهي، يوڳنا آهي. پهرين صفحي کان وٺي آخري صفحي تائين رت جو هڪ ڳاڙهو درياه آهي جنهن ۾ ٽبي هڻ تہ سچو سور سور تي وڃي. رت هاڻي ڳاڙهي درياه جو ڪو بہ ڪنارو ناهي، ڪو بہ نہ... ڇو تہ اڪيلي سر ڪنيل صليب رڳو جسم ۽ روح زخمي ڪندو آهي جيئن آصف هن سٽ ۾ چوي ٿو :

“مان ماضيءَ کان وٺي حال تائين دردن جي صليب، سدائين اڪيلي پنهنجي ڪلهن تي ڪٽي نڪتو آهيان، تنهنجي هر تحرير ايتري سڌي آهي ۔ سادي ۽ خوبصورت آهي جو هر احساس وارو آرام سان سٽن ۾ لهي وڃي ٿو ۽ توسان گڏ تنهنجي محبوبا کي سڏ ڪرڻ لڳي ٿو.”

۔ محبوب تنهنجون خوبصورت اکيون
جڏهن هنن جي گهرائي ۾ ويندو آهيان
تہ هن دنيا کان ڪٿجي ويندو آهيان،

هي سمورو نظم لکڻ جهڙو آهي پر گهٽي طوالت ٿي ويندي، وڏيڪ پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿو. سچ تہ آصف جون سٽون روح جي گهرائي ۾ لهي هڪ عجيب پراسرار ۽ خوبصورت شام جو سير ڪرائين ٿيون ۽ وري موٽائي ڪارين اونداهين راتين ۾ ڦٽو جتي گُهگهہ اونداهي، ويراني آهي، ۽ اڪيلائي ۔ آصف جي نظمن ۾ عنوان تير پالا آهن، روح کي رهڙي وڃن ٿا ۽ پير يادن جي اين ڪاون تي هلن ٿا.

اذيتن جا ساز...!
دردن جون چوليون
اکين ۾ لٿيون
ازيت جا ساز وڄندا رهيا
آسمان جي ڪاراس واري ڪشڪول ۾
ڪنهن ستاري جون اکيون ٻرنديون رهيون
روح جا خانہ بدوش پرين
تنهنجي يادن جا بادل اکين ۾ لٿا
چنڊ ۾ چمڪندڙ چهرو تنهنجو ڏسي
بار بادل ڪو هلڪو ٿي ويو
جاڳ جي گهاٽ تي
هڪڙو رولاڪ يادن جي ڦاهيءَ تي چڙهندو رهيو .

مونکي خبر ناهي تہ هڪ ٿڪل انسان جي زخمن تي پها ڪئين رکبا آهن ملم ڪئين هٽبو آهي؟ مونکي اها بہ ناهي خبر تہ پيتا ۾ آئون ڇا لکان...؟ آصف جا زخم مرهم ڪان

وڏا آهن، انجا ۽ انجي ماضيءَ جا درد جيترا گهرا آهن، ايترا ئي دلڪش آهن. تنهنجي سٽن سان گڏ جڏهن اڪيلي ۾ ويهي اوچنگارون ڏجن ٿيون ته اکيون لڙڪ نه رت ڏين ٿيون ۽ فرشتا آڪاش تان لهي اچي ڌرتيءَ تي مون سان گڏ تنهنجو هيءَ نظم پڙهڻ لڳن ٿا.

جڏهن به راتين جو رلي ڏسان ٿو
دل آئون ۽ اڪيلائي آهي
ڪنڊن جي رستن تان گذري اڪيلو
پنهنجي اجڙي ويل
عبادتاگاه ڏي وڃان ٿو
زندگيَ ۾ رکيو ڇا هي
آئون ازيتن جو زهر روز پي ڏسان ٿو
هوءَ وڇڙي وئي مونکان زندگيَ جي سفر ۾
هڪڙو رولاڪ ٿي هاڻ جي نه سگهان ٿو.

آصف جي سٽن ۾ درد رڳو ذاتي ناهي، درد ڌرتيءَ جو به آهي، ڌرتي جيڪا ذات پات ۽ ڏات کان آتم هجي ٿي. ڌرتيءَ سان محبت جو ذڪر سائين پنهنجي نظم (امان تون منهنجي سنڌ آهين) ۾ ڪيو آهي. جنهن نظم کي پڙهندي هڪ وقت جي آمرن کان ۽ ڪوڙ کان نفرت ڪندڙ شخص هڪ اڏول تخليقڪار بغاوت ڪندي نظر اچي ٿو. جيڪو ڌرتيءَ کي پنهنجو رت ست ڏئي آزاد ۽ آباد ڏسڻ چاهي ٿو. بيشڪ ڌرتيءَ جو درد اهي چاڻن جيڪي تهجد جي سجدن ۾ سنڌ لاءِ روئين ۽ لڇن ٿا.

تڙپي تڙپي لکن ٿا - ۽ لکڻ جهڙي ڇڻ ته ڪا اذيت ئي ناهي.
مونکي ڇو ايڏي آزمائش ۾ وڌو اٿئي
ايتري آزمائش ته پيغمبرن کي به ناهي هوندي
مان ته سنڌ ماءُ جو اڻتاڪو رولاڪ پٽ آهيان
مان ڪو پيغمبر ناهيان
مان ڪو ديوتا ناهيان
مان پيري پوندس

مان ٿٿي پوندس.

ڪيتري نہ پيڙا ۾ لکيل آهن، اهي لفظ جيڪي نڙيءَ کي خشڪ ڪري ڇڏين ٿا، هو هن ڌرتيءَ جي رنل بهارن کي موٽائي آڻڻ لاءِ پالڻهار سان بہ بغاوت ڪري ٿو ۽ ڪرڻ چاهي ٿو، ڇو جو پالڻهار سان جهيڙو ڪرڻ عشق ۽ عقل جي علامت آهي. منهنجي نظر ۾ خدا سان جهيڙو (هُجت) ڪرڻ جو حق انسان رکي ٿو، ڇو تہ وٽ زبان آهي، دل آهي۔ احساس آهي ۽ احساس نہ ڪيل ڏوهن جي سزا ۾ شهيد ٿين تہ وڏي تڪليف ٿيندي آهي۔ ٽيگور چيو هو تہ: "مونکي خدا جي وجود سان انهيءَ ڪري محبت آهي جو هن مون کي اهو اختيار ڏنو آهي تہ مان هن جي وجود کان انڪار ڪري سگهان."

آصف جون سٽون آهن تہ:

آئون پنهنجي پالڻهار سان
بغاوت تي لهي ايندس
آئون نئي تاريخ لکندس
آئون پنهنجي ماء جي
تڇ جي ڦڙي ڦڙي جو حساب ڏيندس.

آئون دعويٰ سان چئي سگهان ٿي تہ هي لفظ هي تحريرون، آصف جي جيون جي لکيل رت هاڻي نئي تاريخ آهن . امر جليل صحيح فرمائيندو آهي تہ: "سنڌي اديب غيرتمند هوندا آهن" ۽ اهو سچ آهي ڇو تہ حلالي پٽ ڪڏهن بہ ماءُ جي ڇاتيءَ وار ناهي سهندو ۽ اگر اهو تخليقڪار هجي پوءِ تہ ٽيڻو جوکم ڪٽي ٿو. هو لفظن جي تلوارن جا سڌا نشان دشمنن ڏانهن رکندو آهي ۽ هٽندو آهي ۽ هن کي سچ لکڻ تي اگر اذيت سان قيد تنهائي ۾ رکيو وڃي تہ بہ هو قبولي ٿو.ڇو جو غيرتمندي جهڪندي ناهي، پر سچار هميشا پنهنجي ضمير جو قيدي هوندو آهي جئين سينٽ جان پرسيءِچيو: And it is enough for a poet to be the guilty onscience of his time" (اهو شاعر /تخليقڪار لاءِ ڪافي آهي تہ هو پنهنجي دور جو مجرمِ ضمير ٿئي.) آصف جي تخليقن ۾ واضع آهي تہ هو عورت جي تقدس جي بہ خوبصورتي سمجهي ٿو، هو عورت کي ڌرتيءَ جيان مقدس لکي ٿو. هو جڏهن بہ

پنهنجي امر محبوبا کي سڏي ٿو ته ڪيس روح ۽ دل سان هن کي ڌرتي سان تشبيهه ڏئي ٿو. جيڪا هڪ تمام گهري ۽ وڏي تشبيهه آهي. (تون مقدس آهين سنڌ جيان...!) عورت کي جڏهن ماءُ جي روپ ۾ ڏسي ٿو ته ڪمال پاڪائي اتس جذبن ۾، جو ماءُ تصوير پنهنجي سيني جي دل واري پاسي لڳل ڪيسي جي ٻٽونء ۾ رکي ٿو، ۽ اڪيلي ۾ ويهي پنهنجي ماءُ سان ڪنهن ننڍڙي معصوم ٻار جيان ڳالهيون ڪري ٿو ـ ڪلي ٿو روئي ٿو. ڇو ته هن ماءُ کي پنهنجي هٿن ۾ روح پرواز ٿيندي آخري سفر جو راهي ٿيندي ڏٺو آهي. ۽ اهو درد آسمانن ڪان ٻه وڏو آهي. ماءُ جون اکيون جڏهن هميشه لاءِ بند ٿين ته دعا جو دروازو بند ٿي ويندو آهي. هڪ خوبصورت زندگي ڇوري ڇني ٿي ويندي آهي ـ هو جڏهن پنهنجي ڪنهن نظم ۾ ماءُ جي پيراندي ڪان ويهي هن جي سرد ٿي ويل پيرن/جنت کي چمي ٿو، هر فرمانبردار پٽ ۽ ڌيءَ جي اکين ۾ اذيتون ۽ مستقبل جون اونداهيون اچي لهن ٿيون! ۽ هو جڏهن پيٽن جو ذڪر ڪري ٿو عظمت سان هنن کي پنهنجي گهر جي رحمت ۽ سونهن سڏي ٿو.

آصف پنهنجي محبوبا کي ديوي مڃي ٿو ۽ هن کي ڪنهن مقدس ڪتاب وانگر سيني سان لاءِ چمي ٿو. ها محبوبا جيڪا نه چاهيندي ٻه هن کي ازيتن جي آوڙاه ۾ ڇڏي پاڻ ڏور آسمان جو ستارو ٿي وئي. هي پاڻ ڪيس رڻن ۾ رُلي سڏيندي رڙندي ۽ تڙپندي نظر اچي ٿو. هن جي پوتر سنڌ جهڙي محبوبا جنهن کي هو هڪ نظم ۾ ائين مخاطب ٿئي ٿو. ڪيڏي نه پيار سان ۽ پيڙا منجهان جو پڙهندي کي لڙڪ نڙيءَ ۾ اٽڪي پون ٿا.

تنهنجي مرڻ کان پوءِ
منهنجي محبت مري ويندي
منهنجي دل مري ويندي
منهنجا ننڍڙا ارمان مري ويندا
منهنجا سمورا خواب مري ويندا
منهنجا لفظ يتيم ٿي ويندا...

لفظن جي يتيمي واري تصوير آصف جي لفظن ۾ ڪيڏي چٽي آهي! ۽ انهيءَ تحرير ۾ اڳتي لکي ٿو.

توکان پوءِ منھنجي ڪائنات

موھن جي دڙي ۾ دفن ٿي ويندي.

ھونئن تہ آصف سڄو ئي درد جو تخليقڪار آھي پر ھو ٿورو گھڻو رومانس تي بہ لکي ٿو. ۽ جڏھن جنھن شيءَ تي بہ لکي ٿو انھي کي امر ڪري ڇڏي ٿو. اھو قلم يقيناً خوشنصيب آھي. اگر ڳالھ ررومانس جي ڪئي وڃي تہ آصف جو نظم (خواب، جواني ۽ الفت) ھڪ بي حد خوبصورت ۽ ڦوھ جوانيءِ ۾ سرجيل نظم آھي. ۽ ٻيو نظم (قبر جا گل) ۾ ھڪ جاءِ، ھن جي معصوم محبوبا ھن کان ڪيترو نہ پيار سان سوال ڪري ٿي نماڻين اکين سان پڇي ٿي.

سياري ۾ چپ ايترا

کوسا ڪئين ھوندا آھن...!

آصف چوي ٿو: "مان ڏات ڏٺي ناھيان، مان ڏسان ٿو تہ ادب ھڪ وسيع درياہ آھي جنھن ۾ منھنجي فقط ننڍڙي چيچ آلي ٿي آھي. " اھا ھيڻائين، عاجزي ھن جي سٺن مان پسي سگھجي ٿي. حالانڪي اگر انصاف سان ڏٺو وڃي تہ آصف جون لکڻيون تاريخ آھن. ھن ھميشا گمنام ٿي لکيو آھي، ۽ جڏھن بہ لکيو جيڪو بہ لکيو ڪمال لکيو اٿس. پوءِ بہ چوي ٿو:

مونکي خبر آھي تہ

منھنجو ڪنھن داستان ۾

نالو نہ وڌو ويندو

گمناميءَ جي اونداھي گھٽيءَ ۾

پنھنجي محبت وانگر

آئون زماني کان وسرڻ لاءِ

وري ھڪڙو رولاڪ ٿي پيدا ٿيو آھيان.

ھو شھرت نٿو چاھي نہ تہ جيترو درد منجھان لکي ٿو ۽ حسين لکي ٿو تہ ھن مھل تائين ھڪ نہ تہ ٻن ڪتابن جو خالق سڏجي ھا. ھن کي بک ڪونھي شھرت جي، ھو نيڪ نيتيءَ ۽ صاف دليءَ سان لکي ٿو، جيڪو بہ لکي ٿو سچ لکي ٿو۔ ۽ سچ ئي لکيو ويندو آھي. اديب اگر وڏائي بہ لکي ٿو تہ تڏھن جڏھن درد شدت اختيار ڪري وڃي.

هي پوءِ بہ چوي ٿو مان ڪجھ بہ ناهيان، بس (ڪچي مٽيءَ جو ڏيئو آهيان، سانئڻ آئون ڪچي مٽيءَ جو ڏيئو آهيان، جيڪو آهستي آهستي پڇي پري ۽ وسامي رهيو آهي) چڻ تہ هو حسن درس جيان چوي ٿو: ”شهرت ڪين گھرجي، چو پئي ٻڪي پٽيان.“

آصف پاڻ پنهنجي لاءِ چوي ٿو تہ: ”مان هڪ گودڙو فقير آهيان. مان دنيا جي سيني خوبصورت نالن کان هٽي ڪري پاڻ کي هڪ ئي نالو ڏنو آهي، رولاڪ...! ڇو جو منهنجو وجود زمين کان آسمان تائين، آسمان کان عالمي ارواح تائين جي رولاڪين ۾ مڳن رهندو آهي، ۽ مان قلعي جي هنج ۾ ويهي پنهنجن رولاڪين جو سفر شروع ڪندو آهيان. ڪڏهن مونسان ذات جي ديوي پرچي رولاڪين ۾ اچي هلڻ شروع ڪندي آهي تہ وري ڪڏهن دردن جا پکي دل جي سر زمين تي لهي سڏڪن جي ڏمالن تي رقص ڪندا آهن، پوءِ مان زندگي جي پلصراط واري سفر ڏانهن روانو ٿي ويندو آهيان.“

مان سڏڪا ۽ سڪرات گھٽي ويجھي ڪان ڏني آهي پر آصف جي تحريرن تہ اڪيلائي ۾ ڇڻ روئڻ جو عادي ڪري ڇڏيو آهي. مان جڏهن پهريون دفعو آصف کي پڙهيو هو تہ مان ماضيءَ جي گھپ اونداهين ۾ هتوراڙيون هنيون هيون. جتي منهنجا معصوم هٿ زخمي ٿيا هئا. مان چوان ٿي تہ ڪو چريو ئي هوندو جيڪو توکي پڙهي سڪرات ۾ نہ ايندو. باقي احساس ۽ سياٽپ وارو ماڻهو تنهنجا لفظ پڙهي في الحال تہ درد جي صليب تي ٽنگجي پوندو۔ يا توسان گڏ رولاڪ ٿي رڻن ۾ رلندو.

اڄا بہ هيءَ ڪاريون راتيون
يادن جا خنجر هٽي وجن ٿيون
اڄا بہ مون تي اگهاڙي موسم
درد جون خزائون ڇڏي وڃي ٿي...

ڪير چوندو تہ هي فقط ڪوڪلا لفظ آهن. هي تہ نسورو سچ آهي، جنهن جون گواهہ ستون پاڻ آهن. سچي سڪرات آهي، جيڪا قلم جي گھايل ڇپن سان لکي وئي آهي۔ هي اگهاڙيون ترارون آهن، جيڪي سڌيون سيني جي آر پار ٿي وڃن ٿيون.

اڄ وري تنهنجي ٺڪن ٻڌايو

تہ غم ڪنهن جلاد جيان
مرڪن کي ڦاهيءَ چاڙهي ڇڏيو آهي...

ڪنهن ذات ڏٽي جي لکڻ ڪو آسان ڪم تہ هرگز ناهي، پر مان هڪ تمام ننڍي ڪوشش ڪئي آهي تہ آصف جهڙي درد جي ليکڪ لاءِ مان پنهنجي هن مهاڳ ۾ انصاف ڪري سگهان.... اسان جو هي گمنام پر ڪمال ذات ڏٽي آصف پاڻ کي اڄ هڪ وڏو نام ڏئي ويو آهي. هن جون تحريرون پڙهي محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ هن پاڇن پويان جيون گهاريون آهي-هن عظمت جي هڪ پراسرار ڏاکڻ جو سفر گذاريو آهي. ۽ مونکي اميد آهي تہ هي ڪتاب آصف جي انهيءَ ڏاکڻ جي منزل ثابت ٿيندو. انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اسان جهڙا گمنام ۽ ننڍڙا ماڻهو وڏن اديبن جي پيرن هيٺان اچي لتاڙجي ويندا آهيون، حالانڪ اسان کي ڪو بہ گولڊ ميڊل يا ايوارڊ ناهي گهرجندو. اسان تہ چاهيندا آهيون فقط ايترو تہ اڪر قوم جي امانت آهن ۽ امانت مالڪن تائين پهچڻ گهرجي، ڇو تہ زندگيءَ تي ڀروسو ناهي، ساهہ ٻي پنهنجي هٿن ۾ ناهي، نہ ڄاڻ ڪڏهن ڦڙڪو ڏئي اڏامي وڃي ٿو. هي ساهہ وارو ڪبوتر

نظم (تون زنده آهين)

ڪڏهن ڪڏهن انسان چاهيندي بہ
ڪجهہ ناهي لکي سگهندو
منهنجي اندر ۾ اوچتو ئي اوچتو خاموشي
جنم وٺي ڇڏيو آهي
منهنجي اتاوَلي روح پنهنجي چپن تي
ماٺ جا تالا هڻي ڇڏيا آهن...

اها تحرير پڙهي مان اکين اڳيان لڙڪن جي ڏنڌ محسوس ڪئي آهي، سچ تہ مونکي هن جي محبوبا ڏاڍي وڻي ٿي، ڪيتري تہ دلڪش ۽ خوبصورت آهي جنهن کي پيار مان ٽُبتار تي چوي ٿو:

ڪائنات جو ڪُل حسن رڪندڙ ڇوڪري
منهنجي خيالي دنيا جي شهزادي
جيڪا بس منهنجي خيالي دنيا جي حور آهي

جيڪا بس منهنجي ئي خيالي دنيا آهي

مونکي هميشہ هن جي بي پناهہ چاهت تي رشڪ ايندو آهي.

فخر ٿيندو آهي تہ هڪ مرد بہ هڪ ئي عورت کي بي پناهہ حد کان وڌيڪ چاهي سگهي ٿو. منهنجون اکيون حيران تڏهن ٿيون جڏهن مان هن جو نظم حق مهر پڙهيو هيو. ۽ ڪيڏو تہ تعجب ٿيو هو... ڏندن ۾ آڱريون وجهي آڪاس ڏانهن نهاري سوچيان پئي تہ ڇا هڪ مرد حق مهر ۾ زندگي ڏئي سگهي ٿو... جڏهن جڏهن بہ اهو نظم پڙهيو اٿم، هن معصوم محبوبا تي ريس آئي آهي. جنهن لاءِ لکيو ويو آهي دل تہ چوندي اٿم اگر ذات پئسن تي خريدي ڪري سگهجي ها تہ مان آصف کان اهو نظم اڌارو وٺي پاڻ وٽ رکان هان.. پنهنجي ڪمري جي ڪنهن حسين جڳهہ تي ۽ فخر سان وڏي واڪي چوان ها تہ "ڏسو مرد بہ محبت ڪري ڪمال ڪري ٿو، ايترو جو جيون حق مهر ۾ لکي ڏئي ٿو"

هڪ دوست پڇيو

شادي ڪڏهن ٿو ڪرين؟

چيم: منهنجي شادي ٿيل آهي.

چيائين ڪنهن سان...؟

چيم: هن جي اڻ ڳڻين يادن سان!

ٿورو مرڪندي چيائين زندگي ڪيئن پئي گذري؟

مان کو بہ جواب ڏيان انهيءَ کان اڳ ۾

بہ لڙڪ اکين مان وهي آيا،

هڪ پل لاءِ اداس ٿي ويس

چيائين: رولاڪ تون هن کي

وساري ڇو نٿو ڇڏين؟

چيم: زندگي حق مهر ۾ ڏنل آهي...!

آصف پنهنجي نظم "وچڙي ويل پکيءَ" ۾ شام جي سج جي ڪيتري نہ حسين تصوير ڪڍي آهي؟ پنهنجي ذات جي ڪئميرا سان... ها شام جيڪا مونکي ڏاڍي وڻندي آهي، جيڪا مونکي شرابي اکيون ياد ڏياريندي آهي. مونکي شام تي

لکيل نظم غزل، وايون، گيت ، ڪهاڻيون ڊاڍيون وڻنديون آهن، مان اهي تحريرون ساهه ۾ سانديو رکندي آهيان. آصف جي هي ڪڏيل شام جي تصوير اکرن ۾، ساهه ۾ سانڍي رکڻ جهڙي آهي ۽ گهڻي ڏکاري به.

سج جڏهن شام جا پاچا ڪٽي اچي
سمنڊ جي آخري سلامي پريندو آهي
تڏهن سمنڊ بلڪل ڳاڙهو ٿي ويندو آهي...

هي تصوير شام کي ڏيکارجي ته شام کي به پاڻ تي پيار اچي وڃي، آصف جون تحريرون رنگين آهن، ها رنگ شهيد ضرور ٿيا آهن. ڇو ته درد ئي درد لکيل آهي، ايترو جو ڪاغذن جو سينو به جهري پيو آهي، ۽ ڪاغذن جي اکين ۾ مان جيان ڳاڙهاڻ لهي آئي آهي. هو هڪ اديب هجڻ جو فرض چڱي طرح نڀائي ٿو، هو مرد ٿي به عورت جي طبيعت کي ويجهي کان پسي ٿو، محسوس ڪري ٿو. ڇو ته هو حقيقتن منجهان صليب ڪلهي تي رکي لنگهيو آهي. هو عورت جي عاشقي کي سمجهي ٿو، هو عورت جي پويتر لفظن کي سارا هي ٿو، عورت جي محبت هڪ پاڪ جذبو آهي. سائڻ !

مرد جسم جي بازار ۾
واڇون هڻندڙ هڪ ڪتو آهي
پر عورت وفا ۽ محبت جي بازار ۾
خوبصورت جهرڪي آهي،
جيڪا محبت کان سواءِ ڪجهه نٿي چاهي...

هو سمجهي ٿو ته عورت نهائين جيان درد سهي ٿي ۽ فقط سهي ٿي، هر قدم تي هر ساهه جي قيمت ڀري ٿي. هڪ نظم (آلين اکين جو اظهار) ۾ پڙهي ڏسو ته هو ڪيتري نه ويجهي کان ديس جي عورتن کي پرکي ٿو.

ڪونج ڇا ڳالهه آهي
مونکي نه ٻڌائيندي
هن ڪنڌ ڦيرائي چيو
نه رولاڪ ڪجهه به ناهي

مان سمجهي ويو هيس تہ
هُو سچي سنڌياڻي آهي
اڏمن کي ٻاهر اڇڻ کان روڪي ٿي...

نظم (خانہ بدوش عورت) حوس پرست مردن جي منهن تي چماٽ آهي ۽ ڪيتري نہ سور منجهان هڪ مظلوم عورت جي ايف آءِ آر داخل ڪئي اٿائين ڏات جي قلم سان ها، ڏات جو قلم جنهن جو ڪو بہ نمبر نا هي هوندو. جڏهن هڪ حوس پرست اڪيلي ۽ غريب عورت جي هنج ۾ رڪيل ٻار ڏانهن ڏسي چوي ٿو. هي تہ مونکي حرامي ٻار ٿو لڳي. تڏهن هڪ ماءُ هن معاشري جي مظلوم عورت تڙپي اٿي ٿي - چو تہ ڪنهن ماءُ لاءِ ٻچا حلالي ۽ حرامي نا هن ٿيندا ۽ جواب ۾ چوي ٿي.

صاحب!
گهڙيءَ جي گهاٽ ۾
پل پل جي پڇتاوَ لاءِ
تو جهڙي ڪراڙي گدڙن ۽ جوانن
مونکي بستر تي سمهارڻ جو سوچيو
پر زندگيَ جي سفر ۾ هميشہ گڏ رهڻ لاءِ
ڪير بہ تيار نہ هو
مونکي دنيا ۾ مردن ڪئي نالا ڏنا
پر پنهنجي هجڻ جو احساس ڪنهن بہ نہ ڏنو
اسان کي چاهيو ويو جسم جي حد تائين
اهڙين عورتن جي وجود مان
بس حرامي ٻارئي جنم وٺندا آهن...

ايتري ڪمال ۽ ڀوڙهن سان عورت جو درد لکڻ ڪا مذاق ناهي. هي محسوس ڪيل سور آهي، دنيا جو ڏکي ۾ ڏکيو ڪم مونکي لکڻ لڳندو آهي ۽ لکڻ سڪرات آهي، جيڪا هڪ تخليقڪار هر دفعي محسوس ڪري ٿو. تڏهن جڏهن هن تي لفظن ۽ خيالن جو نزول ٿئي ٿو ۽ نزول تڪليف ڏئي ٿو، ۽ زندگيءَ ۾ مان پهريون دفعو ڪنهن تخليقڪار لاءِ پيٽا لکي رهي آهيان، جيڪو مون لاءِ اعزاز پڻ آهي. هڪ طرف

ڪان مان پاڻ کي خوشنصيب لڳان ٿي، جو مان ناچيز ڪان ۽ ذات ڏٽين جي خادما ڪان آصف ڪجھ لکرايو آهي. مان پاڻ هڪ معمولي ۽ ادنيٰ آهيان. مهاڳ اهي لکن جيڪي نامور هجن، اهي جيڪي ايوارڊ يافتا هجن، آئون ڪجھ ٻه ناهيان ڪجھ ٻه نہ...... نظم ( هار ايل جواري) پڙهي ڏسو:

آئون هڪ هار ايل جواري جيان
سڀڪجھ هارائي ويٺو آهيان
منهنجي دل موهن جو دڙو آهي
جنهن ۾ سڪ ۽ چڪ جي سچائي جا سڪا دفن آهن
جن کي تون ئي کوٽي ڪڍي سگهين ٿي
۽ مونکي لڳي ٿو نہ چاڻ چو
تہ اها آئون ئي آهيان
جيڪا تنهنجي موهن جي دڙي جهڙي
دل مان سچائي جا سڪا کوٽي ڪڍڻ واري.

آڪاش جي وسيع گهرائين ۾ ٻڏندي سج مونکي چيو تہ رولاڪ اُهو شخص آهي جيڪو روشنائين کي قيد ناهي ڪري رکندو.مان ڪنڌ ڌوٽي هاڪاري ڪئي تہ سچ ٿڪل شرابي نيڻن سان هن جي نظم جون ڪجھ سٽون پڙهي ٻڌايون مونکي.

شب برات ۾ منهنجي اڌوري رهجي ويل ڪهاڻي

انهيَ رات چانڊوڪي کي
ڏسندي چيو هيم تہ
روشني ازل کان آزاد آهي
هن کي قيد نٿو ڪري سگهي

هنن سٽن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سائين جڳنو جو قاتل ناهي ۽ هو ڪڏهن ٻه ٻريل ڏيئن کي ڦوڪ ڏيئي وسائي نٿو پر هو طوفانن ۾ پنهنجي هٿن جي ڇت ناهي رکي ٿو تہ جئين اميدن جا ڏيئا نہ وسامن.

مان پنهنجو مجسمو ٺاهيو آهي
مان ٽورو مسڪرائي هن مجسمي کي

مختلف جائين تان بليڊ سان جهير ڏنا
تڏهن مون کي محسوس ٿيو ته
ها هاڻ وجي مڪمل ٿيو آهيان.

تنهنجي خاموشي به سنڌ ڌرتيءَ کي اُداس ڪري ڇڏيندي هوندي- خاموش ڇو نه رهجي، ڇو ته درد ڪاغذن تي لکجي نه ٿو ۽ ماڻهو ٻڌڻ لاءِ تيار نا هن هوندا، تڏهن لڙڪ لاڙي (ڀتين سان ڳالهيون) ڪرڻ جهڙيون تحريرون جنم وٺنديون آهن. ياد رهي مهربانو ته درد اکرن جو روپ تڏهن وٺندو آهي، جڏهن اهو سيڪجهه روح تائين هڪ تخليقڪارمحسوس ڪندو آهي ۽ هڪ ڳالهه دعويٰ سان چئي سگهان ٿي ته هنن خوبصورت ۽ ازيتناڪ تشبيهن استعارن تحريرن کي اگر انگريزي ۽ اردو ۾ ڪو چاڻو اديب ترجمو ڪري ته هي لفظ بين الاقوامي تي سگهن ٿا، مان ڏنو آهي، پڙهيو آهي ته اسان جا نوجوان ايترو ته خوبصورتي ۽ سچائين سان لکن ٿا. ايتريون عجيب ۽ حيرت انگيزتشبيهون ڪتب آڻن ٿا، جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. شيخ اياز ڪتاب ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته : “اسان وٽ به معياري ۽ بين الاقوامي ادب سرجي ٿو پر ترجمو نٿو ٿئي ٻين ٻولين ۾” بيشڪ اهو به سچ آهي ته احساس ماءُ ٻولي ۾ ئي ٺهڪي ٻيهن ٿا پر دنيا سان ڪلهو ملائڻ لاءِ اسان کي پنهنجو معياري ادب ترجمو ڪرڻو پوندو. جيڪي معياري لکن ٿا، انهن جو حوصلو ٽيڻو پوندو، ها انهن جو جيڪي آصف رولاڪ جهڙو درد لکن ٿا، جن وٽ نج پنهنجا اکر آهن. ٻي ڳالهه ته وڏا ننڍن جو حوصلو ٿين. اسان ننڍا آهيون ۽ هن ماتر ڀومي جا نوجوان خواب آهيون اسان ڦوهه جواني ۾ سنڌ ڌرتيءَ کي سنوارڻ جا خواب ڏسون ٿا ساڀيان چاهيون ٿا، جڳهه چاهيون ٿا مارن جي من ۾ دلين ۾، روحن ۾ تڏهن ته لکي ۽ ظاهر تي جڏهن به ڳالهايون ٿا، پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهايون ٿا ته جئين سادن لفظن ۾ درد هنيان ۾ لهي وڃي. شيخ اياز جيان ته : “هر لفظ کي روح آهي جو صدين جي ارتقا مان گذريو آهي ۽ اهو روح فقط مادري زبان ۾ ئي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو” آصف جي درديلن ٺهڪن ڏسڻ لاءِ هن جون تحريرون (دنيا سرڪس) ۽ (جوڪر) پڙهي محسوس ڪري سگهجن ٿا.

سڄي زندگي جوڪر جا ٻڄي رهيس
تنهنجي پويان هي

زندگي سرڪس تي وئي...!

آصف انهي ساڳي نظم ۾ اڳتي لکي ٿو ته:

ها مان هر موڙ تي توکي جوڪر ٿي ملندس

جيڪو ٻين جي چهرن تي مرڪون وکيري ٿو

پر پاڻ رات جي پهرن ۾ دردن جو تاج پائي

ڪارين راتين ۾ آسمان تي بيٺل اڌ چنڊ وانگر

دردن جي ڪارن ڪکرن ۾ لڪي وڃي ٿو...

مونکي هنيئرمشهور مسخري چارلي جون سٽون ٿيون ياد اچن ٿيون جنهن چيو هيو ته: "مان وسندڙ مينهن ۾ روئيندو آهيان ته جئين منهنجي وهندڙ ڳوڙهن کي جڳ نه سڃاڻي" اهڙو ڪمال درد به هڪ جوڪر ئي ڳالهائي سگهي ٿو. آصف هن دنيا کي سرڪس جو نالو ڏئي ٿو، جئين ڪئي زمانا اڳ شيڪسپيئرچيو هو ته: "هي دنيا هڪ اسٽيج آهي، جنهن تي اسان سڀ پنهنجي پنهنجي حصي جي اداڪاري ڪري گذري وڃون ٿا" ۽ آصف چوي ٿو.

آئون هن دنيا کي سرڪس سمجهندو آهيان

۽ سڀ هن دنيا جا جوڪر آهيون

ڪي ننڍا جوڪر ڪي وڏا

ڪي ٻندرا ته ڪي وري ٽلها، گينڊي جي شڪل جهڙا جوڪر

اسين پنهنجي زندگيَ جي

روز وار قسط ۾ کلندا به آهيون ته روئندا به آهيون...

مان پاڻ ادب جي وسيع درياه ڪان گهٽو پري بيٺل آهيان، آصف ته انهيَ درياه مان آڳر ٻوڙي آهي، مان ته رڳو حسرت پرين اکين سان وڏن اديبن ڏانهن ڏنو آهي، بس چو ته مونکي خبر آهي منهنجي لفظن ۾ ايترو دم ناهي جو وڏن اديبن سان ڪلهو ملائي بيهي سگهان، حالانڪ مان ڪٿي لکيو هيو انهي ڏينهن ته "پلي ته منهنجي خيالن جي اڏام، الڳ آهي ۽ توهان جي خيالن جي الڳ، پر ادب جو آسمان ته ساڳيو آهي ...!" منهنجي دعا آهي ۽ نيڪ تمنا آهي ته آصف جي درد (چنڊ، مان ۽ رولاڪيون) کي نئي اُڏام ملي. سنڌي ادب جي درديلي آسمان جو تارو ٿي چمڪي

پوي. ۽ جو نہ چمڪي پلا، هو چمڪڻ واري ميرٽ تي پورو لهي ٿو، ڏات ڏٽين وٽ سورن جا پر هوندا آهن، جن کي کولي هو جڏهن بہ اڏامڻ چاهيندا آهن تہ ستارا روئي پوندا آهن، ۽ سچ جي روشني جهڪي ٿي ويندي آهي، هڪ سچو ۽ حلالي ڏات ڏٽي چاهيندو بہ چاهي، هو تہ بس خوشحاليون هن ڌرتيءَ کي ڏئي غمن کي پنهنجي پلڪن تي سجائيرکندو آهي. هو ڌرتيءَ جي پٽن کي چوڪن ۽ چوارهن تي بيدردي سان شهيد ٿيندي ڏسندو آهي تہ روح تائين وڍجي- جهڙي مرشد اياز جيان ڪوڪ ڪندو آهي:

آهي ڪوئي جو قابيل جي هٿن مان ڇرو کسي سگهي

۽ هابيل جي زخمن تي مرهم رکي...!

ذهن چوي ٿو تہ هاڻ بس ڪر لکڻ پر دل چوي ٿي آصف جي هر هڪ نظم تي الڳ ڪتاب لکجي، ڪتاب بہ اهڙو جيڪو تاريخ ٿي وڃي. آصف جو هي نظم پڙهو:

توکي ڪير وساري

اڄ بہ منهنجي دل اهو منظر نٿو وساري سگهي

جڏهن تو پنهنجي دل تي پٿر رکي

چيو هيو تہ

هاڻ مونکي وساري ڇڏ

۽ تون منهنجو شهر ڇڏي

ڪنهن نئين سفر تي رواني ٿي وئي هئين

تڏهن منهنجي دل تي ڄڻ

قيامت گذري وئي هئي...

آصف جي تحريرن پڙهي پڙهي مون کي پوڙهي ڪري ڇڏيو آهي، مان اوهان جي چاهيندڙن مان ادني چاهيندڙ آهيان، اوهان جي ڏات ۽ ڏان خيالن جي فين آهيان ۽ مان چاهيان ٿي اوهان جا لفظ گهٽين اکين تائين، گهٽن چپن تائين ۽ تنهنجي ڪتاب جي توسط سان منهنجي تحرير گهٽن جي نظرن مان لنگهي ، مونکي خبر آهي مان بہ گمنام آهيان اجان... ڇا ڪجي ڪن ماڻهن کي گمناميون راس اچي وينديون آهن، ڇو تہ شهرت ۽ واهہ واهہ جو شور بہ ڪي ڪي برداشت ڪن ٿا. مونکي

خبر آهي مونکي لکڻ نا هي ايندو ۽ ڪنهن وٽ بہ ايترو وقت نا هي جو سيڙجي ويهي مون جهڙن چرين جي اونڌن ابتن ليکن کي ويهي غور سان پڙهن ۽ سمجهن. مان فقط ايترو چونديس تہ آصف جون تحريرون ڄڻ ڪنهن خوبصورت معصوم اپسرا جو روپ آهن، ها اپسرا جنهن جو ذڪر تو ڏاڍي پاٻوهہ سان پنهنجي تحريرن ۾ ڪيو آهي ، انهيءَ اپسرا جي جيتري تعريف ڪجي سا گهٽ آهي ـ ٿوري آهي... آصف جي لاءِ پنهنجي طرفان چند سٽون: "تنهنجي ڏات کي ذات کي جهڪي سلام ۽ ها اجا بہ ڪي لکڻ ويهان تہ گهٽو لکي سگهان ٿي، پر هي ساهہ آهن نہ نڙي ۾ اٽڪي پيا آهن ٿوهرن جيان. منهنجو ڪمزور جسم ايتري ديرتائين تنهنجي تحريرن جا وڍ برداشت نٿو ڪري سگهي، وڏيڪ لکيم تہ روح پرواز ٿيڻ جو خدشو آهي ۽ مان في الحال مرڻ نٿي چاهيان چو تہ اجا ڪوڙ وچن پاڙڻا آهن، هن ڏرتي سان ڪيل سچ تہ منهنجا هٿ سن ٿي ويا آهن ـ ۽ ويهي ويهي گوڏا ڄڻ تہ ڪا مم چٽي وئي هجي ، هي لکٽي منهنجي لاءِ يادگار آهي ۽ اميد اٿم تہ هي درد ڪوڙ دلين ۾ گهر ڪري ويندو تنهنجي سٽن جيان....!!!"

آصف جي ڪوڙ چاهيندڙن مان هڪ ادني چاهيندڙ ۽ خادم الشعراءُ...!

**مخدوم آسيا نعمت الله قريشي**

**مورو ـ سنڌ**

13 اپريل 2019ع

# نيئر منهنجي نينهن، اجاري اڇو ڪيو

صابر ڪيريو

دنيا ۾ هزارين ماڻهن شاعريَ جون اڻ ڳڻيون وصفون بيان ڪيون آهن پر شاعريَ جي ڪا چٽي وصف اڄ تائين ڪو به بيان نہ ڪري سگهيو آهي ۽ شايد اها ڪڏهن پوري ريت بيان ٿي بہ نہ سگهندي، جماليات فلسفي جي علم جي پوري شاخ آهي ۽ ان وٽ حسن ٻيني جي پرک جو مڪمل علمي ۽ منطقي نظام آهي پر جڏهن حسن ۽ حسناڪين جي ڪا حد نہ آهي تہ پوءِ ان جي پرک جي آخري حد ڪي ڪير ٿو رسي سگهي.

معصوميت جي پلا وصف ڪير ڇا بيان ڪري سگهندو، سرهاڻ اندر جي اونهائين ۾ ڪيترو لهي ويندي آهي ان جو انت ڪير ٿو لهي سگهي؟ محبت ڇا آهي؟ ان جي واچوڙن ۾ ماڻهن جو من ڪئين ٿو ويڙهجي وڃي؟ ان سوال جا پيرا صدين ڪان ماڻهن ڪنيا آهن پر ڳجهارت تہ پنهنجي جاءِ تي اڄ بہ موجود آهي.

محسوسات جي پاتال ۾ ڪير ٿو لهي سگهي اهو ئي انت بحر آهي جنهن جي صوفين ڪي بہ خبر نتي پوي سو شاعري بہ ائين آهي.

انسان پنهنجي تفڪر تخيل ۽ محسوسات جو حسين اظهار جن تخليقي شعبن ۾ ڪيو آهي انهن ۾ شاعري بہ هڪ آهي مون ڪي سنڌ جي شاعرن جي شاعري ۾ حسن او جمال ۽ دردن ڪي لفظن ۾ سموئڻ جو فن ۽ اظهار جو طريقو بيان ڪري سگهن ٿا،

انهن مان آصف ڪالرو بہ هڪ آهي

سنڌ جي جن گمنام ۽ حقيقي طور وڏن شاعرن جي قطار ۾ هڪ شخص جيڪو اسان ڪي پنهنجي ڪردار علميت ۽ ذهانت سبب قدآور نظر اچي ٿو اهو آصف آهي.

آصف جي ڪتاب بابت لکڻ مون لاِ اوترو ئي اوکو آهي جيترو ڪنهن آڙاهہ مان پڇي نڪرڻ،

سو بهرحال وچوڙي جو رولاپ اسان جي ڪلاسيڪي شاعريَ جو اهم جز آهي آصف بہ ان جي احساسن ۽ ڪيفيتن جو نهايتي ڀرپور انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي. آصف

جي لکيل ڪتاب جو هر شعر رڳو قلم سان نہ پر روح سان لکيل آهي، آصف جي شاعري ۽ سندس شخصيت جي ڇا ڳالھ ڪجي عام رواجي زندگيَ ۾ هڪ سادو انسان ۽ وري پنهنجي اندر ۾ انيڪ درد سمائي هلندڙ شخص آهي اهڙن لاءِ لطيف فرمايو آهي:

"جڳ سين جهڙو جڳ هيئين سين هت چري"

مونکي اڄ جي دور ۾ ڪو بہ اهڙو شاعر اديب نٿو سجهي جنهن جو ڪردار ڏاهو بہ هجي شاعر بہ هجي عاشق بہ هجي اندر ۾ آزاد ۽ بي نياز بہ هجي جيڪو منزل جو محتاج نہ هجي جيڪو حاصل ڪري نہ پر وڃائي خوش ٿئي.

مطلب تہ آصف انهن سيني شين جو مهور آهي ڏٺيَ در دعا آهي شال سدائين آباد هجي.

**پنهنجي پاران:**

## مان هڪ گودڙو فقير آهيان !

مان هڪ گودڙو فقير آهيان، مون دنيا جي سيني خوبصورت نالن کان هٽي ڪري پاڻ کي هڪ ئي نالو ڏنو آهي. ( رولاڪ آصف ) ڇو جو منهنجو وجود زمين کان آسمان تائين، آسمان کان عالم ارواح تائين جي رولاڪين ۾ مڳن رهندو آهي ۽ مان قلعي (عمرڪوٽ) جي هنج ۾ ويهي پنهنجن رولاڪين جو سفر شروع ڪندو آهيان.

ڪڏهن مون سان ذات جي ديوي پرچي رولاڪين ۾ اچي هلڻ شروع ڪندي آهي، يا وري ڪڏهن دردن جا پڪي دل جي سر زمين تي لهي سڏڪن جي ڌمالن تي پيرن اگهاڙي رقص ڪندا آهن، پوءِ مان زندگي جي پلصراط واري سفر ڏانهن روانو تي ويندو آهيان .آئون رولاڪ ڏکن جو قيدي لمحن ۾ جيئندو آهيان. لمحن ۾ مري ويندو آهيان، منهنجي اڳلي جنم جو روئڻ اجان باقي آهي. ڇو جو آئون سسئي کان بنا رڻ ۾ رلڻ وارو رولاڪ آهيان. منهنجو سرڪش روح زمين کان آسمان تائين سانئڻ کي پڪاريندو رهندو آهي. ها اها سانئڻ جنهن جي سڏ کان پوءِ مون خدا جا سڏ به لنوايا آهن. مونکي قيامت ڏهاڙي فرشتا به اتاري نه سگهندا، مونکي صرف تون ئي اتارجان! مون توکان پوءِ خدا جو هر سڏ لنوايو آهي. مان تنهنجي سڏ تي لبيڪ چئي اٿندس. مونکي خبر آهي منهنجا ٽٽل بي ادب لفظ ڪڏهن به ادب جي دنيا ۾ ليکيا نه ويندا، نه وري منهنجي ٽٽل لفظن تي ڪو وڏو شاعر يا ليکڪ شفقت جو ڪو هٿ رکندو. ڇو جو منهنجا لفظ تير يالا سنگينن جو ڪم ڪندا آهن.

ها مون ته سيني ڏانهن گل اماڻيا
پر مونکي گلن جي عيوض پٿر لڳا!
ڇو جو منهنجي لفظن ۾ ادب واري صنف ناهي،
منهنجا لفظ به ڪنهن ناچو عورت جيان پنهنجي سڏڪن تي رقص ڪن ٿا.
ها مان واريءَ جو اڪيلو مسافر آهيان، منهنجي ڪا به تاريخ نه لکي ويندي.

آئون پلن ۾ جيئندس ۽ لمحن ۾ مري ويندس. سقراط جو زهر مون رولاڪين ۾ پي ڏنو آهي. جڏهن چنڊ آسمان تي اڪيلو سفر ڪندو آهي، تڏهن رولاڪ ماضي واري تاريخ جي تلاش ۾ ڀٽڪندو آهي. مونکي تاريخ تہ نا هي ملندي پر هر پاسي ڏاڍ ڏامر خون ريزي واري راند پي هلندي آهي۔ مونکي ملندي آهي تہ سنڌ جي سُڪل متي ملندي آهي. سنڌ جي سڪل متي مون لاءِ بهشت جي سرمي کان بہ وڌيڪ مقدس آهي، اهُا متي مان پنهنجي چپن تي رکي چمندو آهيان ! ڇو جو سنڌ جي متيءَ قران جي ورقن جيان مقدس آهي... اهُو منهنجو عقيدو آهي، منهنجو اهو عقيدو منهنجي پڙهندڙن کي برو لڳندو پر منهنجو اهُو عقيدو ڪمزور نا هي، مان سيني جي نظر ۾ گنگهار آهيان ، منهنجو اهُو گناه هزار ثوابن کان بہ وڌيڪ عزيز آهي.

مان پنهنجي بابا اعجاز علي ڪالرو جو احسان مند آهيان جنهن ڇيڇ پڪڙي هن دنيا ۾ اٿڻ ويهڻ سيکاريو، ها آئون پنهنجي بابا سائين جو سدائين قرضدار رهندس۔ جنهن غربت سان جنگ جوٽي مونکي تعليم جهڙي زيور سان نوازيو، ۽ منهنجي آڱر پڪڙي هن دنيا جي رونقن ۾ گهمايو.

مان سنڌ جي مهڪندڙ متي مان جنم وٺندڙ تمام بهترين "شاعره مخدوم آسيا قريشي" جو وڏو احسان مند آهيان، جنهن مون جهڙي سرڪش رولاڪ لاءِ پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪري، هڪ مفصل ۽ اثرائتو مهاڳ لکيو، ۽ ڪتاب جي حوالي سان مشورا ڏئي مون تي وڏو احسان ڪيو آهي۔

مان پنهنجي پياري ۽ تمام ويجهي دوست نهايت ئي سپاجهڙي شاعر ادب دوست صابر ڪيريو جو بہ احسان مند آهيان، جنهن بہ اکر لکي ڪري ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو ڪيو۔

آئون ٿورائتو آهيان سنڌ جي ڪُک مان جنم وٺندڙ ادب دوست ۽ نئين ابرندڙ شاعره ندا علي جو جنهن منهنجي لفظن لاءِ قيمتي راءِ ڏئي ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو ڪيو۔

آئون ٿورائتو آهيان، احساس پبليڪيشن حيدرآباد جي مالڪ، سرواڻ سهٽي شاعر ليکڪ، ادب دوست "سائين احسان آڪاش" جو جنهن بئڪ ٽائٽل لکيو ۽ ڪتاب جي حوالي سان ڪيترين ئي قيمتي تجويزون ڏنيون ۽ ڪتاب جي سيٽنگ، لي

آئوٽ، ترتيب، ٽائيٽل ۽ ڇپائي وارا سمورا مرحلا وقت سر اُڪلائي ۽ منهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو بي انتها پيار سان، خوبصورت رنگ و ڍنگ سان هي ڪتاب "**چنڊ مان ۽ رولاڪيون**" اوهان پڙهندڙن تائين پهچايو، ۽ ڪتاب جي سُونهن ۾ چوڏنهن چنڊ لڳائي ڇڏيا.

مان پنهنجي دوست جهانگير " جو به ٿورائتو آهيان جنهن هر وقت منهنجو ساٿ ڏنو. ۽ مان ٿورائتو آهيان پنهنجي سيني پنهنجن مائٽن دوستن عزيزن پڙهندڙ جو جن جي محبت هن پورهئي ۾ شامل آهي ۽ مان آخر ۾ اهُو چوندس (**مان جوئي آهيان سو ئي آهيان**).

منهنجا لفظ، درد، اڌمان، اوهان جي سامهُون آهن. اوهان پڙهندڙ اديب، شاعر، ليکڪ، ادب دوست، منهنجي تخليقن کي هن پورهئي کي ڪيترو پسند ڪيو؟ پڙهي ڪري پنهنجي راءِ ضرور ڏيندا. توهان جي پڙهڻ کان پوءِ توهان جي راءِ جو شدت سان انتظار رهندو. هاڻي پنو ورايو ۽ ڪتاب پڙهو !

سنڌ سلامت، ساٿ سلامت!

## رولاڪ آصف ڪالرو

عمرڪوٽ

03110137786

# ا
# نظم

## يادن جي شامِ غريبان

هُو مون سان
ناتو ٽوڙي
وڃي پنهنجي
حقيقي پالڻهار
سان مليو،
هن منهنجي
برداشت جون سڀ
حدون اورانگهي ڇڏيون
ڪائنات جي هر هڪ شئي
مونکي اوپري ويراڳي لڳي
هُو مونکي اڪيلو ڪري
خبر ناهي ڪيڏانهن هليو ويو
آئون رولاڪ ٻڙڄي ڪاري راتن ۾
هن کي تلاش ڪرڻ نڪري پيس
مان هُن کي ڪيترائي سڏ ڪيا
مونسان گڏ ڌرتي ۽ آڪاش پڪاريو
سائڻ، سائڻ...

ٽر بر ۾ منهنجا سڏ گونجڻ لڳا
منهنجا پير پٿون ٿيا
منهنجي پيرن ۾ ڪنڊا ٻہ لڳا
منهنجو جسم مٽي ۾ پيوت ٿي ويو
سڏ سان گڏ سڏڪا ٻہ بلند ٿي ويا
پر ڪٿي ٻہ سائڻ نہ ملي
هن ڪي ڳوليندي ڳوليندي
وڃي قبرستان پهتس
جتي مان ڏٺو تہ ڪيتريون ئي
قبرون دفن آهن
مونکي محسوس ٿيو تہ
هي قبر جيڪا آهي
سائڻ جي آهي
آئون پنهنجا
گوڏا زمين ۾ کوڙي
هٿ آسمان طرف ڪٽي
چيم تون ڪٿي آهين سائڻ؟
آسمان تي چنڊ چمڪي رهيو هو
چنڊ ڏانهن آگر سڌي ڪري
چيم چنڊ تون مونکي اوجاڳا ڏنا آهن
چنڊ تون مونکان ننڊ کسي ورتي آهي
مونکي دردن جا دريا ارپيا آهن
اوچتو مونکي احساس ٿيو تہ
سائڻ جي پاسي واري قبر
منهنجي احساسن جي قبر آهي
وري پنهنجي احساسن جي

قبر جي مٽي مٽ ۾ پڪڙي
چيم اي منهنجا رولاڪ احساس
مان توهان کي دفن ڪري ڇڏيا آهن
پوءِ آئون ڇو ماتم ڪيان ٿو
آئون توکي وري ڳولڻ نڪتو آهيان
مونکي خبر آهي تون بہ
سائڻ سان گڏ دفن ٿي چڪو آهين
مونکي خبر آهي تہ زندگي
جي پھرئين حقيقت ڏک ۽ رنج آهي
ها ها سائڻ...!
هي قبر تنهنجي آهي
هي منهنجي احساس جي قبر آهي
باقي هر طرف منهنجي ارمانن،
خوابن جون ننديون ننديون قبرون آهن
ها سائڻ مان چريو آهيان
مونکي خبر آهي تہ تنهنجي ساهہ وارو پکي
محبت جي وڻ تان اڏمي چڪو آهي
ها تون هن دو رنگي دنيا مان
هميشہ جي لاءِ وئي آهين
مان محبت جي هر چوراهي تي ويهي
تنهنجي موت جو ماتم ڪندس
ڇو جو آئون روز تنهنجي يادن جي
شامِ غريبان ملهائڻ جو عادي ٿي چڪو آهيان...!

◆◆◆

# خاموشي جو رقص

آئون اڄ پنهنجي محبت
جي عبادتگاهه تي
اڪيلو
ويٺو آهيان
هر طرف موت جهڙي
خاموشي ڇانيل آهي
ائين ٿو لڳي  تہ چڻ
منهنجي احساسن کي
موت اچي وئي هجي
زندگي چڻ پرندڙ جبل آهي
۽ آئون رولاڪ ان جبل جي چوٽي
تي ويٺو آهيان
آئون بس ان وقت جو انتظار
ڪري رهيو آهيان
جڏهن  زندگي وارو پرندڙ جبل ڦاٽندو
تہ منهنجو وجود ذرو ذرو ٿي ويندو
ٻاهر آسمان تي چمڪندڙ تارا
موت جهڙي خاموشي تي رقص
ڪري رهيا آهن
چنڊ منهنجي ماتم تي
نوحہ چئي رهيو آهي
گُهلندڙ هوا  ملڪ الموت ٻڻجي
مونکي  سڏ تي ڪري پر
آئون ڪڏهن ڪو مري چڪو آهيان
مونکي ڪڏهن ڪو توسان
گڏ دفنائي ڇڏيو آهي
چوندا آهن تہ هر جاندار شئي کي
هڪ ڇڪر موت ايندو آهي

ها آئون بہ ان ڏينهن توسان گڏ مري
تنهنجي ئي قبر ۾
دفن ٿي ويل لاشو آهيان
اڄ وري تاريخ  پنهنجو پاڻ ڪي
دهرائندي اڄ وري هڪڙو رولاڪ
پنهنجي اجڙي وڇڻ تي داستان لڪندو
منهنجي جيڪا محبت مري چڪي آهي
سان منهنجي لفظن ۾ وري ڌڙڪي اٿندي...!

◆◆◆

# اذيتن جا ساز

دردن جو چوليون
اکين ۾ لٿيون
اذيت جا ساز وڄندا رهيا
آسمان جي ڪاراس
واري ڪشڪول ۾
ڪنهن ستاري جون اکيون
پرنديون رهيون
روح جا خانہ بدوش پرين
تنهنجي يادن جا
بادل اکين ۾ لٿا
چنڊ ۾ چمڪندڙ
چهرو تنهنجو ڏسي
بار دل جو هلڪو ٿي ويو
جاڳ جي گهاٽ تي
هڪ رولاڪ يادن جي
ڦاهي چڙهندو رهيو...!

◆◆◆

## سيني ۾ سمايل سور

رات ڏاڍي اونداهي هئي
هوا وڏي واڪي شوڪا
ڪندي ٿي گذري
تنهائي رات جو سينو
چيريندي ڊوڙندي ٿي وئي
رستن تي بيمار بلبن
جي ميري روشني پکڙيل هئي
آئون پنهنجي محبت جي
عبادتگاهن ڏي وڃي رهيو هيس
زوزات ڪندڙ هوا
مونسان گهڻو ڪجه ڳالهيو
پر مان هن سان ڪجه بہ نہ ڳالهيو
ڇو جو مونکي خبر هُئي
جيڪڏهن آئون ڳالهيندس
تہ سيني ۾ سمايل سورن، آسن
ازيتن جي لڙڪن جا بند ڀڃي
پوندا اکين ۾ لڙڪن ۽ سڏڪن
جو طوفان اچي ويندو
مونکي ائين محسوس ٿيو تہ
آئون بارود جي ڍير تي ويٺل آهيان

منهنجي لفظن جي  باهه جيڪڏهن
بارود جي ڍير تي
ڪري ته بارود ڦاٽي پوندو ۽
منهنجو وجود ذرو ذرو ٿي ويندو
منهنجي جسم مان ساهه ڇڏائجي ويو هُو
ڇڻ آئون لاش هيس
ڪفن وڙهي پنهنجي جسم تي
پنهنجي تابوت ۾ ويهي رهيس
بس سڄي رات چنب کي ڏسندو رهيس...!

•••

## خواب، جواني ۽ الفت

مان ٿورو پاسو ورايم
ته منهنجي بستر تي
منهنجو جسم ٻئي جسم
سان ٽڪريو
جسم عورتاڻو هو
نازڪ، هلڪڙو

خوشبو ۾ ورتل
تون ڪير آهين ؟
مان جواني اڻ جهل عورت آهيان،
جواني جو ڪو نالو هوندو؟
جواني جو نالو الفت آهي،
مان گهڻي وقت کان
الفت لاءِ سڪندو وتان..
هن جي اکين ۾
محبت جو سمنڊ اٿلي پيو
چپن تي چپ رکي چمڻ لڳس ته
هن جو انگ اڀري آيو،
اسان ٻئي هڪ ٻئي ۾ گُم تي وياسين
مدهُوشي جو عالم هو
سياري جي رات هئي
مان ڪمبل سان وڙهجي
هيٺ ڪريس ته
ننڊ مان سجاڳ ٿي
هو ڪنهن خوبصورت خواب
تي پڪيءَ وانگر اڏري وئي...!

# اڪيلائي

دل آئون ۽ اڪيلائي
جڏهن ٻه راتن جو
رلي ڏسان تو،
ڪنڊن جي رستن تان
گذري اڪيلو
پنهنجي اجڙي ويل
عبادتگاهن ڏي وڃان تو
زندگي ۾ رکيو ڇا هي؟
آئون اذيتن جو زهر
روز پي ڏسان تو
هُو وڇڙي وئي مونکان.
زندگي جي سفر ۾.
هڪڙو رولاڪ تي هاڻ جي نہ سگهان تو...!

•••

## نشيلون اکيون

محبوب !
جڏهن تنهنجي خوبصورت اکين
جي گهرائي ۾ ويندو آهيان تہ
هن دنيا کان ڪٿجي ويندو آهيان
مونکي اڪثر ڪري تنهنجي ڪجلين
اکين ۾ وفا ۽ محبت جا
ڏيئا ٻرندا نظر ايندا آهن
اڪثر ڪري اڪيلو ويهي
تنهنجي نشيلي اکين جي سمنڊ ۾
پنهنجي بي پناه محبت جو
سفر تلاش ڪندو آهيان
منهنجو سمورو وجود
تنهنجي نيڻن تي اچي
انت آڻيندو آهي
تنهنجون اکيون آڪاش تي
ڪنهن چمڪندڙ
تاري جيان لڳنديون آهن
تنهنجي ڪلڻ جي ادا تي
سوين ڪائناتن جا گل
وڪريو پوَن

چڪور تنهنجي حسن جي
چانڊوڪي ڏسي مدهوش
ٿيو پوي
او مشڪ! امبر جهڙي ڇوڪري...
تنهنجون اکيون
سنڌو جيان مقدس آهن
اهو ڪڏهن ڪو مري چڪو
جيڪو تنهنجي پلڪن جي
ڇانوري ۾ هو ستو
جنهن تنهنجي نيڻن جي
دلبري سان ڪُنواريون
لانئون لڌيو آهن...!!!

◆◆◆

# پاڇي سان پيار

اڙي دل!
تنهنجا گنگھار آهيون
محبت ڪري سزا وار آهيون
آئون ڪڏهن ڪڏهن
صحرا ۽ رڃ جي طرف
نڪري پوندو آهيان
تتل واري تي جڏهن
سج جا ڪرڻا منهنجي
ميري بدن ڪان پار تي
زمين تي لڳندا آهن
تڏهن آئون بہ ساٿو تي
پوندو آهيان
ڇو جو آئون رولاڪ آهيان
آئون ڪنهن حور جو رولاڪ آهيان
آئون اڪثر ڪري پاڇن تي
اعتبار ڪرڻ جو هيراڪ آهيان
مونکي خبر آهي تہ
اڄ ڪله جي دور ۾ پاڇا
انسان ڪان بہ وڌيڪ تيز ڊوڙندا آهن
مان ڇاڻا تو تہ
آئون انهن پاڇن ڪي
ڪونہ پڇندس
بس پٺيان ڊوڙندو رهندس
مان هر تحرير
هن پاڇولي تي لکي آهي

جنهن سان مان
روز پيار ڪندو آهيان
ڪڏهن تصور ۾ تہ
ڪڏهن حقيقت ۾
مونکي ڪڏهن ڪڏهن
پنهنجي
پاڻ تي ڪل ايندي آهي
يا وري ڪڏهن ڪڏهن
پاڇن سان منهنجي محبت
جي شدت ۽ سچائي ڏسي
مونکي پاڻ تي ڏک ٿيندو آهي
تہ مان رولاڪ جنهن سان پيار
ڪري ويٺو آهيان
جنهن کي روشني
سمجهي ويٺو آهيان
سو تہ بس پاڇولو آهي
وري پنهنجي ئي غلطين تي
ٿهڪ ڏئي سوچيندو آهيان
هو پاڇولو آهي
۽ آئون فريب دوکو
کائڻ جو شوقين آهيان
مان هڪ ڏينهن پنهنجي
پاڇولي کي چيو هو
آئون وري دوکو کائڻ گهران ٿو
مونکي تون دوکو ڏيندين
مان وري توسان پيار گهران ٿو

تون ٿوري تڪليف ڪر
مونکي دوکو ڏي
منهنجي پاڇي
مونکي جواب ڏنو
توکي يقين جي نالي تي دوکو ڏيان
ڇيم ها مونکي يقين جي
نالي تي دوکو ڏي
پاڇو روڊ تي لڳل بلب جي
روشني ۾ ڇرڻ لڳو
وارائي ڇيائين
توکي يقين جي نالي تي دوکو ڏيان
ڇيم ها مونکي يقين جي
نالي تي دوکو ڏي
تنهائي جي آواز
ديوارن سان ٽڪرائجي
منهنجي وجود کي جنجهورڻ لڳي
ڪاري رات جي صدا چوڻ لڳي
رولاڪ آئون تنهنجي آهيان
تون صرف منهنجو آهين
مونکان سواءِ
ٻئي ڪنهن جو ٿي نہ سگهندين
دماغ جي مقبرن ۾
هن جي لفظن جي آواز بلند
ٿيڻ لڳو
دل موئن جي دڙي جي
آثارن وانگر زبون لڳي

وهندڙ اکين جو آب اگهندين
ڇيم ها تنهائي
مان تنهنجو آهيان
هوائن جا شوڪا تيز ٿيڻ لڳا
پاڇولو مونسان گڏ ڦرڻ لڳو
شهر جي روشناتي بلبن جي
چمڪاٽ ڪي ڏسندين
ڇيم آئون دوکو کائڻ
جو شوقين آهيان
آئون بس پاڇولن سان
پيار ڪرڻ واري
موسم تي يقين ڪندو آهيان
آئون روز نئين درد کي جنم ڏئي
ان تي لکڻ پسند ڪندو آهيان
ڇو جو مون وٽ روح جي
زخمن جي تجارت آهي
مان وٽ اٿپورن
خوابن جي ملڪيت آهي
مان پاڇولن سان پيار ڪرڻ
لاءِ نڪتل رولاڪ آهيان
مونکي محبت جي دليلن
سان نہ پرچائي
مان فريب کائڻ جو
عادي ٿي چڪو آهيان.

◆◆◆

# منهنجا خواب سپ چورا چنا !

دريا وانگر
وهندڙ وقت ڪي تہ
مان روڪي نہ سگهندس
بس ڪجھ وقت
دردن جي محفل مچائي
وري ساھ واري پڪي ڪي
ڪجھ گهڙين لاءِ
سڪرات مان ڪڍي
ڪلي فضا ۾ ڇڏي ڏيان ٿو
يا وري ڪاري رات ۾
پنهنجي دردن جو صليب ڪڍي
نڪري پوندو آهيان
يا وري پيپن پنو ڪڍي
پنهنجي اجڙڻ تي نوحہ لکي
ڪجھ دير لاءِ
تنهنجي يادن کي
پرسو ڏيندو آهيان
ڪڏهن تہ وري
پنهنجي ڀتون ۾
هڪ عورت جي تصوير آهي
جيڪا مان اڪثر ڏسي
مسڪرائيندو آهيان

پنهنجي اذيتن جي لمحن ۾
هُو عورت مونکي
گهڻو ياد ايندي آهي
شايد مان هن اداسي جي
سفر ۾ هلي هلي
پٿر دل ٿي ويا آهيان
منهنجا خواب سڀ
چورا چنا ٿي ويا آهن
زندگي جي سفر ۾
ڪڏهن سوچيندي سوچيندي
پنهنجي سيني حسرتن تي
مايوسين جو هٿ
مليندو رهجي ويندو آهيان
يا پنهنجي محبت جي عبادتگاهن تي
هليو ويندو آهيان
مان ڪاري رات ۾ نڪتل
رولاڪ چنڊ سان پنهنجي
دل جو حال اوري رهيو هيس تہ
اچانڪ ڪائنات جو
ڪل حسن رکندڙ
منهنجي خيالي دنيا
جي شهزادي
جيڪا منهنجي خيالي دنيا
جي حور آهي
جيڪا بس منهنجي خيالي دنيا آهي
اچي سامهون بيٺي

**ڇپائين**

**اڱڻ ۾ ڪھڙي عورت جو**

**ذڪر ڪري رھيو ھئين؟**

**منھنجي ڇھري تي**

**ابدي مرڪ تري آئي**

**ڇيم نہ نہ**

**مان ڪنھن جو ذڪر ڪندس**

**ڇپائين نہ ٻڌا ھو ڪير آ؟**

**جنھن جي تصوير**

**تنھنجي ٻُڪون ۾ آھي**

**ڇيم منھنجي ٻڪُون ۾**

**جنھن عورت جي تصوير آھي**

**سا منھنجي پياري ماءُ آھي**

**جيڪا ھن دنيا ۾ ناھي**

**مان اڪثر تنھائي ۾**

**اڪيلي سر**

**پنھنجي ماءُ سان**

**ڳالھيون ڪندو آھيان...!**

◆◆◆

## هار ايل جواري

رات پنهنجي ڪاري لباس
جا رنگ شهر مٿان اڇلائي
رهي آهي
مان آڪاش تي ڪڪرن جي
چادر پويان لڪيل
چنڊ کي ڳولهي رهيو آهيان
مان هڪ هار ايل جواري جيان
سڀ ڪجھ هارائي ويٺو آهيان
منهنجي دل موهن جو دڙو آهي
جنهن ۾ سڪ ٽي ڇڪ جي
سچائي جا سڪا دفن آهن
جن کي تون ئي ڪوٺي
ڪڍي سگهين ٿي
محبتن جي مورتين جا مجسما
تنهنجي لاءِ اچا تائين
انتظار جي قبر ۾ دفن آهن
ٽي مان تنهنجي يادن جو
ڪشڪول کڻي
سورن جي سهيلين کي سڏڻ

ڏئي محبت جي محفل مچائي
پنهنجي اڌوري محبت جو
ڪتاب ڪٽي جڏهن
لکڻ شروع ڪندو آهيان
تڏهن دنيا کان
ڪٽجي ويندو آهيان
منهنجي سوچ جو سمنڊ
اکين ۾ اٿلي پوندو آهي
زندگي اڄ مان اداس آهيان
ڇو جو؟
منهنجي سورن جو ساٿي
آسمان تي بيٺل چنڊ آهي
جيڪو اڄ پاڻ تي ڪڪرن جي
چادر اوڍي خبر ناهي
ڪهڙي ڪنڊ ۾ سمهي رهيو آهي...!؟

◆◆◆

# اڌوري محبت

پاڻ ڏانهن گهرائي
مونکي اي خدا ...
محبت ۾ ڇا آهي مليو
مرڻ لاءِ زهرهڪ ڇڪر
پر جئڻ لاءِ زهر
روز پيئڻو پوندو آهي
مان مايوس ناهيان
مان جئڻ لاءِ تنهنجي يادن
جي قبر کوٽڻ ۾ مصروف آهيان
مان اندر ئي اندر ۾
ڪچي قبر وانگر ٽٽي پيو آهيان
ها مون تي بہ ڪنهن اڇي اجري
اپسرائن جي ٽولي جي راڻي
ڇوڪري بہ ڏينهن جي محبت ڏئي
پوءِ منهنجي دل ۾
پنهنجي محبت جون سرحدو لڳائي
مونکان منهن مٽي
هميشہ جي لاءِ پنهنجون
راهون الڳ ڪري وئي
هاڻ مان بہ خوابن جا تابوت ڪٽي
تمنائن جي رُج ۾ اڇلي ڇڏيا آهن
۽ مان چنڊ جي روشني سان
پنهنجي دل جي نگري آباد ڪندو آهيان.

## اندر جي آس

لفظن جي چار ۾ قاتل
هڪڙو رولاڪ
پنهنجي چنڊ کان
وڌيڪ خوبصورت
آسمان کان وڌيڪ
وشال جذبا رکڻ
واري ڪلٽي ڇوڪري
جي اڇڻ جا گس نهاري پيو
تنهنجي اڇڻ جي آس جو ڏئيو
مان تنهنجي عطر جهڙي خوشبو ۾
جلائڻ شروع ڪيو آهي
مونکي خبر آ تون
ڪل ڪائنات جو
حسن رکندڙ ڇوڪري
ڪي منهنجا فضول ۽ آواره
لفظ سمجھ ۾ نہ ايندا
پر منهنجي دل جي نگري ۾

تنهنجي ٿڪن جي ڌمال
اڄ بہ جاري آهي
جتي منهنجا خواب
اگهاڙي پير رقص ڪرڻ تا لڳن
تنهنجو سمنڊ جي
گهرائي جهڙيون خوبصورت اکيون آهن
ڊرتي تنهنجي
شرمائڻ ۾ مهڪي اٿي ٿي
جڏهن بہ توکي
محسوس ڪرڻ لڳندو آهيان
تڏهن منهنجي دل تي
تنهنجي چاهت جا انيڪ
پوپٽ حرڪت ڪرڻ لڳندا آهن
پر لڙڪ وري ڳلڙن تان ڪِري
تنهنجي يادن کي تا چميون ڏين
انهن يادن کي جيڪي
منهنجي خوابن جا آهن
جڏهن تون اوچتو مون سان
اکيون اٽڪايون
تڏهن مان محسوس ڪيو تہ
تنهنجو چهرو حيا ۾
شرم شار ٿي ويو هو
تون منهنجي خوابن ۾
گم ٿي ويل ڇوڪري
هن مهل تنهنجو چهرو
پسجي تہ پڪ سان ڪنهن گلاب

جي ڳل ڪان گهٽ ته نه ٿي لڳو
تڏهن مان توکي لفظن جي
چپن سان چميو آهي
جيڪڏهن اهيو منهنجو
ڏوهه آهي ته
ها مان ڏوهاري آهيان
ها مان تنهنجو
جوابدار ٿي رهندس
بس منهنجي محبت جي
ضمانت ڪڻ
يا پنهنجي ٻانهن جي
هٿڪڙي هڻي
مونکي هميشه جي لاءِ
پنهنجي محبت ۾
چالان ڪري ڇڏ
مونکي منهنجي
هن خط جو جواب
ضرور ڏجان
يا سپني خطن وانگر
هن جا به چار ٽڪرا ڪري
سنڌ جي سريلي
هوائن کي ارپي ڇڏجان
جواب مونکي پاڻهي ملي ويندو...!

•••

# اداس راهون

اداس راهون
جڏهن شام جي
پاڇن ۾ توهه وانگر
ڪَڙيون لڳن
جڏهن من تان محبت جا
رنگيلا پوپٽ
رقص ڪرڻ ڇڏي ڏين
ته ڪنهن چو واٽي تي وري
منهنجي ياد جي شمع روشن ڪجان
منهنجي دل جي صحرا تي
جڏهن تنهنجي يادن جي
هڏڪي ٿيندي
تڏهن منهنجي محبت جو
پکي اوچتو پڙڪو ڏئي
اڏامندي محسوس ٿيندو
زندگي ۾ ٻيهر آئون توکان
جدا ٿيڻ لاءِ
تنهنجي اميدن جي
اڱڻ تي لهندس
ورهين جي وڇوڙي
وارو دفن لاشو ڪيي
پنهنجي مجبورين ۽ ناڪامين
تي سوين لڙڪ هاري
پنهنجي مرڻ تي حوالو لکي
وري سڏڪن جو پرسو ڏئي
پنهنجي ئي ڪفن سان
ڳرانڙيون پائي روئندس.

•••

# آخري منزل

ها هڪ ڏينهن
تون به مون سان
محبت ڪندين
ها هڪ ڏينهن تون به
منهنجو چهرو
ڏسڻ لاءِ پنڌ ڪندين
ها هڪ ڏينهن منهنجي
لاءِ به تنهنجي اکين ۾
لڙڪ هوندا
زندگي ان ڏينهن مان
پنهنجي آخري
منزل جي بلڪل ويجهو هوندس
جنهن ڏينهن تون
منهنجي پيراندي ويهي
مونکي سڏيندين
جڏهن مان
تنهنجو آواز ته ٻڌندس
پر توکي ڪو جواب
نه ڏئي سگهندس
ان ڏينهن مان
اڇي ڪفن ۾ گهوٽ بڻجي
پنهنجي ڌرتي ماءُ جي
پيٽ ۾ دفن ٿيندس

ان ڏينهن تون ٻہ مون سان
محبت ڪندين
جنهن ڏينهن مان
ٽٽل ستاري وانگر
ڪاري راتن ۾
گم ٿي ويندس
ها زندگي
هڪ ڏينهن تون ٻہ
مون سان محبت ڪندين
ها هڪ ڏينهن
پنهنجي ناٽڪي جي
قبر تي گلاب رکندين...!!!

◆◆◆

# سُڏڪن جو پُرسو

جيڪي راتيون مان
تنهائي جي رُج ۾
گذاريون آهن
اهي راتيون چڱ
مان سنسان گهاٽن
۾ گمنام قبرن جي
لاوارث لاشن وانگر
بي ڪفن ۽ تنها گذاريون آهن
مان زندگي ۾
هميشه وڃايو آهي
ڪڏهن به حاصل ناهي ڪيو
مونکي خبر نه هئي ته
منهنجي زندگي
۾ اهڙا بي بقا ڏينهن به ايندا
جو مان ڪاري رات جي
تنهائي ۾ ويهي
تنهنجي يادن کي
سڏڪن جو پرسو ڏيندس
پر تون منهنجي من جي
عبادتگاهه ڇڏي
خبر ناهي ڪهڙي دنيا
۾ گم آهين
آئون پنهنجي اکين ۾
تنهنجي يادين جا مرچ وجهي
زندگي جي چوواٽي تي ويهي

توکي پل پل ساري
بيوسي جا لڙڪ
هاريان پيو
ڇو جو
ها مان ئي
تنهنجو رولاڪ آهيان
ڏس مان ڪيڏو
بدنصيب آهيان
مونکي پنهنجي لفظن سان
ڳرانڙي پائي
روئڻ جو بہ وقت نہ مليو
متي ڏس مونکي اڪيلو ڏسي
تارا بہ لڪي ويا
منهنجا احساس بہ
لاوارث ٻار تي
شهر جي چانڊوڪين ۾
رلي ويا ڪاري راتن جي تنهائي
۾ سناٽا ڏئي گذرندڙ هوا
مون سان دوستي ڪري ويئي
ڏس هاڻ مان رولاڪ ۽
ٽوهر ساڳي ڳاله آهيون...!

◆◆◆

# خاموشي

رولاڪ جي خاموشي ۾
اڻ پيتي محبت جو
درد سمايل هوندو
انهن اذيتن جو درد
جيڪو تنهنجي
جدائي جي وقت
منهنجي جهولي ۾ وڌا ويا
انهن ٽُٽل خوابن جا ٽڪرا
ڪيئن سنڀاليان ڀڌائي
ڪٿي پنهنجن
خوابن جي تعبير ڳوليان
ڪڏهن مونکي لڳندو آهي

مان ڪو مسافر آهيان
ڪڏهن لڳندو آهي ته
مان ڪو رڻ پٽ آهيان
ڪنهن مهل لڳندو آهي ته
مان رڃ آهيان
ڪڏهن لڳندو آهي
ته پنهنجي وجود تي
تنهنجي وجود جو
احساس آهيان
ڪڏهن وري لڳندو اٿم ته
پاڻ ٻئي وڇوڙي جي
علامت آهيون
جيڪو ڪڏهن به
گڏ نه ٿي سگهنداسين
جئين ڪنهن
سُڪل ندي جي ڪنارن وانگر...!

◆◆◆

## ڊائري !

اڄ مان پنهنجي
ڊائري جي ورقن ۾
پنهنجي اڌوري تحريرن جو
مفهوم لکي رهيو آهيان
زندگي جو سڄو درد
اڄ اوهان جي سامهون
هن ڊائري جي صفن ۾
قيد ڪرڻ چاهيان ٿو
انهن سيني گهڙين کي
جيڪي منهنجي دردن. ازيتن. وحشيت
جون گهڙيون رهيون آهن
مان پنهنجي زندگي جو سچو
سچ پنهنجي اڻ پورين تحريرن ۾
بيان ڪيان ٿو
مونسان گڏ منهنجي
تحريرون بہ اڻپوريون رهيون آهن
مونکي خبر آهي تہ زندگي ڏکي آهي
پر منهنجا لفظ بہ شايد زندگي جي
زهر کان بہ وڌيڪ ڪوڙا هجن

هنن لفظن جو مفهوم پنهنجي
درد جي احساس
ذريعي سمجهي سگهجي ٿو
خبر آ جڏهن
انسان اڪيلائي جي
جنگ ۾ اڪيلو لهندو آهي
تڏهن لفظ بہ ساٿ
ڇڏي ويندا آهن
فقط ڳوڙها ئي هوندا آهن
جيڪي من جي
لڳل باهہ ڪي وسائڻ ۾
مدد ڪندا آهن
جڏهن اڪيلائي ماڻهو جو
نصيب بڻجي ويندي آهي
تڏهن هن جي دل ڪنهن ويران
غار جي مثل ٿي ويندي آهي
۽ ويران غار ۾ اڪثر مِرون پناهہ وٺندا آهن
دوست پنهنجي دل ويران غار نہ ٿيڻ
ڏيو ن تہ محبت جا هرڻ
وقت جي مِرون هٿان مارجي ويندا...!

◆◆◆

# اڪيلائي جا وارث

مون ڪي نہ سهي
پر گهٽ ۾ گهٽ
منهنجي لفظن ڪي تہ
نظر مان ڪڍ
ائين نہ ٿئي
جو منهنجا لکيل لفظ بہ
مان وانگر رولاڪ ٿي وڃن
يا منهنجي خوابن ڪي وري
ڪو نانگ ڪُڪي وڃي
خبر اٿئي !
اسان اڪيلائي جا وارث
ايترا معتبر نا هيون
جو پنهنجي ئي لاش تي
هڪ نئي تاريخ لکون...!

•••

## امان...

امان تنهنجي ياد جا
ڪارا ڪڪر منهنجي
ويڙهاڳي من تي
سانوڻ جي برسات جيان
اويرا ڪري وسڻ لڳا آهن
منهنجي صبر جو گهڙو
وقت جي هٿ مان ڪِري
پَٽ تي ٽُٽي پيو آهي
وحشتناڪ اسُر
اکين آڏو اچي بيهندي آهي.
امان تنهنجي وڃڻ کان پوءِ
اسان لاءِ چڻ ڪائنات
ذرو ذرو ٿي وئي آهي
امان تنهنجي يادن جي
شمع جلائڻ کان پوءِ
مان اڪثر ڏسندو آهيان
تہ منهنجو درد اکين جي دريا
مان ٿي لفظن جون ڇوليون ڪٽي
پني جي ڪناري تي
پنهنجا عڪس ڇڏيندو آهي
امان مان وقت جي ڇيچ مان ڪري
ويل ڇلو آهيان
جيڪي دنيا جي بي رحم
بوٽن هيٺيان لتاڙجي چڪو آهي...!!!

## خانہ بدوش

ڇا چوان مان
پنهنجي انهن لفظن کي
جيڪي پٿرن جي شهر ۾
احساس جي ڇانوَ ڳوليندين
رلي رهيان آهن
يا خانہ بدوش جي خيمن جيان
سنڌ جي درد ڀري هوائن ۾
پکڙي رهيا آهن
منهنجون تحريرون
اوجاڳن جي صحفن تي
لکيل هجن يا سوڳ جي
زبان سان ڇئي ڏيان
پر منهنجي وجود ۾
روح جي ڇانڊوڪي نا هي رهي
اڄ پڙهي ڏس
منهنجي لفظ لفظ کي

جنهن ۾ محبت
درد، اذيت واضح آهي
منهنجي اکين ڪان
ننڊ پرايو ديس ٿي وئي آهي
مان چاڻان ٿو
منهنجون تحريرون
رات جي ڪاري پهر ۾
اوهان سيني جي چپن تي
اچي پناه وٺنديون
۽ لفظ لفظ سان
ڳرانڙيون پائي
اوچنگارون ڏئي روئنديون
هي جيڪي سختين جا
سفر آهن
ان تي هلي منهنجي
اکين جون
اميدون ڪچا ٻار ڪرائينديون
۽ محبت جون مچيون مري وينديون...!!!

◆◆◆

## ڪاري رات چنڊ ۽ مان

گفتگو سڄي رات ڪندا هئاسين
ڪٿي رات پوندي هئي.
پر نہ ڪٿنديون هيون تہ.
منهنجو ڳالهيون ۽ هن جا ٿهڪ
اڄ ڪاري راتين ۾
مان تنها آهيان
دردن جي کاڻي
ڪوڙ جي لفظن سان
ناهي لکبي ها مڃان ٿو
زمين محبت کان وڏي ناهي
نہ آسمان عشق کان وڏو آهي
پر محبت ڪرڻ وارن
اسان جهڙن فقيرن جو عقيدو
پڪو آهي محبت تي اڄ
بہ ايمان ساڳيو آهي
مان پنهنجي ماضي کان
وٺي حال تائين جون
غلطيون سڀ ورجائڻ نٿو چاهيان
مونکي ڪڏهن پنهنجي لفظن سان
ڳرانڻيون پائي روئڻ جو موقعو بہ نہ مليو
ڪڏهن سوچيندو آهيان
تہ منهنجي لفظن جي خوشبو
مري وئي
منهنجا خواب ٽٽي ويا

مونسان گڏ چمڪندڙ
ستارا بہ لڪي ويا
منهنجا احساس لاوارث ٿي
ڪنهن خانہ بدوش جي
ٻارن وانگر رلي رهيا آهن
مان دردن جي
سيلاب مان نڪري
ڪجه گهڙيون لڪڻ شروع ڪندو آهيان
ڪاري راتين جا پهر
منهنجي اڱڻ تي
ڪجه سڏڪن جي
سهلين ڪي سڏو ڏئي
محبت جي محفل مچائي
پاڻ سان گڏ ويٺل
تنهائي ڪي
درد جا نوحہ ارپي
پنهنجي خوابن جا تابوت ڪٽي
وري دفنائڻ واري
روايت شروع ڪندو آهيان
مون ڪي اعتراف
آهي تہ مان پنهنجي
غم پسند طبعيت
جو عڪس ڪٽي
اوهان دوستن جي حيات وجود تي
وجهي ڇڏيندو آهيان ...!!!

# ٻن ڏينهن جي محبت

ها مون
تي ٻه ڪنهن
احسان ڪيو هو،
ڪجھ ڏينهن جي محبت ڏئي،
پنهنجي ٻانهن جو
ڳلي ۾ هار وجهي
وري منهنجي وجود کي
پنهنجي يادن جي
سزا ڏني هئي
وري محبت جي نئي،
تاريخ لکي وئي
منهنجا درد وري
تازه ٿي ويا،
دل جيڪا مدتن کان
تمنائي،
جي تپش کان محروم هئي
سا وري ڦٿڪي پئي
پنهنجو پاڻ
کي پرچائڻ سرچائڻ
جي ڪوشش ڪيم
ته هو هڪ خواب آهي
هن جو حقيقت
سان ڪوبه تعلق ناهي
بس منهنجي دل ٽٽي پئي
منهنجا احساس وري
زخمي ٿي پيا...!

# اذيتن جي سلطنت

مان زندگي سان
حساب چڪتو ڪري
ڇڏيو آهي
هاڻي ڪي ٻه ڏک سور
گناهه، ثواب، پيڙائون
پيشيمانيون نه رهيون آهن
بس آئون اذيتن جي راتين جو
رولاڪ گڏ ڪري رهيو آهيان
ماڻهن جا لاوارثي وارا لهجا
منهنجا قتل ٿيل خواب
اکين جي سمنڊ مان
نڪرندڙ ڳوڙها
منهنجي احساسن جي اڳهاڙپ
سيني جي ڪروڙ جا ڪجهه گل
شام جي اداسين ۾ تڙپندڙ وجود
سنڌ امڙ جي تِج جا ڪجه ڦڙا
ڇو جو مونکي هڪڙو خط

لکڻو آهي
انهن جوانن ڏي
جنهن مونسان گڏجي
سنڌو ديش جا نعرا هنيا آهن
مونکي پنهنجي تڪليفن سان گڏ
سنڌ جي سورن تي ٻہ
نئين تاريخ لکڻ کپي
مونکي انهن لاپتا سنڌي
دوستن جي
روئندڙ مائن جي ڳوڙهن سان
نئين تاريخ لکڻي آهي
ٻڌو! زمانو بدلجي چڪو آهي
مونسان پراڻا سوال ڪرڻ بند ڪيو
وقت ڪڏهن ٻہ پنهنجي آرسي ۾
پنهنجو چهرو نٿو ڏسي
پر هو خود ماڻهن جي چهري کي
آرسيون بڻائي ڇڏيندو آهي
منهنجي چهري تي
شڪست جا تاثر ناهن
تون ڇا ٿو ڄاڻڻ چاهين تہ
مان ڪير آهيان
تہ ٻڌ مان ان بيوس عورت جو پٽ آهيان
جنهن سان تاريخ ۾ مائٽيلي ماءُ
وارو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي
ها مان ٻہ سنڌ ڌرتي جو
اڻ ڳڻيو پٽ آهيان

جنهن پنهنجي زندگي جي
اذيتن سان گڏ
پنهنجي ماءُ جي ڏکن تي به
نوحه لکيا آهن
منهنجو نالو به ساڳيو آهي
مان به مٽي جو هڪڙو جسم آهيان
منهنجي عمر به ڦوهه جواني جي
ڏاڪي ۾ پهتي آهي
گل ۽ انسان جي ڇمار تي
ڀروسو ڪهڙو
ها باقي سچ ٿو چوين ته
مون وٽ ڪا وڏي ڊگري ڪونهي
منهنجي لفظن مان
ڪويتائون ٺهندو
ڇو جو مونکي پنهنجا
احساس لکڻ لاءِ
ڪنهن ڪتاب جي
ضرورت نٿي پوي
من جڏهن احساسن ۽ جذبن
جا بت تراشي ٻاهر
نڪرندو آهي
ته ڪائنات هڪ وڏو
سچ لڳندي آهي
ڇا تون سمجهين ٿو
تنهنجي سوالن جا جواب
توکي منهنجي

هڪڙي تحرير ۾ ملي ويا آهن
ها مان ۽ سردار آهيان
پنهنجي لفظن جو
پنهنجي خيالي دنيا جو
ها ڏس آئون دردن، اذيتن
جي سلطنت پنهنجي هٿن جي
تري تي ڪٽي بيٺل آهيان
ها اچي ڏس مان ۽ اپ تي
ساڳيو ڪاري راتين جو
رولاڪ چنب آهيان...!!!

◆◆◆

## مري ويل انسان

مان پنهنجي زندگي
جا سمورا پل
اڪيلا گذاريا آهن
آئون پنهنجي دنيا
جو مالڪ آهيان
آئون هڪ مري ويل
انسان آهيان
مان روحاني خودڪشي ڪري
پنهنجي روح کي
دوزخ جي باهه ۾ اڇلي ڇڏيو آهي
آئون پنهنجي زندگي کان
محروم آهيان
رولاڪين ۾ رلندي رلندي
مان هميشہ چنڊ کي ڇُهڻ
جي تمنا ڪئي آهي
مان هميشہ تنهنجي موٽي
اچڻ جي انتظار ۾
هر رات رولاڪين ۾ گذاري
مونکي خبر آهي
تون ڪڏهن بہ موٽي نہ ايندي
پر آئون توکي خوابن ۾
ڳولهندو آهيان

مونکي خبر آهي
تون منهنجي ڪري
نئون جنم وٺنديـن
تون ڪنهن حور جي روپ ڌاري
وري موٽي ايندي
تنهنجي سڏ جا آواز
منهنجي ڪنن ۾ اڃ بہ گونجندا آهن
آئون قيامت ڏينهن بہ
تنهنجي سڏ تي اٿندس
نہ تہ مرڻ ڪان پوءِ
مونکي عزرائيل بہ
ننڊ مان اٿاري نہ سگھندو
مان تنهنجي سڏ جي پويان
ڪيترا ئي سڏ لنوايان آهن...!

◆◆◆

# منهنجي دل دشمن آهي

آئون قعلي جي
چوٽي تي رولاڪ ٻڄي
رلي رهيو آهيان
منهنجي ٽٽل وجود جي
شيشن ڪي
شوڪا ڏئي گذرندڙ هوا
چيڙائي رهي آهي
تارا منهنجي رولاڪين تي
نوحہ پيا چون
دل دردن ڪي
هنڌورن ۾ لوڏا پئي ڏي
مونکي خبر آهي
دل منهنجي دشمن آهي
آئون انهن جي اچڻ
جي آس ۾ ڏئيا ٻاري
ويٺو آهيان
جنهن ڪي اچڻو ئي ناهي
منهنجون اکيون گرم ريت تي
وڇايل هوندو آهن
منهنجا جذبا شهيدن وانگر
سج جي تپش هيٺ
پيا ٻرڪندا آهن
جڏهن اميدن جي شام
اچي ٿيندي آهي

تڏهن دل ڪنهن ڪُنُل پڪي جيان
پئي تڙپندي آهي
آئون ڪڏهن ڪڏهن دل کي
ڪوڙن دلاسن سان پرچائيندو آهيان
مونکي خبر آهي
منهنجي دل دشمن آهي
هڪ ڏينهن منهنجي دل
ڪنهن حور سان شادي ڪرڻ
جي ضد ڪري ويهي رهي
مونکي خبر آهي
حورون مون جهڙي گنگهار جي
نصيب ۾ نا هن هونديون
اسين ٻئي چريا آهيون
دل وري سوچ جي سمنڊ
۾ لهي وئي سوچيم تہ
آئون رولاڪ بي چئي دل جون
حسرتون ڪيئن پورو ڪندس
آئون پنهنجي بي چئي دل کي
سمنڊ جي تيخاني ۾
ڦٽي ڪري ڇڏيندس
نہ هُوندي نہ ڪا وري
نئي فرمائش ڪندي....!!

◆◆◆

# الزامن جا جملا

مونکي خبر نہ هئي

تہ تون مونسان

سسئي ٻڻجي پيار ڪندين

پنهون جو درجو ڏئي

مونکي ديوتا ڪوٺيندين

جڏهن آئون پيار جي ڪوڙڪي

۾ ڦاسي ويندس

تنهنجي بي پناھ عبادت ڪندس

تہ تون نئي روايت قائم ڪري

وري ديوتا ٿي ويندين

ان ڪان اڳ جو مان هميشہ جي لاءِ

تنهنجي زندگي مان هليو وڃان

مان ايترو اظهار ڪندس

تہ مونکي هاڻ
پاڻ سان بہ محبت ڪونهي
محبت جو رشتو جڏهن ٽٽي
ڏار ٿي ويندو آهي
تڏهن الزامن جا جملا
اظهار جي قوت وڃائي
بي معنيٰ ٿي پوندا آهن
هن فاني دنيا ۾ هر ڪوئي
پنهنجي مطلب لاءِ جيئڻ
چاهي ٿو پر
مان روز پنهنجي مري ويل
محبت جو چاڙيون ٻڌندس
خبر آ نہ جڏهن من جي مندر ۾
اوندھ هوندي آهي
تڏهن دنيا جو روشني پائڻ نہ پوندي آهي
يا وري مان جهڙي ڪنهن رولاڪ لاءِ
ستن سِجن جي روشني بہ مقصدٿي پوندي آهي.

◆◆◆

## خوش قسمتي

هو منهنجي در تائين آئي،
هيڏانهن هونڏانهن
ڏسي ٿورو مسڪرائيندي
چيائين
تنهنجي زندگي وانگر
تنهنجي گهر جي هر
شئي وکريل ۽ اڻ ترتيب پيل آهي
چيومانس تہ ها
منهنجي روم ۾ ڪپڙا، پرفيوم،
ڪتاب، پراڻيو اخبارون
اڻ ڌوتل چانه وارو ڪپ
منهنجا اڌڙيل سپنا
وکريل خواب
بي ڪفن ارمان
منهنجي رولاڪين واريون
ڏکهون راتيون سڀ
اڻ ترتيب پيل آهن
ٿورو مسڪرائي وري
اوندا هين ۾ گم ٿي وئي...!!!

•••

# هنج

ڪڏهن ڪڏهن محسوس
ٿيندو اٿم تہ منهنجي لاءِ
هن دنيا ۾ ڪا اهڙي هنج ناهي
جنهن ۾ پنهنجو منهن لڪائي
ڪجه پل روئي وٺان
ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو وجود
بہ مونکي پاڻ تي بار
لڳندو آهي
دل چوي ٿي
اڄ شراب پي پنهنجي من
جي لڱل باھ کي وسائي ڇڏيان
يا وري ڪنهن تنهائي ۾ ويهي
پنهنجي محرومين تي لڙڪ لاڙي
دل جو غبار هلڪو ڪري ڇڏيان
مان چاٽان ٿو
منهنجو هڪ نہ هڪ ڏينهن
صبر ٽٽي پوندو
ان ڏينهن آئون ايترو روئندس جو
ڪو بہ ٻيو رولاڪ روئي نہ سگهندو
مونکان پوءِ جيڪو بہ ايندو
سو پنهجن اذيتن، دردن، ڏکن تي
روئي نہ سگهندو
ڇو جو آئون سيني رولاڪن جا
درد ، پيڙا، ازيتون، محروميون،
پاڻ سان گڏ کڻي ويندس....!

# آخري سفر

دل سڪرات ۾ پئجي وئي
ذهن ۾ ملائڪن جي سوالن
جا گهنڊ پئي وڳا
اڪيون ڇت ۾ وجي ڪتيون
ڪن سڀ ڪجھ ٻڌڻ پيا پر
چپ جواب ڏيڻ جي
سگهه وڃائي ويٺا
بس دنيا جي روشنائي بلبن
۽ ماڻهن جي پيرن جي آواز
تي خبر پئي ته دنيا هاڻ
ٿوري سجاڳ ٿي آهي
جيڪا منهنجي لاءِ ازل کان
ڪنهن پياري ننڊ ۾ ستل هئي
سڀ سنگتي ساٿي
پنهنجا پراوا
منهنجي آخري سفر جي
ڪافلي ۾ شامل ٿيا
منهنجي لاءِ ڇڻ ڪا
راهه روشن نه هئي
هر طرف اونده جو منظر هو
بس روئڻ ۽ اوچنگارون جو آواز
پئي آيو
دل چيو اٿان
پر اٿي نه سگهيس
منهنجي خوابن واري آخري سٽي

بستري تي ڪٽ ڪي چنبا هٽي
روئڻ وارن مونکي ايترو احساس
ضرور ڏياريو تہ آئون اڄ
پنهنجي زندگي جي آخري سفر
تي وڃي رهيو آهيان
مان اڄ خالي هٿ آهيان
نہ مان ڪنهن ڪان موڪلاڻي ڪئي
نہ ڪنهن کي ڪجه ٻڌائي سگهيس
نہ پنهنجن سان هينئڙو
هنڊائي سگهيس.
منهنجي قافلي ۾ اوپرا اجنبي
شخص بہ هئا
بس سڀ پنهنجي مطلب جي لاءِ
متائي متائي ڪلهو ڏئي رهيا هئا
دل چيو ڪنهن پڪي جيان
اڏامي وڃان
نہ ڪنهن کي سڏ ڪيان
نہ ڪو آواز ٻڌي
منهنجو هي ڪهڙو سفر آهي
جو اجنبي شخص بہ
پنهنجي مطلب خاطر
هر هر ڪلهو ڏئي رهيا هئا
زندگي جي هر سفر ۾
ازل ڪان اڪيلو هيس
هينئر سڀ مونکي
پنهنجي ڪلهن تي ڪڻي

ثواب ته حاصل ڪرڻ چاهين
نه پوئتي ڏسي سگهيس نه اڳتي
بس ماڻهو هلندا رهيا
ڪٽ لڏندي رهي
آئون خاموش ۽ بيوس
مات جي آخري سفر ۾
بس ڏسندو رهيس
مونکي احساس ٿيو ته
اڄ جيجل جي جهولي ڇڏي
بابا سائين جي شفقت ڇڏي
سنگتي ساٿي پنهنجا پروا ڇڏي
آئون ڪيئن چپ چاپ
نئين سفر تي روانو ٿي ويس
اڄ مونکي پيڻ روڪيو
پنهنجي چادر جا واسطا ڏنا
بابا بيوس ٿي بيهوش ٿي پيو
پائر سڏڪندا رهيا
پر ڪنهن هڪ به نه ٻڌي
پنهجن آخري آرام گاهه ۾ لاٿو
مونکي ان سفر تي ناهي وڃڻو
پر پوءِ به مونکي سڀ ڇڏي آيا
منهنجا سڏ ڪنهن به نه ٻڌا
آئون چوندو رهجي ويس
مونکي نه ڇڏجو
مونکي ناهي وڃڻو
ڪنهن نئي سفر تي....!!!

## رت جا ڳوڙها

هڪ خواهش منهنجي
سيراندي ڪان ساهه ڪٽندي آهي
هڪ درد منهنجي پيراندي ڪان
بيهي رت جا ڳوڙها روئندو آهي...

## سورن

سورن اڄ وري
تنهنجي ٿڪن
چيو
غم ڪنهن جلاد جيان
مرڪن کي ڦاهي
چاڙهي ٿو...

## جنت جون حورون

چيائين
مونسان محبت ڪندو آهين
چيم
مونکي محبت ڪرڻ جو حق نا هي
چيائين
ڇو
مرڪندين چيم
سائڻ اوهان حورون آهيو
۽جنت جون حُورون
اسان گنهگارن جي نصيب ۾ نا هن هونديون...

## دردن جي پي ايچ ڊي

ڪلندو ٻه رهيم
روئندو ٻه رهيم
تصوير ڪٽي تنهنجي
رلندو ٻه رهيم
ڪڏهن رلندي سوچندو آهيان
تہ مان احساسن جي اڪ ٻوٽ
خوابن جي لڪ لڪوٽي ۾ درد جي
پي ايچ ڊي ڪئي آهي
مان ڪڏهن پاڻ کي صاف
پاڪ هجڻ جو نہ سوچو آهي
آئون گنگهار آهيان
ازل کان تون عظيم آهين
سنڌ ڌرتي جيان

تون مقدس آهين
ست قران جيان
تون جنت جي حور آهين
آئون غم جي صحرا جو
اڪيلو وارث رولاڪ آهيان
آئون پاڻ کي موهن جي دڙي
جو نالو نٿو ڏئي سگهان
ڇو جو ان جي عظيم تاريخ آهي
منهنجي ڪا به تاريخ ناهي
بس مڪلي جي پراڻي قبرستان جيان
منهنجي دل ۾ ڪيتريون ئي قبرون دفن آهن
منهنجي لاءِ ملائڪ به
ڪات کهاڙا نيرائي بيٺا آهن
منهنجا دوست به
منهنجو ڳالهيون ٻڌي
چوندا آهن
رولاڪ تهنجو موت ڪئين ٿيندو
ڇو جو آئون گنگهار آهيان
منهنجو سڪرات ۾ ساهه ڪيئن ٽٽندو
اڪثر سوچيندا آهن
آئون پتن سان اڪثر ڳالهائيندو آهيان
ڇو جو مونکي خبر آهي
پتيون منهنجي ڳالهين تي
ناراض ناهن ٿينديون
ڪجه دوست مونکي ديوانو
سمجهندا آهن

ڪير وري چريو ڪي ته

وري سرڪس جو جوڪر

آئون سيني لاءِ رولاڪ آهيان

منهنجو تحريرون منهنجو ڳالهيون

هنن لاءِ بي معني آهن

هو مونکي پڙهڻ کان سواءِ

نظر انداز به ڪري ڇڏيندا آهن

بس هي انهن جي جو حق آهي

آئون هنن به پيارن جو ٿورائتو آهيان

جيڪي منهنجي لفظن جي

اڌوري تحريرن جو انت ڪيندا آهن...!

◆◆◆

# حق مهر

هڪ دوست پڇيو
شادي ڪڏهن ٿو ڪرين
چيم
منهنجي شادي ٿيل آهي
چيائين
ڪنهن سان
چيم
هن جي اڻ گهٽي يادن سان
ٺورو مرڪندين
چيائين
زندگي ڪئين پئي گذري
مان ڪو ٻ جواب ڏيا
ان ڪان اڳ ۾
ٻ لڙڪ اکين مان وهي آيا
هڪ پل جي لاءِ اداس ٿي وئيس
چيائين
تون هن کي وساري ڇو نٿو ڇڏين
چيم
زندگي حق مهر ۾ ڏنل آهي...!

•••

# لڙڪن جو سيلاب

ڪڏهن ڪڏهن
سوچيندو آهيان تہ اللهّ نهايت
رحيم وارو ۾ مون تي
ڏاڍو مهربان آهي
آئون روئڻ چاهيندو آهيان
پر روئي نا هيان سگهندو
جڏهن برداشت جو بند
ڀڄي پوندو آهي
تڏهن اکين مان لڙڪن جو سيلاب
ڦاٽ ھٽي نڪرندو آهي
ازل کان هڪ ئي ڏُک سان
پيتل لڙڪ مونکي لکڻ تي
مجبور ڪري ويهندا آهن
منهنجي ويساهہ جي
وستي ويران ۾
دنيا موهن جي دڙي
جيان اجڙيل آهي
تنهنجي بيوسي واريون
ڪُوڪُون ٻڌي
آئون اڪثر ڦتڪي اٿندو آهيان
تڏهن منهنجي وجود ۾ صبر جو
ٻرندڙ بند ڦاٽي پوي ٿو
تڏهن آئون ٽڪرا ٽڪرا ٿي پوندو آهيان...!

•••

## نہ سوال ڪجان

وڇڙڻ وقت چوڻ لڳي
نہ سوال ڪجان
نہ جواب ملندو
مونکي وساري ڇڏجان
سڪون ملندو
ڇيم اوهان جو حڪم سر اکين تي
نہ سوال ڪيو
نہ جواب مليو
نہ وساري سگهيس
نہ سڪون مليو...!

## تنهائي

بند ڪمري جي تنهائي
درين جو ديوار سان سر پٽڻ
گهڙي جي ڪانٽن جي حرڪت
ڊائري جا اُڏندڙ پنا
تنهنجا ڏنل ٿهڪ
۽ منهنجو نہ گذرندڙ راتيون
توڏي لکيل خط
اذيتن ۾ پريا ڇيل تنهنجا لفظ
منهنجي خاموشي وارا سبيل چپ
مون سان جاڳن پيا اوندا اهين ۾...!

•••

# مونکي وساري ڇڏ

چيائين
مونکي
وساري ڇڏ
مونکي
ايترو نہ سار جو
منهنجي وجڻ ڪان پوءِ
جي نہ سگهين اڪيلو ٿ
منهنجي لاءِ عجيب
سوال هو
چيم سائڻ
توسان چاهت جي شدت
جو احساس مان
هجومن مان
نڪري اڪيلائين سان
اتڪي محسوس ڪري
ڏنو آهي ٿ
تنهنجي سار چڪ سڪ
بي چيني مينهن وانگر منهنجي
اندر جي گهٽي ۾
وسي پونديون آهي ٿ
ٻڌائي ڪيئن ٿو وساري سگهان توکي...!!!

•••

## وچڙي ويل پکي

سج جڏهن شام جو پاچو ڪٽي
اڇي سمنڊ جي
آخري سلامي پريندو آهي
تڏهن سمنڊ
بلڪل ڳاڙهو ٿي پوندو آهي
تڏهن منهنجا خواب
ڪنهن ولر کان وچڙي
ويل پکي جيان
ڪنهن ڏور
آڪاش تي اڏندڙ نظر ايندو آهي
تڏهن مان ڪنهن
پينو فقيرجيان
پنهنجو ڪشڪول ڪٽي
پنهنجي دردن جي خيرات
وٺڻ نڪرندو آهيان
۽ مان اڪيلو تنهنجي يادن
جو ڪشڪول ڪٽي
دردن جي صليب تي
نڪري پوندو آهيان
پر مونکي خبر ناهي تہ مان
آخر وٺڻ چا تو اچان...!!!

♦♦♦

## شرابن جا گلاس

آئون درد ڪي سيراندي رکي
پنهنجي اذيتن ڪي پنن تي
لکڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو
مان اونداهي راتين سان
محبت ڪئي آهي
ڇو جو اونداهي راتيون
منهنجي هيڪلي وجود ڪي
ڪڏهن تنها هجڻ نہ ڏينديون
ڪمري جي تنهائي ۾
متي ٻرندڙ بلب
مونکي چڙائي پيو
منهنجو وجود
ڪنهن لاٽ جيان
دُکي رهيو آهي
شرابن جا گلاس
وري ماضي ڪي
ورجائي رهيا آهن
منهنجو نہ سمهندڙ اکيون
توکي اڄ بہ سارين پيون...!!!. .

♦♦♦

# اڄ چنڊ

ڪڏهن ڪڏهن خيال
ايندو اٿم
تہ چنڊ بہ مون تي
وڏو مهربان آهي
هن اڄ چنڊ بہ مونکي هميشہ
اوجاڳا ڏنا آهن
چانڊاڻ مونکان
ڇڻ ننڊ ڪسي ورتي آهي
دنيا جي گوڙ گهمسان ۾
درد جي تحرير لکي خاموش تي
پنهنجو منهن سر
ڪي گيت ڳائيندو آهيان
منهنجو آواز سنڌ جي درديلن
هوائن ۾ پنهنجا سُر وکيرڻ
لڳندو آهي
ڪاري رات
منهنجو آواز
تنهنجي ياد ۾ هي نہ گذرندڙ راتيون
منهنجي سڪي ويل زخمن جون
ڪَڙيون لهڻ شروع ڪنديون آهن
منهنجي اميدن جا پاڇا هڪ ٿي
حقيقت جي آس ۾ گم ٿيو وڃن....!!!

•••

## ها آئون مري ويندس

هر انسان پنهنجو ماضي
سنڀالي رکندو آهي
پر آئون پنهنجي ماضي ۾ ڪيل
غلطين تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي
اکين جا پاند آلا ڪندو آهيان،
مونکي ته پنهنجي ماضي کي
اٿلائڻ پٿلائڻ
جو ڪو خاص ٽائيم نا هي ملندو
پر جڏهن ڪاري راتين جا
نه ڪٽندڙ پاڇا
نه ڪٽندڙ ڪاريون راتيون
۽ منهنجو رولاڪيون مونکي اڪثر ڪري
ماضي ڏي وٺي ونديون آهن

آئون سرڪس جو جوڪر آهيان
آئون حوالي آهيان
ماڻهون اڪثر ڪري مونکي
چوندا آهن
ته آئون پنهنجي لفظن جي
راند ڪندو آهيان
آئون ناستڪ آهيان
منهنجو ماضي منهنجو
پيڇو ڪندو ٿو اچي
تڏهن آئون پنهنجي رولاڪين
ڏانهن نڪري ويندو آهيان
جتي پهرن جا پهر
خاموش رهندو آهيان
عرش جي وسعتن ۾
گم ٿي ويل عڪس
ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان
پر مونکي تنهائي
ڪانسواءِ ڪجه ناهي ملندو
مونکي خبر آهي ته
عرش منهنجو اڌوريون
تحريرون
منهنجي درد جا رانيات
سڏڪن جي آواز جو
پاڻ وٽ قيد ڪندو آهي
مان پاڻ ڪي رولاڪ جو
نئون نالو ڏنو آهي

آئون تصور جي صحرا ۾ اڪيلو
ڀٽڪندڙ مسافر آهيان
منهنجي پيرن هيٺ ٿر جي گرم واري،
منهنجي مٿان باھ ڇٽندڙ سج آهي
تنهائي جي رڃ ۾ پاڇن پٺيان
ڊوڙي رهيو آهيان
آئون رولاڪ پاڻ کي موهن جي دڙي
مثل سمجهندو هيس
پر مونکي خبر آهي
تہ موهن جي دڙي
جي عظيم تاريخ آهي
پر منهنجي هڪ تحرير بہ نا هي
آئون ويتر ويران آهيان
آئون رولاڪ ڏکن جو عادي آهيان
مونکي سک ملندا تہ مري ويندس.
ها آئون مري ويندس،
ها آئون مري ويندس...!

◆◆◆

## او سائڻ !

منهنجي ڳلي ۾
قلعو اٽڪي پيو آهي
منهنجي دل جي
پلصراط تان
ساهه لنگهي نٿا سگهن
او سائڻ !
تون منهنجي لاءِ
انجيل، تورات
زبور، قران پاڪ
جيان مقدس آهين...!

## ڏوراپو

ڪنهن کي ڏيان ڏوراپو
ڪنهن جو ڏوهه ناهي
گلابي ڪفن ۾ ويڙهيل
آ مقدر ويڳاڻو....!!!

## دوکي جي ديوار

دوکي جي ديوار
پاڻ ئي ڍهي پوندئي
هوا وانگر اچي
لڳ سيني مون سان...

•••

# دنيا سرڪس

اڄ سوچان ٿو ته پنهنجي
رولاڪ وجود تي لکجي
پر آئون سنڌ ڌرتي جي
ڪنڊرن مان رلندو اچي پنهنجي
محبت جي ڪاڪ محل تي پهتس ته
مونکي پاڻ ته ئي تعجب ٿيو
مان سوچيو ته آخر آئون هتي
ونڻ ڇا ايندو آهيان
ماڻهون مان ڪي روئٽو سڏيندا آهن
پر مونکي اهُا ڳاله هضم به نا هي ٿيندي
آئون پنهنجي چريائن تي
ڪلندو رهندو آهيان
ڇو جو آئون هن دنيا کي
سرڪس سمجهندو آهيان
۽ اسين سڀ هن دنيا جا جوڪر آهيون
ڪي ننڍا جوڪر ڪي وڏا جوڪر
ڪي بندرا جوڪر ته ڪي وري
ٿلها گنڊي جي شڪل جهڙاجوڪر
اسين پنهنجي زندگي جي
روز وارقسط
۾ ڪلندا به آهيون ته
روئندا به آهيون
اسان روز پنهنجي ارمانن جي

خودڪشي بہ ڪندا آهيون
۽ وري روز محبت ڪرڻ جي
روايت بہ پوري ڪندا آهيون
روز رات جو مري ويندا آهيون
۽ وري صبح جو جئيرا ٿي
پوندا آهيون
پر دوکو دلفريب ٿي ويو آهي
منهنجي لفظن مان
دز نڪري رهي آهي
آئون ڪنهن موالي جي هٿ ۾
سگريٽ جيان سڙي رهيو آهيان
آئون رکي رکي سوچان ٿو تہ
گذريل وقت کي
خواب سمجهي وساري ڇڏيان
پر نہ آئون گذريل وقت کي
نہ وساريندس
پر وقت مونکي
رولاڪين ۾ ضرور وساري ڇڏيندو...!

◆◆◆

## ذبح ٿيل محبت

منهنجي ذبح ٿيل محبت
منهنجي ارمانن جو گوشت
تنهنجي جوڙي تي
هزار جو پرت
منهنجي جسم تي
تنهنجي جدائي وارو ڪفن
تنهائي جا منحوس لمحا
اذيتن جو سفر
مٿي باهه چٽندڙ سج
هيٺ تنهنجي نفرتن وارو
گرم ڪوئلو
منهنجي زندگي جو
نہ ڪٽندڙ سفر
مونسان عيد تي تيار ٿيل
پنهنجا ٽٽل خواب
تنهنجي يادن جو پاڇو
ڪمري جي تنهائي
موبائل جي اسڪرين تي

آڱوٺي جي ٽپ ٽپ
واري گهري سوچ
گهڙي جي ڪانٽن جي حرڪت
منهنجي محبت جي اڏندڙ خاڪ
منهنجي من جو قبرستان
جنهن ۾ دفن ٿيل منهنجون
اڌوريون تحريرون
تون بن اڌوريون
عيد جون خوشيون
منهنجي محبت جو لڪيل چنڊ
منهنجي گذرندڙ عيد
وقت جا پاليل ڪتا
منهنجي لفظن تي ڀوڪن ٿا.

◆◆◆

# اڪيلائپ

جڏهن يادون دل جي
سمنڊ ۾ ڇوليون
هڻنديون آهن
تڏهن تنهائي ياڪرن ۾
پري ڇڏيندي آهي
اندر اٿلي پوندو آهي
اڪيلائپ جا درد
جيڪي ڪنهن کي ٻڌائي
نا هن سگهبا
سو وري آئون
وري ڪاغذ جي
ڪنواري جسم تي
چٽي ڇڏيو آهيان
منهنجو بہ عجيب عشق آهي
هن اڪيلائي سان
ڪڏهن تہ هن سريلي
هوائن کي خط
ڪڏهن تہ پنهنجي اڪيلائي
تي ماتم
تہ ڪڏهن وري پنهنجي بيوسي
تي نوحہ لکي
پنهنجي ازيتن کي پرسو
پيو ڏيندو آهيان
ڇو جو موکي خبر آ
ويل محبت ۽ ميت واپس نا هن ايندبون...!

# قبر جا گل

توسان گڏ هوندي
مان ڪڏهن انهن
گلابن تي نہ سوچيو
جيڪي هڪ ڏينهن
منهنجي قبر تي پوڻ
لاءِ تڙپي رهيا هئا
زندگي پوپٽ جي اک
جو سپنو آهي
ٻڌائيندڙ کي خبر نہ هئي
تہ زندگي ٿوهر جي ڪير جو
قطرو بہ هوندي آهي
تقدير پاڻ کي الڳ
ٿيڻ جي لاءِ گڏ رهايو
هاڻ آئون ان برسات تي
اڪثر سوچيان ٿو
هڪڙيءَ چتيءَ هيٺان
پنڌ جو سڪون
تون پاڻ سان گڏ
کڻي هلي وئين
يادگيرين جي ورچ ۾
ٺڳي ڪندڙ
تون دنيا جي پهرين
عورت ڪونہ هئين
پوءِ بہ آئون توتي سوچيندي
پنهنجي پاڻ سان

ڪاوڙجي پوندو آهيان
تو هن سال سالگرهہ جو ڪيڪ
ڪنهن سان گڏجي ڪٽيو
پرفيوم ڪنهن جي لاءِ آنديون
چنب ڪنهن سان گڏ ڏنئي
ڪنهن توڪان پڇيو
تہ سياري ۾ چپ ايترا
ڪوسا ڪيئن رهندا آهن
انهن سيني سوالن جي ڪھڙي
لمحي ۾ توکي منهنجي ياد آئي
هاڻ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾
اسانجي گڏيل شيءِ ڪھڙي آهي
مان وٽ تہ منهنجي دل بہ سدائين
تنهنجي ٿي رهي
ڏک ۽ انتظار منهنجي کاٽيءَ
جا پڇاڙڪا لفظ آهن
۽ آئون درياهہ وانگر آهستي آهستي
پنهنجي پاڻ ۾ ريتجندو وڃان ٿو
مونکي خبر آهي
منهنجو ڪنهن داستان ۾
نالو نہ وٺو ويندو
گمناميءَ جي اونداهيءَ گھٽيءَ ۾
پنهنجي محبت وانگر
آئون زماني کان وسرڻ لاءِ وري
هڪڙو رولاڪ پيدا ٿيو آهيان...!

◆◆◆

## شراب

چپائين
ڇو اکيون ڳاڙهيون آهن ؟
تنهنجي اکين جا ٻند
ڇو ٽٽل آهن؟
چيم
تہ آئون هڪ بدنصيب
سمنڊ آهيان
جنهن جو توڪان سواءِ
ٻيو ڪو بہ ڪنارو ڪونهي
پر افسوس مان ان سمنڊ جي
گهرائي ماپي نہ سگهيس
بس پنهنجي زندگي ۾
غمن جو طوفان برداشت
نہ ڪري سگهيس
پنهنجي اکين جي ٻوڏ ۾
پنهنجي خوشين سان
گڏ تنهنجي محبت جو
پريل ٻيڙيون بہ ٻڏي ويون

چيائين اڄ وري شراب پيتو اٿئي
چيومانس تہ شراب منهنجي
مذهب ۾ حرام آهي
بس منهنجي من جي اندر
لڳل باهہ کي ڪنهن
ڪڙوي پاڻي سان
وسائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان
پر افسوس اتي بہ
تنهنجي يادن جو سفر
شروع ٿئي ٿو ۽
ڀٽڪندو ڀٽڪندو
دردن جي دنيا ڇڏي
پنهنجي خيالي دنيا ۾
هليو ويندو آهيان
پر شايد مان اوهان جي
نظر ۾ موالي آهيان
پر ڪڏهن سوچيو آهي تہ
مان ڇو پيئيندو آهيان
مرڻ لاءِ زهر هڪ ڀيرو ۽ زنده
رهڻ لاءِ هر روز زهر پيئڻو پوندو آهي...!

◆◆◆

## ويڳي محبت

هو وري موٽي آئي
تصور جي دنيا ۾
هن سڀ ڪوڙيو سوڙيون
شڪايتون ڇڏي
ميت سان گڏ رهڻ جو
سوچيو آهي
پر هو منهنجي ڏک ۾
شريڪ ناهي بس منهنجي
خوشين جو ڀاڱي ڀائيوار آهي
ڇو جو آئون هن جو
ويڳو ڏک آهيان
هو دنيا جي اڳيان
ثابت ڪري چڪي آهي

تہ آئون بس هن جو
ويڳو پيار آهيان
منهنجا احساس خواب سپ
ڪنهن يتيم ٻار مثل آهن
جنهن کي ماتيلي ماءُ
ڪڏهن ڪڏهن ڪم ڪار
خاطر پنهنجي گهر ۾
پناهہ ڏيندي آهي
ائين هن بہ مونکي پنهنجي
زندگي ۾ ٿوري جڳہ ڏئي
مون تي وري احسان ڪري
منهنجو وجود وري زخمي ڪري
مونکي گنگهار ڪري ڇڏيو آهي
هينئر منهنجو ڀاڃو بہ
منهنجو ساٿ ڇڏي چڪو آهي
منهنجون حسرتون
مري چڪيو آهن
دنيا اوپري ٿي لڳي
ڇو جو مان هن جي
ويڳي محبت آهيان.

◆◆◆

## مٽي جو مجسمو

اڄ صبح جو من وري
ننڊڙي ٻار جيان
ضد ڪرڻ لڳو
وري ٻاهر وڃي
مٽي تي ويهي رهيس
اتي مٽي ڪٺي
ان جو هڪڙو ماٿو
ٺاهڻ شروع ڪيو
ٿورو سوچيم
ته آئون ڪو ڪاريگر
ناهيان پر مٽي جو مجسمو
مڪمل ٺاهڻ جو
ارادو ڪري ڇڏيو
مان پهرين هن جو بت ٺاهيو
پوءِ
هن جو قدُ متو ٺاهيو،
پوءِ
وري ٻانهون ٺاهيون
مونکي ائين محسوس ٿيو ته
هي سياٽي چو واتي تي

بيهي سچ ڳالهائيندو
پر ائين نہ ٿيو
مان جڏهن مجسمو
مڪمل ڪيو تہ بہ
مونکي ائين محسوس
ٿيو تہ ڪجھ اجان بہ
رهجي ويو آهي
مان پاڻ کي ٽٽل آئيني ۾ ڏٺو
کو بہ فرق نہ هو
وري جڏهن هن ڏانهن ڏٺم
تہ هن جون اکيون نڪ چپ
سڀ آهن پوءِ بہ
چو پورو نا هي ٿيو
وري پاڻ تي
غور ڪرڻ کان پوءِ سوچيم
مان پنهنجو ئي مجسمو
ٺاهيو آهي
مان ٿورو مسڪرائي
هن مٽي جي مجسمي کي
مختلف جاين تي
بليڊ سان جهير ڏنا
تڏهن مونکي
محسوس ٿيو تہ
ها ! هاڻ وجي مڪمل ٿيو آهي...!!!

♦♦♦

# منهنجا احساس ناچو عورت جيان!

منهنجا احساس
ڪنهن ڪوٺي تي
ناچو عورت جيان آهن
جيڪا پڪوازي
دولاري جي ڏمالن تي
بي دڙڪ ٿي نچڻ
شروع ته ڪندي آهي
ڪڏهن پيرن م پاتل
گهنگهرو جيان
ٽٽي تنڪو تنڪو ٿي
وکري ويندي آهي
ته ڪڏهن وري
ان مجبور عورت جيان
پنهنجي پيرن جي
ڇالن جو اڻ گهٽو درد ڪٽي
پنهنجي اڪيلائي جي
صليب تي نڪري پوندي آهي
پر ان جي درد جو
ڪو به احساس ناهي
ڪري سگهندو
ائين ئي منهنجا احساس به
ڪنهن ناچو عورت جيان آهن
جنهن ڪي پڙهي
ڪاپي ڪري ته سگهجن ٿا
پر محسوس نٿا ڪري سگهجن

مونکي خبر نٿي پوي تہ
مان آهيان يا بس احساس جو
هڪ حسين دوکو آهيان
ڪڏهن منهنجا سوال
مونکي اڪثر منجهائيندا آهن
تہ مان پنهنجي ئي وجود تي
شڪ تہ نٿو ڪيان
وري پنهنجي ٽٽل آئيني جي
دنيا ۾ پنهنجي وجود جي
تلاش ڪندو آهيان
ها منهنجو وجود عارضي آهي
مان تنهنجي ڪري آهيان
تون ئي منهنجي
وجود جو سبب آهين
خبر اٿئي جڏهن
اداس ٿي ويندو آهيان
يا رات جي ڪاري
منهنجي من تي
تنهنجي يادن جو
بسيرو  ڪٽي ايندي آهي
تڏهن اندر جا اڏما هوندا آهن
منهنجي سوچ جي سطح تي
ڪڙو چڙهيل هوندو آهي
۽ مان ڪاري راتين جو
رولاڪ ٻڌجي دردن ،خوابن جا تابوت ڪٽي
دفنائڻ لاءِ نڪري پوندو آهيان..!.

# ماڻهن جا ٺهڪ

...آئون پاڻ کي
ڪڏهن ڪڏهن  سرڪس جو
جوڪر سمجهندو آهيان
ڇو جو آئون ﺑہ دنيا جي
اڳيان ناٽڪ منڊلي
واري ڊرامي جو
هڪ حصو آهيان
مان ڪڏهن رسن تي ٽپا ڏئي
ڪرتب ناهي ڏيکاريو
پر پاڻ کي اُين ڪاون تي هلائي
ماڻهن جي دل وندرائي آهي
مونکي خبر آهي
دنيا جو آئنيو مون تي ڪلندو
انڪري مان آئنيو ڏسڻ ڇڏي ڏنو آهي
مان پاڻ کي ڪنهن
سرڪس جو جوڪر
سمجهي پنهنجي ڇهري تي سوين
رنگ چٽي ڇڏيا آهن
اهي رنگ جيڪي دنيا جي
نقشي مان نڪري ويا آهن
مونکي اڳ ۾ دنيا

روئڻو چوندي هئي
ڇو جو مونکي ڪلڻ نا هي ايندو
پوءِ هڪ ڏينهن مان سرڪس ۾
جوڪر کي ماڻهو کلائندي ڏٺو
جوڪر کي ڏسي
مان آسمان جي وسعتن ڏانهن
منهن ڪري ڏسڻ لڳيس
سوچيم اسان به سڀ هن دنيا جي
ناٽڪ منڊلي جا جوڪر آهيون
اسان به منهن تي ماسڪ چاڙهي
دنيا کي کلائڻ وارو شو ڪندا آهيون
پر ڪڏهن دل ڀرجي ويندي آهي ته
دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پناهه وٺي
سڏڪن جي سهلين کي
سڏ ڏئي روئي پوندا آهيون
اسان جي زندگي جي
سرڪس جو شو ڏسندڙ
ماڻهن جا ٽهڪ به اوپرا لڳندا آهن
تڏهن پاڻ کان پڇندا آهيون
اسان جوڪر به عجيب آهيون
ها هڪ ڏينهن مونکي
ڪنهن چيو هو
تون دنيا کان عجيب انسان آهين
مونکي تعجب ٿيو
ڇو جو هن مونکي
عجيب صحيح پر انسان ته سمجهو

هن مونسان هڪ ٻيو بہ سوال ڪيو هو
تنهنجي ناٽڪ منڊلي واري شو
۾ ڪردار گهٽڻ ماڻهن جو آهي
ڪير ڪير آهن
مان ٽڏو ساهہ کڻي
چئي ڏنو هو تہ
مونسان گڏ ڪل ڇهہ
ماڻهو آهن
چار ديوارون
هڪ ڇت
هڪ آئون...!!!

◆◆◆

## آخري چمي

ها منهنجي هن جنم
جو روئڻ اڃان باقي آهي
منهنجو روئڻ پورو ٿيو ته
موت کي ياڪرن
۽ پيري ڌرتي کي آخري
چمي ڏئي الوداع ڪندس
منهنجي مرڻ جو ماتم نه ڪجان
ڇو جو آئون ٻيو جنم وٺي
ڪنهن مسجد يا مندر
جي سِر ٻڌجي
زندگي ڀر اتي ئي روئندو رهندس...!!!

•••

# پتڪڙو انسان

اديب ماڻهن ۽ وڏن ماڻهن
جون ڳالهيون
ٻہ وڏيون ٿينديون آهن
آئون رولاڪ پتڪڙو انسان
منهنجي هر ڳاله
ننڍي هوندي آهي
آئون هر هڪ ڳاله تي
ڳنڍ ٻڌي ويهي رهندو آهيان
هر ڳاله کي دل جي تہ خاني ۾
وجي ڦٽي ڪندو آهيان
ان ۾ منهنجو ئي ڏوهہ آهي
ڇو جو مان وٽ دماغ ڪونهي
منهنجي ننڍڙي دماغ جي
ڪباڙخاني ۾ ڪيترائي
احساس دفن آهن
جيئن رات جو آسمان
تي تارا آهن ائين ئي
منهنجي اکين ۾ لڙڪ آهن
مان پنهنجي هڪ هڪ لڙڪ

ڪي ڳيت ڏئي پيتو آهي
مان اذيت ڪي اندر ئي اندر ۾
نپايو آهي
مونکي ڪڏهن ائين
لڳندو آهي ته منهنجو
ڏک هر هڪ انسان جو ڏک آهي
سنڌ جو ڏک آهي
پکين جو ڏک آهي
ڪنهن ڪنواري ڪُنل
نياڻي جو ڏک آهي
منهنجو ڏک ڌرتي جو ڏک آهي
ڪڏهن ڪڏهن انسان
ڪيترو نه ڏکارو ٿي ويندو آهي
هو مون وانگر اذيتن جو
ڪشڪول ڪٺي
رات جي رولاڪين واري
اونداهين ۾
گم ٿي ويندو آهي
مونکي پنهنجي لاءِ
هي ڌرتي به ننيڙي لڳندي آهي
ها هي ڌرتي ڪيتري ڏکي آهي
ڌرتي سيني جا لڙڪ ميڙيندي آهي
پر آئون پنهجا لڙڪ سنڌ جي مقدس
مٽي ۾ ملائي سمهي رهندو آهيان...!!!

◆◆◆

## ناٽڪ منڊلي

آئون اهو جوڪر آهيان
جنهن جي روئڻ تي به
دنيا جا ڪئي سفيد پوش
ماٺهو کلندا رهن ٿا
منهنجي زندگي جي
ناٽڪ منڊلي واري سرڪس ۾
ٿي موڙ اچن ٿا
هڪ ننڍپڻ وارو
جنهن ۾ آئون
ڪڏهن ته مٽي جي ڍير تي ته
ڪڏهن وري
پنهنجي چهري تي ماسڪ
چاڙهي ٻارڙيون حرڪتون ڪري
دنيا کي ته کلائيندو آهيان

پر اڪيلائي ۾ پنهنجي
ويراني تي ماتم ڪري
اذيت ڪي پرسو ڏئي
روئي پوندو آهيان
جڏهن ٻيو جواني وارو
موڙ اچي ٿو تہ
چنڊ ڪي پنهنجي هنج ۾
لاهڻ واري خواهش تہ
ڪڏهن وري جنت جي ڪنهن
اپسرا جي عشق ۾
رڻ جو رولاڪ ٿيان ٿو
جڏهن منهنجي زندگي جو
آخري موڙ اچي ٿو تہ
منهنجي ماسڪ چڙهيل
ڇهري جي پويان ڪيترائي سواليہ
نشان ملن ٿا
تڏهن آئون رولاڪ پنهنجي اٽيور
خوابن جي قبر تي ڪنهن
معذور جيان
پنهنجي ئي احساسن واري
قبر تي خواهشن ڪي يادين جي
ٻهاري ڏئي
ناٽڪ منڊلي
سرڪس جا آخري پل گذاريندو آهيان...!!!

♦♦♦

# ستو ماڻهو

مان زندگي ۾ رڳو
گناهه ڪيا آهن
منهنجي ثواب واري
ساهمي اڃ بہ خالي آهي
منهنجو هڪڙو گناهه بہ
منهنجي معافي جي لائق ناهي
مان ماضي کان وٺي حال تائين
دردن جي صليب سدائين اڪيلي سر
پنهنجي سر تي کڻي نڪتو آهيان
مونسان محبت ڪرڻ وارا
بس منهنجي لفظن جي
اهميت نظر ۾ رکي
مونکي چاهڻ جي حسرتون رکن ٿا
پر منهنجي هر تحرير ۾
درد، پيڙا، تڪليف
سڏين لفظن ۾ لڪيل آهن
مونسان محبت ڪرڻ کان اڳ ۾
منهنجي ماضي جو پيج
ضرور کولي ڏسجان
تہ ڪئين مان خوشين کان
منهن موڙي ازيتن جو رستو اختيار ڪيو
ڇو جو منهنجي ماضي جون
ڪاريون راتيون مون سان گڏ
دردن جو محفلون مچائن ٿيون
مان اهو وڇون آهيان

جيڪو پنهنجي ئي
زهر سان مران ٿو
پنهنجي ئي تحريرن سان
پنهنجي ئي لفظن سان
جڏهن تنهنجو
پهريون خط مليو ته
مان محسوس ڪيم ته
چڻ موهن جو دڙو
وري آباد ٿي پيو
هو سسئي جو روپ ڌاري
منهنجي اڏو اچي بيٺي ته
مان به وري جئڻ جي حسرت
ڪري ويٺس
مونکي محسوس ٿيو
وري منهنجي خوابن کي نئي تعبير ملي
وري منهنجي خوابن کي
سنڌو ندي خوبصورت حسن
رڪنڌڙ ڇوڪري جهڙي تعبير ملي
مان وساري ڇڏيو ته
مان بدنصيب رهجو
درد اذيت جون تڪليفون ڪٽي
نڪتل هڪ گودڙو فقير آهيان
پر تنهنجي لفظن جي پنهنجائپ ۾
ايترو ڇڪجي ويس جئين
ڪو اجارو روح عبادتگاهه
ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي

منهنجي دل جي مندر ۾ تہ
تنهنجي مورتي جي پوڄا
هلي پئي پر تون بہ
ديوي ٿي ويندين
ڪڏهن سوچيو نہ هو
خبر آ جڏهن تون
منهنجي دل جي مسجد ۾
قدم رکيو مان پنهنجي
لڙڪن سان وضو ڪري
تنهنجي محبت جي نماز ادا ڪئي
سائڻ!
آئون سستو ترين ماڻهو
محبت ڪرڻ جو حق تہ نٿو رکان
پر
پنهنجي خوابن کي تنهنجي
عطر جهڙي خوشبو
سان مهڪائي روز مرڻ لاءِ تيار آهيان
سائڻ !
جڏهن تون منهنجي من جي ڪعبي ۾
پير رکيو تہ مان پنهنجي
دل ۾ آباد سڀ مورتيون ڀڃين ڇڏيون آهن
بس توکي چاهڻ جو وڏو
ڇِلو ڪٽڻ تي تپسيا ڪري وينس ۽
بس تنهنجي ڪجھ ڏينهن جي
محبت تي ماتم ڪندس ۽
پنهنجي بيوسي تي نواحہ لکندس....!!!

# ڊائري
# جا
# ورق!

# خـــــواهـــــش

هُو مونکي هميشه چوندي هئي "رولاڪ منهنجي ايتري خواهش آهي، بس تنهنجي نالي سجاتي وڃان، تنهنجي نالي جي تختي منهنجي محبت جي محل تي لڳل هجي، منهنجا ٻار بہ تنهنجي نالي سڃاتا وڃن، مرڻ کان پوءِ بہ منهنجي قبر تي تنهنجي نالي جي تختي لڳل هجي"

مان ساهه روڪي آسمان ڏانهن ڏٺو، مان وٽ ڪاري گُهگهه اونداهي هئي متي ڏٺم تہ چمڪندڙ چنڊ سان ستارن جي محفل هئي هيٺ ڪاري رات تنهائي پاڇو ۽ آئون هيس مون محسوس ڪيو تہ منهنجو مونکي لڳي چڪو آهي منهنجو روح گهايل تي اُتاولو ٿي پيو آهي. جيڪڏهن اڪيلائي بي چيني هوندي آهي تڏهن ننڊ بہ دشمن ٿي پوندي آهي مان هاڻ سمهڻ ڇڏي ڏنو آهي، مان ڪاري رات سان وفا جو وچن ڪري پاڻ کي رولاڪ ڪري ڇڏيو آهي. آئون هميشہ تنهنجي سفر جي رڻ ۾ اڪيلو رلندو رهيس سدائين رولاڪ ٿي تنهنجي خوابن ۾ ڀٽڪندو رهيس، پاڻ کي اهو چئي ڏڪاريندو رهيس تہ رولو رات جا چار پهر گذري ويندا نيٺ تہ صبح ٿيندي نيٺ تہ منهنجي خوشين جو سج ايرندو.

•••

# خبر نہ هئي تون بہ مٽي تي ويندينءَ !؟

ڪاري رات گُهگهہ اونداهي، گهڙي ڪانٽن سان ٽِڪ ٽِڪ، ديوار تي عڪس چٽيندڙ ڪاراس، در درين جو ديوارن سان سر پٽڪڻ، ڪمري جي تنهائي مون سان گڏ منهنجون نہ گذريندڙ راتيون اوچتو هن جي چِيَر جو هلڪو چمڪو ٿيو، چڻ ڪمري ۾ ٿورو سوجهرو ٿيو اتي ڏٺم تہ سامهون سانئڻ بيٺي هئي، دل اداس تي وئي پاڻ ڪان سوال ڪيم: "ڇا اها واقعي سانئڻ آهي يا ڪا حور سانئڻ جو روپ ڌاري آئي آهي؟" هن جي سامهون پنهنجي سوچ ۾ بيٺو هئس چِيَر جو وري هلڪو چمڪو ٿيو، چِيَر جو منڙو آواز اڀريو، هُن پنهنجا چپ چوريندي چيو: "رولاڪ...!"

مان ڪو بہ جواب نہ ڏنو بس هن کي ڏسندو رهجي ويس

هن وري سوال ڪيو: "ايتري اچرج وچان ڇو تو ڏسين؟"

چيم: "سانئڻ ڏسان ٿو تہ تون سپنو آهين يا ساپيان؟" هن ٿورو مسڪرايو

چيم : "سانئڻ تون اهڙي ساپيان آهين، جيڪا سپني کان بہ وڌيڪ سُندر آهي."

هن جي چپن تي مرڪ ليئو پاتو مسڪرائيندي چيائين:

"رولاڪ ڇا مان ايتري خوبصورت آهيان، جيتري تون پنهنجي لفظن ۾ مونکي سُندر لکندو آهين؟"

چيم: "ها تون جنت جي ستر حورن مان هڪ حور آهين، جنهن ۾ خدا پنهي جهانن جو حُسن اربي ڇڏيو آهي."

چيائين: "رولاڪ مان تہ ڪڏهن آرسي بہ ناهي ڏٺي تہ مان ايتري خوبصورت آهيان."

چيائين: "مان تنهنجي مقدس لفظن جي قابل ناهيان."

چيم: "سانئڻ انڪري جو تو ڪڏهن بہ منهنجي اکين دل سان پاڻ کي ناهي ڏٺو."

مرڪندين چيائين: "رولاڪ ڇئبو تہ سُونهن مان ۾ ڪانهي تنهنجي لفظن تنهنجي اکين ۾ آهي."

چيم : "سانئڻ آئينا سب ڪوڙ ڳالهندا آهن، آرسي صرف ڪنهن مان جهڙي چري عاشق جي دل هُوندي آهي. سانئڻ تون منهنجي تحريرن ۾ ئي پنهنجو حُسن ڏس ڇو جو منهنجن لفظن ۾ ئي منهنجي دل دڙڪي ٿي."

چيائين: ”ها تون ئي مونکي ايتري سُندرتا ڏني آهي.“

چيم: ”نہ سائڻ تنهنجي سونهن ئي منهنجي ذات آهي، جنهن منهنجي اونداهي اندر ۾ سوجهرو ڪيو آهي، هن جي اکين ۾ لڙڪ ٻرجي آيا چيائين: رولاڪ تون اجان منهنجي جدائي تي ماتم پيو ڪرين؟“

دل اداس ٿي وئي، ”نہ نہ مان ماتم نٿو ڪيان...“

هُو منهنجي اکين اڳيان اوجهل ٿي وئي، مان بہ گوڏا کوڙي پنهنجي گوڏن ڪي زمين ۾ کوپي هٿ اسمان طرف ڪٽي رڙ ڪندي چيم:

”يا خدا! مونکي خبر نہ هُئي تہ هن کان سچي سونهن سچو جوين خدا تون ڪسي وٺندين هُو بہ مٽي ۾ ملي مٽي ٿي ويندي ڪو بہ هن کي ياد نہ ڪندو مان ڪڏهن بہ نہ سوچو هُو منهنجي مٽي وري آسمان ڪري پوندو منهنجي محبت جو عبادتگاهون ويران ٿي ويندو سڀ ڪجھ ختم ٿي ويندو ڪجھ بہ نہ رهندو سوائي هن جي ڪجه گهاريل ڪجه بهارن کان علاوه هُو وري مونکي ڇڏي پنهنجي حقيقي خدا سان وڃي ملندي...“

◆◆◆

# صدين جا گم ٿي ويل ٿهڪ

چيائين: "ڏِس مونکي سنڌي ڳالهڻ اچي وئي آهي، هاڻ مان بہ تون سان سنڌي ۾ ڳالهيندس."

مان مرڪندين چيم: "ڇا ڳالهيندين...!؟"

چيائين: "جيڪو اوهان سيکاريو آهي."

چيم: "ڇا سيکاريو آهي؟"

"جيڪو سيکاريو اوهان سائين".

چيم: "اڇا تہ پوءِ مان سوال ڪيان؟"

چيائين: "ها مونکي سبق ياد آهي."

چيم: "تہ پوءِ هڪ چڪر ڇئو نہ "ڏيڏر".

مرڪندين چيائين: "نہ ان لفظ تي تون کلندين، مونکي خبر آ مان نہ چونديس."

چيم: "ڏِس منهنجي ڳالھ نٽي ميجين نہ."

چيائين: " رولاڪ تون ضد ڇو ڪندو آهين ٻڌا...؟ هل ڀلا ٻڌايان تي، کلندين نہ؟"

چيم: "نہ کلندس بس...."

چيائين: "ڊيڊر..."

منهنجي لبن تي انيڪ مرڪون تري آيون.

چيم: "ڪيتري نہ مٺي ٻولي آهي تنهنجي...!"

هن جي لبن تي مرڪ ليئو پاتو، پنهنجو رئو آڱرين ۾ وٽندين چيائين :

"منهنجو سبق نہ ٻڌندين سائين؟"

چيم: "اڇا ڀلا ٻڌا ڇا سکيو آهي؟"

چيائين: "مان توسان بي حد محبت ڪندي آهيان، تون منهنجي سر جو سائين آهين، مان توکان بغير اڌپور اڌوري آهيان."

کلندين چيم: "توبہ توبہ ڪر.... سنڌي جا ڪجھ لفظ سکيا سي بہ ڪوڙ."

چيائين: "توکي ڪوڙ ٿا لڳن؟"

چيم: "جي چوان ها تہ....!؟"

چيائين: ”مان پنهنجي زبان ڪٽي ڇڏيندم، پر توسان ڪوڙ ڪڏهن بہ نہ ڳالهنديس.“

اڪين ۾ لڙڪ تري آيس چيائين: ”خدا جيڪڏهن منهنجي هڪڙي دعا قبول ڪري تہ مان هر دعا جي عيوض توکي گهران.“

چيم: ”ها گهٽو ٿيو رو نہ نت ڍيدر اچي ويندا.“

هن جي لبن تي ڦڪي مرڪ تري آئي ۽ ڪلندين چيائين:

”رولاڪ توبہ تائب ٿي، ڏٽي در دعا گهر.“

چيم: ”سائنڻ منهنجي ثوابن واري ساهمي جو پلڙو بلڪل خالي آهي، منهنجي گناهن وارو پلڙو ڀريل آهي، منهنجي لاءِ ملائڪ بہ ڪات ڪهاڙا تڪا ڪيون ويٺا آهن باقي مان توکي چاهڻ پوءِ مان دعا گهرڻ ڇڏي ڏني آهي.“

ڪاوڙ نڪ تي سجائيندين چيائين: ”رولاڪ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، بس ڏٽي در توبہ تائب ٿي، ڏٽي در شڪر ادا ڪر تہ توکي هن دنيا ۾ حور ملي وئي آهي.“

چيم: ”جيڪڏهن نہ ملي ها تہ منهنجو روح رولاڪ ٿي توکي ڳولڻ لاءِ ڀٽڪندو رهي ها“.

◆◆◆

# جدائي موت آهي

ڪاري راتين جو پنهنجي لفظن وارو ڪشڪول کڻي وري پنهنجي گمنام منزل ڏانهن وڃڻ شروع ڪيم تہ ڪاري رات ۾ شوڪا ڏئي ٿڌي گذرندڙ هوا ۾ تنهائي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ، پنهنجي محبت جي عبادتگاهہ جو سفر جاري هو پوئتي منهجي قدمن جا نشان نہ هئا، دل تي اداسي ليئو پاتو دل ويران قبرستان جيان لڳي ٿورو ٻيهي سوچيم تہ ڪٿي آئون پاڇو تہ ناهيان، ڪٿي آئون پنهنجو ڀٽڪيل روح تہ ناهيان، آئون سچو هن ۾ رهجي ويو آهيان. آئون هاڻ بس اولڙو آهيان، آئون پاڇو آهيان ، پاڇي جي پيرن جا نشان ناهن ٿيندا، پنهجن اهڙين حرڪتن تي ڪلندين اڳتي وڌيم تہ سامهون هڪڙو پاڇو نظر ۾ آيو ڪلندين چيائين: "رولاڪ.... !"

هن جو چهرو ڏسڻ ۾ نہ آيو، هن جو چهرو اونداهي ۾ هو بس پاڇو محسوس ٿيو.

چيم: "تون ڪير؟ توکي منهنجي نالي جي ڪيئن خبر؟"

ڪلندين چيائين : "رولاڪ آئون تنهنجو پاڇو آهيان، آئون تنهنجي محبت جي عبادتگاهہ تي هلندس."

چيم: "نہ تون منهنجي محبت عبادتگاهہ تي نہ هل، آئون توکي وٺي نہ هلندس."

چيائين: "رولاڪ هڪ سوال پڇان؟"

چيم : "پڇو...."

چيائين: "رولاڪ جدائي جي اذيت ڇا آهي؟"

سوال سڻو هُو پر جواب نہ ڏنم: مونکي خبر ڪونهي

ڪلندين چيائين: "رولاڪ توکي خبر ناهي."

چيم: "جدائي موت جو ٻيو نالو آهي"

چيائين: "پوءِ تون مري ڏنو آهي؟"

چيم: "هي ڪهڙو سوال آهي؟"

چيائين : "منهنجو مطلب توهان ڪي اهڙو موت نہ مليو آهي؟"

دل اداس ٿي وئي آسمان ڪي ڏسندين چيم تہ: "توکي ڪئين ٻڌايان تہ آئون محبت جو احساس آهيان، منهنجو هر دور ۾ موت ٿيو آهي، آئون هينئر ٻہ سڪرات

جي عذاب ۾ مري ويو آهيان، آئون باربار مرڻ جي ڪشمڪش مان گذرندو آهيان، آئون محبت ڪري سڪرات ۾ رهڻ جو هيراڪ ٿي ويو آهيان، مان جڏهن هن ڪان جدا ٿيس تہ مان محسوس ڪيو دل سيني ۾ گهائل پکي وانگي تڙپندو رهيو پر هن کي ڪجهہ ڪياس نہ ٿيو، هڪ پيرو بہ مڙئي نہ ڏٺو، مان احساس آهيان، مان محبت آهيان، مان مرڻ ڪان اڳ پنهنجي روح کي ڪنهن جي تصور سان پرواز ڪندين ڏسندو آهيان، ها مان اعتبار جي دوزخ ۾ روز مرندو رهيو آهيان، منهنجو لاشو هو منهنجي ارمانن جي ڪفن سان دفن ڪرائيندو رهيو آهي...”

◆◆◆

# تون زنده آهين

ڪڏهن ڪڏهن انسان چاهيندين بہ ڪجھ ناهي لکي سگھندو، منهنجي اندر اوچتو ئي اوچتو خاموشي جنم وٺي ڇڏيو. منهنجو اتاولو روح پنهنجي چپن تي ماٺ جا تالا هڻي ڇڏيا. جڏهن تنهنجي منهنجي وچ ۾ اسپتال جي لڳل شيشن واري ديوار اچي وئي، اسپيشل وارڊ جي ورانڊن ۾ هلندڙ سفيد پوش ڦرندڙ نرسن، ڊاڪٽرن ۽ تنهنجي خاندان جي ڪجھ چڱن مڙسن جي پهري ڏيڻ واري سرحدن جي ديوار هئي، تڏهن مان توکي شيشن واري مشينن ۾ ڏٺو تہ منهنجي دل ڪبوتر وانگر تڙپي اٿيو ۽ توکي سڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، درد جي شدت ايتري هئي جو، منهنجي سڏ ڪرڻ جو آواز بہ نڙي ۾ اٽڪي پيو. خاموشي ذهن جي زخمن ڪي چيڻ لڳي. منهنجي اکين مان لڙڪ ڪري رهيا هئا. ان وقت ائين محسوس ڪيم تہ ڪنهن تتل رڻ جي واري سرمي وانگر منهنجي اکين ۾ وجهي ڇڏي آهي. منهنجي اکين مان وهندڙ ڳوڙا هئا، جيڪي مان ڪنهن نندي ٻار جيان ٻانهن سان اُگهي ڇڏيا بس پري ڪان توکي ڏسي جڏهن ٻاهر اچي پارڪ جي پاسي ۾ نهيل پٿر جي ڪرسي تہ ويٺس مونکي ان وقت تنهنجو چهرو ياد پيو جڏهن تون مونکي چيو هو:

"رولاڪ اڄ جمعي جو ڏينهن آهي، تون نماز ۾ خدا ڪان ڇا گهريو آهي؟"

دل اداس ٿي وئي چيم: "توکي خبر آ تہ مان خدا ڪان صرف هڪڙي دعا گهرندو آهيان."

ورائي پڇيائين: "ڇا گهرندو آهين؟"

اداس ٿي چيم: "مان خدا ڪان ڪنهن حور جي زندگي گهري ورتي آهي، مان خدا ڪان آخري دعا گهري آهي، بس مونکي هن جي زندگي خيرات ۾ ڏئي ڇڏي، جنهن کي چاهڻ ڪان پوءِ مان مرڻ جي تمنا ڪئي آهي، جڏهن ڪان مونکي خبر پئي

آ تہ سڀاڻي تنهنجو آپريشن آهي، منهنجي چپن تي هڪڙو ئي جملو آهي تہ مان توکي مرڻ نہ ڏيندس."

ڪائنات جو ڪل حسن رکندڙ ڇوڪري پنهنجي چهري تي مرڪ سجائي مونکي چوڻ لڳندي آهي تہ: "رولاڪ زندگي ۽ موت خدا جي وس ۾ آهي."

يڪدم اٿندين چيم: ”نہ نہ.... خدا اچ تائين تون منهنجي ڪا بہ دعا نہ ٻڌي آهي پر هي ضرور ٻڌندو.“

هن جي اکين ۾ انيڪ لڙڪ تري آيا چيائين: ”رولاڪ تون مونسان بي پناهہ محبت ڪندو آهين تڏهن مونکي وڃائڻ کان ڊڄندو آهين.“

چيم: ”ها سائڻ تون منهنجي محبت جو معراج آهين، هُن ڪي درد جي اذيت ايتري هئي، جو هن جي ڪومايل چهري تي هڪ غمناڪ مرڪ ليئو پائي، ٻڏندڙ سج جي آخري ڪرڻي وانگر گم ٿي وئي. مونکي خبر نہ هئي تہ مان توکي شيشن جي ديوار مان آخري ڀيرو ڏسي رهيو آهيان، تنهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي محبت مري ويندي، منهنجي دل مري ويندي، منهنجا ننڍڙا ارمان مري ويندا، منهنجا سمورا خواب مري ويندا، منهنجا لفظ يتيم ٿي ويندا، منهنجي دل جي هر تمنا مري ويندي، توڪان پوءِ منهنجي ڪائنات موهن جي دڙي ۾ دفن ٿي ويندي، دنيا چوي ٿي تون مان سان ناهي پر ڏس، تون اڄ بہ منهنجي لفظن ۾ زنده آهين، تون اڄ بہ منهنجي تصور ۾ آهين، مان هاڻ رولاڪ آهيان، هاڻ منهنجي پنهنجي دنيا آهي، جنهن ۾آئون روئڻ چاهيان ٿو پر روئي نٿو سگهان توکي وسارڻ جي عادت تہ ڪيان ٿو پر توکي وساري نٿو سگهان تنهنجي موت جي خبر منهنجي لاءِ منهنجي موت جو پيغام ڪٽي آئي، منهنجي محبت منهنجي ذهن جي مقبرن ۾ قيد ٿي وئي....“

◆◆◆

# لوٽيانڻو پاٽي

مان پنهنجي لفظن ۾ پتائي جون سٿون چئي رهيو هيس تہ ڪائنات جو حسن رکندڙ ڇوڪري اچي بيٺي، مان هن جي ڪڪورين ڪارين ڪجلين اکين ۾ ڏسڻ لڳس، هن ديوي جو تہ سچو حُسن هن جي اکين مان جهلڪي رهيو هو.

چيم: "مون سان محبت ڪندي آهين؟"

چيائين: "نہ مان توسان محبت نٿي ڪيان."

هن جي اکين ۾ محسوس ڪيو تہ هن جي سُونهن اندر ۾ لوساٽجي ويئي، مان محسوس ڪيو تہ هو اندر تائين ڪئين ٽٽي ٽڪرا ٿي وئي آهي، منهنجي خيالي دنيا جي شهزادي پنهنجي خوبصورت چپن ڪي هلائندي چيو تہ:

"مان توسان محبت نٿي ڪيان."

منهنجي من جي سمنڊ ۾ طوفان اٿيو، محبت جي ٻيڙي ڪناري تي اچڻ ڪان اڳ ۾ خوني طوفانن جي ور چڙهي وئي ۽ منهنجي من ۾ محبت جون مڇيون هن جي نفرت جي زهر ۾ تڙپي مرڻ لڳيون، منهنجي اکين مان لوٽانو پاٽي اچي، منهنجي چپن جي بند سان ٽڪرائجي ويو. دل اداس ٿي وئي هن جي اکين ۾ ڏٺو تہ نگاهون نگاهن ۾ رهجي ويون، عذاب جو احساس گلي مان نڪرندڙ لفظن جو زهر چپن تي ايندين ايندين رهجي ويو، هن جو ڪنڌ جهڪيل رهيو مان بہ ٽٽل آئيني وانگر ٽڪرا ٽي ويس، هن جو عڪس بہ مونکي ذرا ذرا لڳو.

چيم: "سانئڻ توهان لفظن ۾ تہ محبت بيان نہ ڪئي پر اکين سان گهڻو ڪجھ چئي ڇڏيو آهي، تون تي وفا لاءِ پابندي نا هي، مان ڪاري راتين جو رولاڪ توتي وفا فرض ڪئين ٿو ڪري سگهان؟ تون تہ مجبورين جا هزارين ثبوت ڏئي، مونکي اڪيلو سر ڇڏڻ لاءِ پابند ٿي وئي آهين پر مان توکي پنهنجي ڏئي منڪر نٿو ٿي سگهان، سانئڻ مان ڪارين راتين جو رولاڪ تنهنجي ياڪرن جي سرگوشين، چپن جي چوساٽ ۾ بي جان بستر تي ورتل، محبت جا نغمعا، منهنجو سرڪش روح زمين ڪان آسمان تائين ۽ آسمان ڪان عالم ارواح تائين منزل منزل پڪاريندو رهندو آهيان. تڏهن مايوسيون اميدون ڪي ڏنپ ڏينديون آهن، تڏهن دل تنهنجي جدائي جي ماتم ۾ ڇائنجي ويندي آهي."

# خوابن جا تابوت

پنهنجي خوابن جا تابوت ڪڻي، اڪيلو دردن جي صليب تي نڪري پيو هيس ته منهنجو پاڇو به مونکان ڏپ وارو رويو اختيار ڪري، منهنجي چوڌاري گهمي رهيو هو، مان به ڪاري رات ۾ ٿاڦڙجندو اچي ڪنهن ويران جاءِ تي پهتس، اڪين جا بادل اوپرا ڪري وسڻ لڳا. ڪائنات جو سمورو نظام مونکي اوپرو لڳو، ٿورو اداس تي آسمان ڏي ڏسندي پتائي جون ستون پنهنجي منهن سان ورجائڻ لڳس، منهنجي خيالي دنيا جي حور منهنجي سامهو آئي ۽ چئي ڏنائين:

"ناٽڪي تون هتي ڇا ٿو ڪرين آسمان تي ڇا ٿو ڏسين"

چيم: "ڪجھ نه بس پنهنجي نصيب جي تحرير ڪي ٿو تلاش ڪيان."

چيائين: " پنهنجي نصيب تي يقين ناهي."

دل اداس ٿي وئي اکيون آسمان تي چمڪندڙ اڌ چنڊ ۾ وجهندين چيم:

"خبر اٿئي محبت منهنجي نصيب ۾ ناهي، اذيتن جون راتيون ڏاڍيون پيانڪ آهن، تنهائي جو زهر پئي جيئڻ عجيب ٿو لڳي."

چيائين : "تقدير جي ليکي کي تون سزا ٿو سمجهين؟"

چيم: "ها...محبت منهنجي لاءِ سزا آهي، انتظار مونکي موت مثل ٿو لڳي، خبر اٿئي مان محبت ۾ سزا پاڻ مقرر ڪئي آهي."

چيائين : "نه تون محبت ۾ مرڻ جو قائل آهين."

چيم: "نه مان ناٽڪي آهيان ، مان هن دنيا جي سرڪس جو هڪ جوڪر آهيان، مان پنهنجي هر تحرير ۾ مرندو رهيو آهيان ۽ وري جيئندو رهيو آهيان، منهنجا خواب جلاوطن آهن، مونکي پنهنجي اکين ۾ اوپرائپ درد جي ٽانڊن ڪان سوائي ٻيو ڪجھ ڪونهي."

◆◆◆

## هڪڙو رولاڪ ۽ چنڊ

مان پنهنجي خيالي دنيا ۾ ٽڙندو تاٻڙندو ڪنهن رولاڪ جيان رُلي رهيو هيس ته منهنجي خيالي دنيا جي حور اچي بيٺي رات جي اونداهين ۾ به دل ته نه مليا پر ڪجه گهڙين لاءِ به پاڇا ملڻ جو گناه ڪري ويٺا مان به ڪجه گهڙيون خاموش رهي.

پڇيم: "ڪير... ؟"

چيائين: "چڪور."

منهنجي چپن تي مرڪ تري آئي.

چيائين: "ڪلين تو..."

چيم: "نه بس ڪوشش ڪيان تو ڪلڻ جي"

هن پنهنجي گلابي چپن ڪي چوريندي چيائين:

"چڪور ڪي سڪون آهي ڪٿي؟ چنڊ جو خيال ختم نا هي ٿيندو چڪور ڪان."

چيم: ”نہ مونسان مذاق نہ ڪر، مان پهريان مري چڪو آهيان.“

ڪلنڌين چيائين: ”پوءِ ڪنهن روح سان رابطو پئي ٿئي ڇا؟“

چيم : ”ها مان فقط پاڇو آهيان، مان خالي جسم آهيان، منهنجو روح منهنجو اندر مري چڪو آهي، مان بس اولڙو آهيان.“

چيائين: ”منهنجي چنڊ جي اداسي ڪئين ختم ٿيندي؟“

چيم: ”چنڊ صدين کان اڪيلو آ ۽ هن جي اڪيلائي جو فڪر نہ ڪر، هو اداس هجي يا خوش پر ڪنهن کي بہ پنهنجي روشني ڏيڻ کان انڪار ناهي ڪندو.“

چيائين: ”چڪور کي اختيار ناهي ڪو چنڊ تائين پهچڻ جو.“

چيم: ”نہ چڪور کي بس اڏرڻ جو حق آهي، بس اڏري وڃجان“.

دل اداس ٿي وئي آسمان ڏانهن نهاريندين چيم:

”چڪور توکي ڪٿي وٺي هلان منهنجو ڪو بہ گهر ناهي، مان ڪاري راتن جو رولاڪ آهيان، منهنجي اڪيلائي توکي ماري ڇڏيندي، منهنجا احساس خانہ بدوش جي ٻارن جيان لاوارث ٿي رلي رهيان آهن ۽ مان چمڪندڙ چنڊ سان دوستي ڪري ڇڏي آهي، هيٺ مان ازيتن جي رات جو نڪتل رولاڪ مٿي آسمان تي چمڪندڙ چنڊ بس ساڳي ڳالهہ آهيون هو ستارن ۾ اڪيلو مان هزارين ۾ اڪيلو...“

♦♦♦

## آئيني جو تصور

پاڻ کي آئيني جي سامهون بيهاري هن خوبصورت ڇوڪري جي تصور ۾ اچي سوچيم تہ ڪوه ڪاف جي پري جو روپ ڌاري منهنجي سامهون مسڪرائڻ لڳي، منهنجي ڪمري جو آئينو هن جي چمڪندڙ چهري جي عڪس ۾ تمتار ٿي ويو مان بہ پنهنجي مات جا تالا ٽوڙي پنهنجي تصور ۾ اچڻ واري حور کي چئي ڏنم:

"ڪيترا خوش نصيب آهن، تنهنجي گهر جا آئينا جنهن ۾ تون پنهنجو عڪس ڏسي مسڪرائيندي آهين، تنهنجو چهرو چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندڙ آهي، تنهنجون ڪاريون ڪجل ريءَ اکيون ڳل ڳاڙها لال گُلابي، پرون ڪارا ڪارا ڪاريهر واسينگ وار، اکيون سرمي سينگاريل، چپن تي گلابي سرخي اکين ۾ البيلائي نيڻ خماريل جنهن ۾ محبت جو سمنڊ ڇوليو هڻندي پنبڙين جي ڪپ سان ٽڪرائجي رخسار تي وڪريو وڃي ٿو"

منهنجي چپن تي هٿ رکندين چيائين:

"بس بس! ناٽڪي تون حوالي آهين، رڳو حوال هڻندو آهين، مان ناهيان ڪا بہ حور بس تون مسڪا جام هڻندو آهين."

چيم: "نہ سائڻ مان چاٽان ٿو تہ تون منهنجي هر تحرير جو مقدس لفظ آهين. منهنجي آوارا لفظن تي..."

ٺهڪ ڏيندين چيائين: "ناٽڪي... تون وڏو ناٽڪي آهين" ائين چوندين آئيني اڳيان اوجهل ٿي وئي.

◆◆◆

# ڦَر ڪٽيل ڪبوتر

اڄ رات ٿورو سيءُ آهي، منهنجا هٿ ڪُنبي رهيا آهن، دل جي گرم ٻاھ هٿن تائين پهچي نہ سگهي آهي، مان سمجهان ٿو، منهنجي دل مري وئي آهي، وري ٿورو سوچيم تہ روح ڪڏهن نا هي مرندو. دل درد سهندي سهندي مٿي جي ڏيئي وانگر پچي پوندو آهي تڏهن مان هميشہ جي لاءِ خاموش ٿي وڃڻ جي ڏکهي سوچ رکندو آهيان. آئون پنهنجي رولاڪين ۾ پورو هيس مٿان ڪائنات جي حور سسئي جو روپ ڌاري منهنجي اڳيان اچي بيٺي، دل چاهيو هن کي ڀاڪرن ۾ ڀري وٺان ٿورو اداس ٿيندي چيائين:

"رولاڪ....!"

چيم : "جي سائڻ!"

چوڻ لڳي: "اڄ مونسان ڳالهي مان اداس آهيان."

دل ۾ دردن جي واچوڙي وارو طوفان اٿيو، هٿ جهلندي چيائين:

"رولاڪ! ڳالهائين ڇو نٿو؟ خاموش ڇو آهين؟"

چيم: "سائڻ تنهنجا هٿ ڪيترا ڪوسا آهن، ڪڏهن ڪڏهن مان وٽ ڳالهڻ لاءِ ڪجهہ نا هي، هوندو تہ مان هوائي ڳالهيون ڪري ڇڏيندو آهيان"

ڪجهہ حيرت مان چوڻ لڳي: "نہ رولو ٿڌا آهن."

چيم: "نہ ڪوسا آهن."

چيائين: "ٿڌا آهن ائين ڇئي مونکي پنهنجي ڀاڪرن ۾ ڀري ڇڏيائين."

دل چاهيو تہ ڪجهہ پل روڪي ڇڏيان، جو جو ڪائنات جي حور منهنجي پاڪرن ۾ هئي. دل چاهيو تہ دنيا جي هر شئي کي روڪي ڇڏيان پر ايتري ۾ اکين جي آسمان تي اوبرا ڪري وسندڙ ڪڪرن وسڻ شروع ڪيو، اکين جا لڙڪ هن جي رخسار تي ڪري پيا ڪنهن پر ڪٽيل ڪبوتر جيان ڦڙڪي اٿي چيائين:

" رولاڪ ! ڇا تون روئين پيو؟"

چيم: " نہ بس ڪڏهن ڪڏهن اکين جي آسمان تان اوبرا ڪرڻ وارا ڪڪر وسي پوندا آهن"

ڪاوڙ ڪندي چيائين: "ڇماٽ اهڙي لڳي جو سُڏري وڃين."

منهنجي اکين جا لڙڪ صفا ڪندي ڳلي لڳائندي چيائين: "منهنجا سائين!"

هن جي وکريل زلفون سنواريندين چيم: "جي! ڇپن تي خشڪي ليئو پاتو اکين مان شرم ٽمٽار تي وهڻ لڳي، مسڪرائيندي چيائين:

"سائين !ڪجهہ خوبصورت پل قيد ڪري ڇڏ."

◆◆◆

# سنڌ امان

هڪ ڏينهن رولاڪين جا پنڌ پنهنجي اگهاڙي پيرن هيٺيان لتاڙيندو اچي، پنهنجي محبت جي عبادتگاهن تي پهتس. آسمان جي وسعتن ڪي چتائي ڏسندي ڏسندي سوچن جي سمنڊ ۾ لٿس، پنهنجي سنڌ درتي جي سيني تي گوڏا ڪوڙي چيم:

”امان مونکان ماڻهو پڇن ٿا تہ ڇا آئون توسان محبت ڪيان ٿو يا نہ؟ منهنجي سنڌ جيجل امان ماڻهن جي انهن لفظن ڇڻ منهنجي سيني ۾ ڀالا اڇلائي هنيا هجن.“ ڪنڌ آسمان جي وسعتن ڏانهن ڪندين چيم:

”ڇا ڪنهن پٽ کان پڇن ٿا تہ هو پنهنجي ماءُ سان محبت ڪري ٿو يا نہ؟ هُو مونکان پڇن ٿا تہ مان تهجد جا سجده ڪنهن ڪي ٿو ڪيان؟ هُو مونکان پڇن ٿا تہ منهنجو ڪهڙو مذهب آهي؟ هنن مونکي ڪڏهن مسجد مندر ۾ نا هي ڏٺو؟ امان ماڻهن جي انهن سوالن منهنجي دل تي ڇڻ قيامت برپا ڪري ڇڏي منهنجي رڳ رڳ مان ٿوهر ڦٽي نڪتو گهڙي ڪن لاءِ پنهنجو وجود دوزخ جي تہ خاني ۾ غرق ڏسي سچل جو بيت منهنجي زبان تي تري آيو،

مذهب ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
شيخن، پيرن، پنڊتن، بيحد ڀلايا
ڪي نمازون نِوَڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا...

هُا مان توهان جي سيني سوالن جا جواب ڏيڻ جو پابند نا هيان پر ايتري وضاحت ڪندس تہ ها مان پنهنجي سنڌ امان سان محبت ڪيان ٿو، ها مان پنهنجي سنڌ جيجل ماءُ ڪي تهجد جو سجدو بہ ڪيان ٿو، ها سنڌ ئي منهنجو مذهب آهي، ها سنڌ ئي منهنجو ايمان آهي، آئون جيجل جو اڻٽاڪو پٽ آهيان، آئون روز پنهنجي رولاڪين ۾ رلندي رلندي ائين ئي پنهنجي سنڌ ماءُ جي هنج ۾ منهن لڪائي سمهي رهندو آهيان.

◆◆◆

## سوڍا تون ۾ ساهہ نہ تہ راڻا گهڻا راڄ ۾!

هڪ ڏينهن مان ڏٺو تہ ڪائنات جي حور ڪنهن اپسرا جو روپ ڌاري اڳيان اچي بيٺي هن جو پورو رنگ پگهريل سون جهڙو هو جسم تي جواني جا گئونچ ڦٽي پيا هئا، هو ڪنهن شرم ٻوٽي جيان پچري رهي هئي، مونکي سامهون ڏسي هن جي پيشاني تي پگهر ڦڙا وهڻ لڳا، هن جون اکيون منهنجي اکين ۾ ڪتيون، هن پنهنجا هٿ وڌائي منهنجو چهرو پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ وجهندي چيائين:

"رولاڪ! تون سدائين اداس ڇو رهندو آهين؟ تون ڇو هميشہ موت جو ڳالهيون ڪندو آهين."

منهنجي لفظن تي مٽي جي دز چڙهي وئي.

چيائين : "ها رولاڪ آئون بہ توسان بي پناهہ عشق ڪندي آهيان، پوءِ بہ تون پاڻ کي خوشنصيب نٿو سمجهين ٻڌائي مونکي... "

دل اداس ٿي وئي آسمان کي ڏسندي چيم:

"سائڻ! منهنجي خوشنصبي آهي، تون مونسان محبت ڪرين ٿي پر هي دنيا هي سماج پاڻ کي ملڻ نہ ڏيندو، آئون هر دور ۾ مرڻ لاءِ تيار آهيان ، منهنجي چپن تي هٿ رکندين...!؟"

چيائين: "رولاڪ تنهنجو ڳالهيون مونکي اذيت ڏينديون آهن، ڇا تون مونکي اڪيلو ڇڏي ويندي پاتالن ۾ ٻڌاءِ ...؟"

چيم: “سائڻ! آئون توکي اڪيلو نٿو ڇڏي سگهان، پر آئون تنهنجي عزت تي ٽِڪو هٽي منڪر نٿو ٿي سگهان، تنهنجو پاڪ وجود تي پنهنجي نالي جي تهمت برداشت نہ ڪندس، تون مقدس آهين، تون سنڌ ڌرتي جيان وشال آهين.”

چيائين: “رولاڪ ائين توسان انسانيت ۽ عشق جي بنيادن تي نڪاح ڪري چڪي آهيان، وقت سان وڙهجان مان وانگر تون بہ جي مان نہ لڪرايو توکي آسمانن تي، تہ مان خودڪشي ڪري ڇڏينديس ....”

چيم: “نہ سائڻ آئون توکي مرڻ نہ ڏيندس، آئون توکي خودڪشي ڪرڻ نہ ڏيندس.”

پنهنجا لڙڪ صاف ڪندي چيائين: “رولاڪ! مرد دنيا مان ڪُتي ڪونہ ويا آهن پر عورت جي دل الله عجب ناهي آهي، صاف ستري، خوبصورت ، عشق مان ٺهيل آهي، جنهن جو نالي لڪجي تہ لڪجي ويو تون تہ بس تون.... رولاڪ!”

هن جا لفظ ڀالا بڻجي منهنجي سيني ۾ لڳا ٿورو اڳتي وڌي چيم :

“سائڻ آئون انهن مردن مان ناهيان جو، تنهنجو پاڪ دامن پنهنجي حوس جي ڪري داغدار ڪيان، آئون بہ توسان عشق ڪيان ٿو، تون منهنجي لاءِ خيالي خدا آهين، تون منهنجي تهجد جي دعا آهين پر آئون توکي وري وڃائڻ نٿو چاهيان.”

چيائين: “رولاڪ عشق نہ ڏسندو آهي ذات پات، نہ تقدس ۽ ٻيو ڪجھ ائين اهو ڪنديس جيڪو دل چوندي ۽ دل جو ضد آهي تون هجين توڪانسواءِ منهنجو همسفر ڪير بہ نہ ٿيندو جي تون نہ تہ ڪيربہ نہ (سوديا تو ۾ ساھ نہ تہ راڻا گهٽا هن راڄ ۾).”

ڪجھ چوڻ چاهيم پر ڇئي نہ سگهيس منهنجا لفظ دل جي قبرستان ۾ دفن ٿي ويا.

◆◆◆

# اڪيلائن ۾ روئندس

چيائين: ”رولاڪ منهنجو وقت پورو ٿي ويو آهي، آئون توکان اجازت وٺندس.“

دل اداس ٿي وئي، پنهنجا لڙڪ اگهندين چيائين:

”رولاڪ مونکان پوءِ تون ڪنهن سٺي ڇوڪري سان شادي ڪري ڇڏجان.“

هن جي ان جملي هيانوَ ۾ هٿ وڌو باھ وانگر پڙڪو ڪائي اٿيس، پنهنجو رئو انگر ۾ وٺيندي چيائين:

”رولاڪ منهنجي فيصلي تي افسوس ته نٿو ٿئي نه.....“

منهنجي درد ڳلي ۾ اچي اٽڪي پيو ڪجھ چئي نه سگهيس.

چيائين: ”تنهنجي خاموشي ڪي آئون ڇا سمجهان؟“

هن جي اکين ۾ ڏسندي چيم: ”سائڻ توکان جدا ٿي مان زندگي ڪي اذيت طور قبول ڪندس، خدا جي طرفان ڏنل ڪنهن سزا طور قبول ڪندس، توکان پوءِ شهر جون روشناين ڪي آئون ويران لکندس“

هن جي ڇهري تي ڏک پنهنجون پنکڙيون کوليون، هن پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري روئڻ لڳي، مان هن جي سڏڪن جا آواز ٻڌا مان سڏ ڪيو:

”سائڻ!“

هن مان ڏانهن ڏسندي اکين جا لڙڪ صاف ڪندي چيائين: ”رولاڪ خبر اٿئي مان سڪرات ۾ به توکي محسوس ڪيو وري سڏڪن ۾ پرجي وئي، جيڪڏهن آئون مرد نه هجان ها ته اتي ئي روئي پوان ها.“

هن جي سڏڪن جو آواز منهنجي روح ۾ لهندو ويو. دل چاهيو ته هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيان، پنهنجو هنج هن کي روئڻ لاءِ ڏيان ڪجھ دير خاموش ٿي چيم:

”سائڻ! آئون صحرا ۾ مينهن جي ڦڙي وانگر آهيان، جيڪو ڪِرڻ کان پوءِ گم ٿي ٿو وڃي، پر مان توکي وساري نه سگهندس، سائڻ آئون تون وانگر ڪنهن جي کهلي تي منهن رکي روئي نه سگهندس، توکان پوءِ لڙڪ هوندا مون وٽ پر کلهو ڪونه هوندو آئون رولاڪ پنهنجي اڪيلائن ۾ روئندس.“

•••

# شام جو لهندڙ سج

جڏهن شام جو لهندڙ سج آخري لمحن مان گذري، پنهنجي پڇاڙي تي پهتو، تڏهن ڪاري جوڙي ۾ ڪا پري منهنجي تصور جي دنيا ۾ اچي ويني چيائين:

"رولاڪ اڄ ڊسمبر جي آخري شام آهي اڄ مان توکي ڪجهه ڏيڻ چاهيان ٿي."

ڪنڌ ورائي پڇيم: "ڇا ٿي ڏيڻ چاهين، مان رولاڪ پٿرجهڙي دنيا ۾ لفظن جو ڪشڪول ڪٽي هلڻ وارو ماڻهو تون مونکي ڇا ڏيندين."

چيائين : "ڪجهه يادون، ڪجهه پل ڏيڻ آئي آهيان سائين!"

هن جي انهن لفظن منهنجي دل ۾ هلچل مچائي ڇڏي، منهنجو اتاولو روح آڪاش جي اونچائي ۾ ڪنهن پکي جيان اڏري رهيو هو، منهنجي منهن تي مرڪ ليئو پاتو چيائين: "سائين! منهنجي لاءِ ڇا آهي تنهنجي لفظن واري ڪشڪول ۾...؟"

چيم: "سائنڻ ڇا ڪپي؟ منهنجا لفظ ايترا امر، ايترا مقدس نہ ناهن جو مان تنهنجي مقدس سُونهن تنهنجي حسن، تنهنجي مرڪ تي لکي سگهان، تون ڪنهن ڏور آڪاش تي چڪندڙ چوڏنهن جي چنڊ جيان آهين، مان پٿر جهڙي دنيا جو معمولي انسان توکي ڏسڻ جي تہ حسرت ڪري سگهان ٿو پر توکي ڇُهڻ جي گستاخي نٿو ڪري سگهان، ها مان توکي چاهي سگهان ٿو پر توکي حاصل ڪرڻ منهنجي وس ۾ ناهي ڇو جو تون جنت جي حور آهين، حورون مان جهڙي سرڪش رولاڪ جي نصيب ۾ ناهن هونديون."

ٿورو ڪاوڙ ڪندي چيائين: "رولاڪ غلط ڳالهيون نہ ڪندو ڪر، آئون تنهنجي پوڄا جي لائق ناهيان."

دل ۾ طوفان اٿيو چيم: "تون منهنجي لاءِ سنڌو ندي جيان مقدس آهين، تون منهنجي محبت جو معراج آهين."

هو مسڪرائڻ لڳي هن جي مٺڙي آواز ۾ ڀٽائي جا ڪي بيت گنگنائي رهي هئي، منهنجي دل ۾ سرور جي هلڪي لهر آئي هر طرف خاموشي ڇانئجي وئي وري مونکي منهنجو اڻپور خواب ياد پيو اڻ ڏٺل پرين جا پور ، ڊسمبر جي آخري شام جو لهندڙ سج هن جي ياد جا نہ گذرندڙ ڪجهه پل.

•••

# ڪچيءَ مٽي جو ڍيئو

مـان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ڳوڙهن کي سمجهي نا هــيـان سـگـهـنـدو جڏهن ٻه آئيني اڳيان اچي ويهندو آهيان ته مونکي پنهنجي اکين جا لڙڪ منجهيل ۽ پاتال ۾ پيل لڳندا آهن، تڏهن ڪيس دل جي ڪيفيت سمجهي ناهيان سگهندو ڪڏهن ته وري ڪنهن وقت جيان هو سمجهيل ۽ سُڪل پپڙ جي پن جيان اکين جي سمنڊ ۾ ترندو نظر ايندو اٿم. تڏهن دماغ جي مقبرن ۾ هڪ ئي ڪيفيت سمجهي سگهندو آهيان ته آئون ڪيترو اندر تائين ٽُٽي چڪي پيو آهيان، ڪڏهن ڪڏهن تنهنجو ڳالهيون منهنجي سيني ۾ ڪنهن پالي جيان روح مان پار ٿي وينديون آهن.

سائنڻ! مان توکي رولاڪ ٻڌجي، چرين وانگر هن ڪاري راتين ۾ ڳوليوآهي پر تون ڪنهن ٽٽل تاري جيان الائي ڪهڙين ئي اونداهين ۾ گم ٿي وئي آهين، مونکي اڄ ٻه ياد آهي جڏهن تون مونکي چيو هو:

“رولاڪ مان ٻيهر جنم وٺندس، تون لاءِ آئون وري ڪنهن اپسرا جو روپ ڌاري تنهنجي ويران اڱڻ تي خوشين جي بهار ٻڻجندس”

مونکي ياد آهي جڏهن مان توکي چيو هو ته: “ آئون ڪنهن ٻه عورت سان ايتري محبت نه ڪري سگهندس، تنهنجي اکين ۾ انيڪ لڙڪ تري آيا . جڏهن تون مونکي چيو هو:

“رولاڪ آئون وري موٽي ايندس ڪنهن اسپرا جو روپ ڌاري آئون وري موٽي ايندس.ان اذيت ناڪ گهڙي ۾ مونکي پڪ ٿي وئي هئي ته مان رولاڪ ڏکن جو عادي آهيان مونکي سک ملندا ته مري ويندس. سائنڻ! آئون ڪچي مٽي جو ڍيو آهيان جيڪو آهستي آهستي پچي پري وســامـي رهــيـو آهيــان” .

•••

# تون منهنجو مجازي خدا

هڪ ڏينهن سانئڻ سان گهمندي منهنجي انهن گلابن تي نظر پئي، جيڪي منهنجي قبر تي پوڻ لاءِ تڙپي رهيا هئا، جنهن تي پوپٽ رقص ڪري رهيا هئا. سانئڻ جي هٿ ۾ اجرڪ هئي چيائين:

”رولاڪ تون ڪي ياد آهي؟“

”ڇا....؟“

چيائين: ”هي اجرڪ جيڪا مونکي تو گفٽ ڪئي هئي.“

چيم: ”ها مونکي ياد آهي. هي اجرڪ مان ڀٽائي جي نگري مان ورتي هئي.“

چيائين: ”رولاڪ جڏهن تون مونکي اجرڪ جو تحفو ڏنو، تڏهن مان محسوس ڪيو ته منهنجو نڪاح توسان فرشتا پڙهائي رهيا آهن. چنب تارا پڪي پڪڻ سڀ شاهد آهن، جڏهن توڪان حق مهر جو فرشتن پڇيو ته تون مونکي پنهنجي زندگي حق مهر ۾ ڏني. جڏهن سيني نڪاح جو مبارڪون ڏنيون تڏهن تون مونکي اجرڪ تحفو طور ڏنو منهنجي ڇهري تي مرڪ تري آئي“

چيم: ”سانئڻ توکي خبر آهي، مونکي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي ڪل ايندي آهي، تون جنت جي اپسرا، آئون رڻ جي گرم صحرا جو اڪيلو اٺاڪو رولاڪ، مان جهڙي ناستڪ انسان سان گڏ رهي سگهندينءَ...!“

چيائين: ”رولاڪ تون مونکي مجبور نه ڪندو ڪر ته آئون توکي گاريون ڏيان يا ڪجهه چوان...؟“

ڇهري تي ڪاوڙ سجائي وري چيائين:

”رولاڪ تون منهنجي محبت جي توهين ڪندو آهين آئون هر ڳالهه برداشت ڪري سگهان ٿي پر تون منهنجي محبت تي آڱر ڪٽي مونکان برداشت نه ٿيندو، بس آئون توسان نه ڳالهائيندس هاڻي.“ اکين ۾ لڙڪ تري آيس منهن لڪائندي چيائين:

“مان توسان نہ ڳالهائيندس. ٿورو ترسي وري چيائين:

“رولاڪ آئون تنهنجي سهاڳڻ آهيان منهنجي محبت جي توهين نہ ڪـــــــر” منهنجي دل ڪنهن پيري ۾ بند پکي جيان ڦڙڪي اٿي.

منهن ڦيرائين ڏٺم تہ هو منهنجي پيرن کي چمڻ لاءِ جهڪي پئي ڪاوڙ مان چـــيـــم:

“سائنڻ هي ڇا ٿي ڪرين.....!؟”

چيائين : “تنهنجا قدم چمڻ لاءِ دل ٿي چوي آئون تنهنجي سهاڳڻ مرڻ پسند ڪندس.”

چـــيـــم: “ســـــائــنــڻ تون مقدس آهين تنهنجي جاءِ پيرن ۾ نہ دل ۾ آهي تون مون گنگهار جا پير نہ چمندي ڪر تون جنت جي حور آهين.”

چيائين: “نہ رولاڪ حديث پاڪ آهي تہ جيڪڏهن سجدو ڪنهن انسان لاءِ جائز هجي ها تہ هر زال کي حڪم ڪيان ها تہ هو پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري ها، خبر اٿئي الله پاڻ مڙس کي مجازي خدا چيو آهي. لهن الباس الڪم وانتم لباالهن “تون منهنجو لباس آهين مان تنهنجو لباس آهيان” (القرآن)

خبر اٿئي تون منهنجي اهُا تهجد آهين، جيڪا مان رات جو ادا ڪندي آهيان، مونکي سڪون ملندو آهي، توسان ڳالهڻ بہ منهنجي لاءِ عبادت مثل آهي، رولاڪ تون منهنجو مجازي خدا آهين، تنهنجي عبادت مون تي فرض آهي”

چيم: “سائنڻ تون منهنجي محبت جو معراج آهين ، تون منهنجي لاءِ مقدس ڪتاب جيان آهين، تون منهنجي لاءِ پاڪ ڪتاب مثل آهين، توکي پنهنجي ڏئي آئون منڪر نٿو ٿي سگهان پنهنجي پاڪرن ۾ پيري روئندين.”

چيائين: “رولاڪ منهنجي پيشاني چمي مونکي هميشہ جي لاءِ امــرڪري ڇڏ...!”

♦♦♦

# نيڪ بندي

ڪنهن ڏينهن درگاهه تان واپسي موٽندي چيائين : "رولو تون هتي ڇا ڪرڻ ايندو آهين؟"

چيم: "آئون پنهنجي مقدس محبوب جي زيارت ڪرڻ ايندو آهيان."

هن جي چهري تي مرڪ تري آهي، ٿورو مسڪرائيندي چيائين: "پوءِ زيارت ڪيئي!؟"

چيم: "ها پر منهنجي محبوب جي چهري ۾ نور ايترو آهي، جو دل پرجي نٿي ڏسڻ ڪان بس دل چوندي آهي وتو ڏسان توکي...."

چهري تي ٿوري مرڪ سجائي چيائين:

"رولاڪ، ڇسا، بيوقوف مونکي گهٽي تعريف نہ وڻندي آهي، پر تون ڪندو آهين تہ سٺي لڳندي آهي."

ايتري ۾ گذرندڙ فقير جي پاسي وجي، بيٺي پنهنجي مٿي جو رئو صحيح ڪندي چيائين:

"فقير سائين! دعا ڪر تہ هي بيوقوف، حوالي شخص منهنجو ٿئي، آئون هر جنم ۾ هن جي ٿيان، اسان جي شادي ٿي وڃي فقير سائين دعا ڪر ...."

آئون پاڻ فقيرن جهڙو رولاڪ شخص ٿورو فقير ڪان اڳتي بيٺو هيس هُو فقير ڪان ٿي ايندي روئاٽڪي آواز ۾ چيائين: "رولاڪ اڄ فقير سائين وڏي ڳالهه ڪئي آهي"

مزاق ڪندي چيم: "وري ڪهڙي ڪتي هن نئين وزيري اعظم جي لهڻ جي پيشن گوئي تہ نہ ڪئي آهي؟"

چيائين: "نہ رولاڪ هن جواب ڏيڻ بدران اڌ رئو منهن تي رکي سڏڪن ۽ اوڇنگارن ۾ روئي پئي."

مان ڪيس روئڻ جو سبب پڇيو ٿورو روئي پوءِ تڏو ساهہ ڪٽي روئڻ بند ڪري چڏيائين هن جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ ڏئي اٿت ڏيندين چيم:

"ٻڌا ڪراڙي فقير ڇا چيو ؟"

سڏڪندي چيائين: "

فقير سائين چيو تہ : اي خدا جي بندي، اللهّ راھ ۾ پنهنجي سڀ کان پياري شيءَ قربان ڪر.”

چيم: “ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي”

هن ٻيهر اوچنگارون ڏئي روئڻ شروع ڪيو، سڏڪا ڀرندي لڙڪ پنبڻن جا بند ٽوڙي ڳلن تي وڪري رهيا هئا، مان ڪيس پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پنهنجا لڙڪ اگهندي چيائين: “رولاڪ ٻڌائي تہ ڇا قربان ڪيان؟”

چيم: “ڪجھ نہ بس خدا کي چئو معافي ڏي.”

يڪدم ڪاوڙ ۾ چيائين: “مطلب انڪاري ٿيان بيوقوف! خدا جي راھ ۾ ڏيڻ کان انڪاري ٿيون، ڪافر ٿيون، پلي دوزخ ۾ وڃون.”

چيم: “نہ نہ ائين ناهي، آئون وينو آهيان، مونکي قربان ڪر.”

چيائين: “رولاڪ آئون مذاق جي موڊ ۾ ناهيان.”

چيم: “سائڻ مذاق ناهي..... مون جهڙي گنگهار شخص جي بہ خدا جي راھ ۾ قرباني ٿيندي آهي ڇا...؟”

پنهنجي منهن کلڻ لڳس، پنهنجي منهن چيم:

“آئون گنگهار دوزخي منهنجي قرباني بہ رب قبول نہ ڪندو.”

سائڻ ڪاوڙ ۾ چيائين: “رولاڪ خبردار ائين نہ چئہ، تون تہ مونسان گڏ جنت ۾ هلندي، آئون حافظہ قران آهيان، آئون توکي جنت ۾ وٺي ويندس، وري اداس ٿي وئي.

چيم: “پلا تنهنجي سڀ کان پياري شيءَ ڪهڙي آهي؟” ٿوري دير سوچي مونکي پنهنجي ڀاڪرن ۾ ڀري وري اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي.

روئندي چيائين: “منهنجي دنيا ۾ سڀ کان پياري شيءَ تون آهين، مان ان وقت محسوس ڪيو تہ هو اندر ئي اندر ۾ قارون قارون ٿي وئي هئي.”

•••

## وڇُون آهيان

هڪ ڏينهن فون ڪندين چيائين: "رولاڪ مان هڪ مهيني جي سڪرات مان نڪري خدا ڪان ڪجهه پلن جي زندگي وٺي آئي آهيان، هن جي ان جملي منهنجي سيني ۾ ڪنهن تيز ڌار خنجر جيان ڦارون ڦارون ڪري ڇڏيو، مونکي محسوس ٿيو سچو درد منهنجي ڳلي ۾ اٽڪي پيو ڪنڌ آسمان ڏانهن ڪري سوچيندي چيم:

"سائڻ آئون ڪنهن بہ عورت سان محبت نٿو ڪري سگهان، ان وقت آسمان تي هڪڙو چنڊ هو ۽ ان جي پاسي ۾ بيٺل هڪڙو چمڪندڙ تارو نظر آيو، مان پاڻ کي شدت سان دغاباز محسوس ڪيو. مان پاڻ کي ڪنهن معصوم عورت جو گنگهار محسوس ڪيو. سائڻ مان جهڙي چري چڙواڱ رولاڪ حوالي مرد سان ست سال بي پناهه محبت ڪئي، منهنجي هر حڪم تي لبيڪ چيائين:

" آئون ان عورت کي بس محبت بہ نٿو ڏئي سگهان، مان آسمان ڏانهن هٿ ڪري خدا کان پڇيو تہ ٻڌا چا قصور آهي؟ جنهن عورت مونکي عبادت جي حد تائين چاهيو، جنهن کي مان عبادت وانگر چاهيو آهي، ان کي منهنجي گناهن جي سزا چو هن جي سڏڪن جي سدا بلند ٿيڻ لڳي، مان ان وقت محسوس ڪيو، آئون رولاڪ ڏکن

جو عادي سڪ ملندا تہ مري ويندس، منهنجي محبت ڊسمبر جي سرد شامن جي هوائن ۾ ٻرندڙ ڏيئي وانگر آهي. جيڪو هوائن جي جهوڪن تي وسامي ويندو، آئون اهو وڇون آهيان، جيڪو پنهنجي ئي زهر سان مري ويندس.

هن جو روئندڙ آواز ۽ ڪنبندڙ چپ هلائندي چيائين:

”رولاڪ تون پريشان نہ ٿي، مان ئي ڄاتو ڄڻ رڻ ۾ اڪيلو بيٺو آهيان، مونکي ڊسمبر جون هوائون آهستي آهستي ڏنگينديون ٿيون وتن“.

سانئڻ ڪي درد جي شدت ايتري هئي جو هن جو آواز درد تڪليف سور ۾ دٻجي ويو. سڏڪن ڪي ساھ ۾ قابو ڪندي چيائين:

”رولاڪ آئون تنهنجي قدمن ۾ مرڻ ٿي چاهيان، مرڻ وقت مونکي تنهنجي هنج نصيب نہ ٿيندي“.

هن ٻوسٽجندڙ آواز ۾ ٻيجي ٻيري فضائن ۾ پکڙجي ويو، دل چاهيو تہ زمين ڦاٽي، آئون جئيري دفن ٿي وڃان پر ائين نہ ٿيو، آئون اڄ بہ هن ڪي پنهنجي دل جي مندر ۾ لڪي لڪي پوڄندو آهيان. مان محسوس ڪيو تہ هن مونکي ڪڏهن بہ ڪو ڏک نا هي ڏنو بس پنهنجي موت واري صدمي ڪان علاوه.

◆◆◆

# تون مقدس سنڌ جيان

آئون روز پنهنجي محبت جي عبادتگاهه تي اچي ويهندو آهيان، هو روز منهنجي تصور جي جهان ۾ پڪ ڪرڻ ايندي آهي ته مان زنده آهيان يا... اللهّ جي راضپي سان پيالو ڪري ويو. اڄ هو سفيد رنگ جو جوڙو پائي سنڌي اجرڪ اوڍي صفا سنڌياڻي ٿي آئي هئي،َ مان محسوس ڪيو ته هن جي پازيب جي آواز تي جڳهه پورو جهمريون پيو هڻي، وڻ پنهنجي منهن گيت پيا جهونگارين پکي هن جي هلڻ تي

ٽڏا ساهه پري سنڌ جي هوائن ڪي نئي پيتا پيا پيش ڪن، ڪنهن جي گلابي چپن تي هلڪي لچاري مرڪ ڏاڍي سونهاري ٿي لڳي، ڳلن ڪي ڪن جون واليون هر هر چمڻ واري روايت پوري پيون ڪن .هن جي هر وک تي پيرن جي پازيب جي ڇن ڇن هئي هن جو سمورو جسم ڪنهن سنهري ول وانگر جيان هو هن جي سموري سونهن سوپيا ڪنهن ڪاف جي حور وانگر هئي. جڏهن هن جي مان تي نظر پئي ته ڇهري تي مرڪ سجائي چيائين:

”رولاڪ هڪ ڳالهه آهي اڄ ته پختو يقين ٿي ويو مونکي ته واقعي محبت ڪان عظيم ڪجهه نا هي هن دنيا ۾.“

چيم: ”چو اڳ نه هو...“

چيائين: ”رولاڪ مطلب محبت اتم ٿئي ٿي، نه عمر نه منهن مهاندا تي ڏسي ، بس روح سان ٿئي ٿي.“

چيم: ”سائنڻ مان به محسوس ڪندو آهيان، منهنجي روح جي تهخاني تائين وڃي پهتي آهين، آئون توکي اول کان آخر تائين محبت ڪندس، زمين کان آسمان تائين جي سفر ۾ توسان محبت ڪندس.“

چيائين: ”رولاڪ روئاريندي ڇا؟“

چيم: ”نه آئون توکي روئندو نتو ڏسي سگهان.“

چيائين: ”ٻڌائندي نه ته اڄ آئون ڪيئن ٿي لڳان؟“

چيم: ”سائنڻ توں ته جنت جي ستر حورن جي سردار آهين. مٿان وري سنڌي لباس ڇڻ سنڌ ڌرتي جي سنهري رنگن ۾ رنگجي وئي آهي، تنهنجي اجرڪ جا اڇا گل

مونکي آسمان تي چمڪندڙ چنڊ جيان تا لڳن. تنهنجو چهرو سنڌ ڌرتي جيان عظيم آهي. تون منهنجي سنڌ امڙ جيان مقدس آهي، تون چڻ سنڌ ڌرتي جي پيٽ مان وهندڙ درياءَ آهي.”

چيائين: “رولاڪ بس بس، ناٽڪي چپ ڪر”

چيم: “چو سائڻ؟”

چيائين :“حوالي هڪ ڳالهه پڇيان”

چيم: “پڇيو؟”

چيائين: “اڄ ۾ ڇا ڪري رهيو هئين”

چيم: “ڪجهه نه بس توکي ياد ڪري رهيو هيس”

چيائين: “مونکي ياد نٿو اچي.”

چيم : “چو نٿو اچي...؟”

چيائين: “ قسم کڻ خدا جو...”

چيم: “خدا جو نه تنهنجو قسم توکي ياد ڪري رهيو هيس”

چيائين: “رولاڪ منهنجو قسم ڇو؟”

چيم: “خدا جو شايد مان ڪوڙو قسم به کڻي وجان پر تنهنجو ڪوڙو قسم نٿو کڻي سگهندس”

چيائين: “رولاڪ تون اهڙيون ڳالهيون نه ڪندو ڪر، مونکي ڊپ لڳندو آهي ته آئون توکان گهڻو دور هلي ويندس، ائين چئي ٻاهر روڊ جي طرف وڌڻ لڳي مان پنهنجي خيالي دنيا ۾ ويهي سوچندو رهيس، ته آئون توکان گهڻون دور هلي ويندس، ان ڳالهه جي مفهوم جي مونکي اڄ خبر پئي مان پاڻ تي ڪلڻ چاهيو پر کلي نه سگهيس بس پنهنجي خوابن جا تابوت کڻي وري پنهنجي رولاڪن ۾ گم ٿي ويس.”

•••

# محبت جي مشاق

اڄ وري ڪنهن شام جي اداس پاڇن پويان لڪل ڪاريون ڪجليون اکيون جن ۾ محبت جي مشاق ٻري رهي هئي پنهنجي گلابي چهري تان پردو هٽائيندين چيائين:

"منهنجي من جي سمنڊ ۾ ڇڙ ڪو طوفان برپا ٿي ويو ٿورو اڳتي وڌي پوئتي ڏنم ته ڪاف جي ٻري ڪائنات جو سمورو حسن رکندڙ ڪنواري ڇوڪري جنهن جي اکين ۾ ڪئي خواب سفر ڪري رهيا هئا"

پنهنجو رئو اڳرين ۾ ڦيريندين چيائين: "رولاڪ هڪ ڳالهه پڇان؟"

چيم: "پڇو....؟"

چيائين : "لکڻ ڇو ڇڏي ڏنو اٿئي؟"

هن جي ان سوال منهنجي هيانوَ ۾ هٿ وڌو ۽ ترپي اٿيس ٿورو چهري تي ڪوڙي مرڪ سجائي چيم:

"مرندڙ احساس سان جيءُ جهوريندڙ تنهائي بهتر لڳي، جڏهن منهنجي لفظن جو ڪو مول نه رهيو، جڏهن محبت مطلب ۾ تبديل ٿي وئي. جڏهن منهنجي خوابن جي ٻري اڏري ڪنهن ڏور ديس وسايو يا وري ڪا نئي موسم نه آئي، جنهن جي آڌر ڀاءُ ۾ ڪي لفظ لکان. تڏهن ڪان ماڻ لکڻ بند ڪيو ڇو جو آئون رولاڪ هر وک وک تي دردن جو چهرو پڙهان ٿو."

•••

# مان خدا کي مرڪندي ڏٺو

اهي سپرين سامهون آهن، جن جي لاءِ تن من سڪندو آهي، پرين منهنجو من

ڇڪي پاڻ سان جڪڙيو آهي، هن جي اکين ۾ سواليہ مرڪ تري آئي. تڏو ساھ ڪڻندي

چيائين:

"رولاڪ آئون اڪثر ڪري نماز ۾ روئندي هيس پر هاڻ خدا جي اڳيان روئندي

ناهيان ڇو جو منهنجي لاءِ منهنجو خدا تون آهين، مان هن جي اکين ۾ ڏسندي چيم:

"سائنڻ آئون رولاڪ گهڙي گهڙي جو گهائل آهيان، مونکي ڪو پل خوشي ڏئي

ويندو آهي ڪو پل ڏک ڏئي ويندو آهي."

چيائين: "نہ رولاڪ مان توسان بي پناھ محبت ڪئي آهي، آئون توڪان سوا جيئڻ

جو تصور بہ نٿي ڪري سگهان."

چيائين: "رولاڪ سهڻي ڪچي گهڙي تي درياہ پار ڪرڻ لاءِ تيار هئي، پڪي دلي

جي ڪاڻ بہ نہ ڪيدي هو لهرين مان لنگهي ميهار پنهنجي سپرين ڏانهن ويندي هئي،

ڇا مان بہ پنهنجي سپرين ڏانهن نٿي اچي سگهان، ۽ڏا آئون هر طوفان سان وڙهڻ لاءِ

تيار آهيان، بس منهنجو انتظار ڪجان مان توکي پنهنجو خيالي خدا بنايو آهي مان

توکي پنهنجا ٻئي جنم ارپي ڇڏيا آهن"

هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا تورو اداس تي چوڻ لڳي:

"رولاڪ توڪان اڳ ڏک ۾ خدا کي ياد ڪندي هيس هينئر مان توکي سڏ ڪندي

آهيان، خدا جيڪو آڪاش تي هو سو منهنجو ڪري زمين تي لهي آيو آهي، رولاڪ

آئون خوش نصيب آهيان، جو تون منهنجي سڏ تي لبيڪ چوندو آهين، مان توکي

پنهنجا ٻئي جنم هر جنم ارپي ڇڏيا آهن."

چيم: "ها سائنڻ مرڻ ڪان پوءِ مونکي تون ئي اتارجان مان تنهنجي سڏ تي لبيڪ

چئي اٿندس، ڇو جو مان تنهنجي سڏ ڪان پوءِ دنيا جو هر سڏ نڪرايو آهي، مرڻ ڪان

پوءِ مونکي ملائڪ بہ نہ اٿاري سگهندا. آئون تنهنجي سڏ جو انتظار ڪندس، سائنڻ

ها انتظار ڪندس" هن جي اکين مان لڙڪ ڪرڻ لڳا اداس تي چوڻ لڳي:

”رولاڪ تنهنجي محبت عبادت وانگر آهي، مونکي فخر آهي، توتي تنهنجي بي پناهه محبت تي دل چاهيو ته پنهنجي من جي قبرستان مان منهن ڪڍي ڪجهه گهڙي سانئڻ ڪي ڏسان پر اکين ۾ دردن جو مسافريون اگهاڙي پير رقص ڪري رهيون هيون نه چاهيندي به مان هن ڪي تڪليف نٿو ڏيڻ چاهيان، منهنجي لفظن تي چپ جا ڪپ گوئنچ ڪڍي بيهي رهيا دل چاهيو ته هن ڪي پاڪرن ۾ پري چڏيان هن جي ڪيل هڪ منٿ جي انتظار جي بدلي هر جنم ۾ هن سان وفا جو وچن ڪجي.“

چيائين: ”رولاڪ ڇا ٿو سوچين؟“

چيم: ”سانئڻ منهنجي سوچ تي تنهنجي يادن جا آثار گنڍيل آهن“

ٿورو قريب ايندي چيم: ”سانئڻ تون منهنجي تصور ڪي پنهنجي بي پناهه محبت سان آباد ڪري ڇڏيو آهي، تون منهنجي طاقت آهي،ن تون منهنجو وجود آهين، تون منهنجي زندگي آهين، تون منهنجي خوشي آهي، توڪانسواءِ آئون ڪجهه به ناهيان هن منهنجو چهرو پنهنجي هٿن ۾ دعا وانگر جهلي چمڻ لڳي مان محسوس ڪيو ته مان محبت جي سجدي ۾ جهڪي پيو آهيان. مونڪي محسوس ٿيو ته هن جي محبتمنهنجي رڳن ۾ رت بدران ڊوڙهي رهي آهي، مان محسوس ڪيو ته هو منهنجي ساهه سان هلندي دل ۾ دڙڪندي محسوس ٿي مان محسوس ڪيو مان جنت ۾ آهيان اتي به منهنجي روحاني نڪاح ۾ تون آهين، توڪي چاهڻ ڪان پوءِ منهنجي دل جي دنيا ۾ بي ڪنهن ڪي چاهڻ جي حسرت مري وئي آهي، ڇو جو مان تنهنجي اکين ۾ خدا ڪي مرڪندي ڏٺو آهي.“

•••

## پٽين سان ڳالهيون

چيائين: ”اڄ هتي ويٺو آهين، مان توکي ڪٿي نہ پي ڳوليو.“

مان ڪجھ دير خاموش رهيس، پنهنجي ٽٽل شِشي جهڙي دنيا ۾ هن ورائي پڇيو:
”اڄ تون خاموش ڇو آهين؟“

چيم: ”نہ تہ مان بس پٽن سان پيو ڳالهيان.“

کلندين چيائين: ”پٽن سان وري ڪئين؟“

چيم: ”مونکي سمجھي نہ سگھندين، مان پنهنجي خيالي دنيا جو مالڪ آهيان، جنهن ۾ مان اڪثر ماڻهن کان وڌيڪ پٽين کي ترجي ڏيندو آهيان، ڪاري رات تنهائي کي ترجي ڏيندو آهيان.“

کلندين چيائين: ”رولاڪ تون ڇا ٿو سمجهين، هي پٽيون تنهنجو ڳالهيون ٻڌنديون هونديون.؟“

چيم: ”ها ۽ ڪنهن وانگر بہ ناراض نہ ٿينديو آهن“

چيائين: ”اف اللهّٰ ڪئين وري؟“

چيم: ”امان سَدائي چوندي هئي تہ ابا پٽن کي بہ ڪن هوندا آهن، مان بہ پٽن کي تڏهن ترجي وڌيڪ ڏيندو آهيان.“

هو چري ڇوڪرين پنهنجي ڪل روڪي نہ سگهي، ڪلندي رهي ڪلندي چيائين:
"رولاڪ تون دنيا سان گڏ هلڻ سکي وٺ انهن وانگر دنيا ۾ جيءُ ڏيکار دنيا جي ٻين ماڻهن جهڙو ٿي ڏيکار..."

مان هن جي اکين جي گهرائي ۾ وڃي چٽي ڏنو:
"ڇو مان ٻين ماڻهن جهڙو نٿو لڳان؟ ڇا منهنجو ٻہ ٻانهون ٻہ هٿ ڪونهي ڇا؟ منهنجون ٻہ اکيون، ٻہ نڪ ڪونهن، هن جي ڇهري تي وري ٿهڪن ليئو پاتو، پنهنجي ڏنل ٿهڪن ۾ منهنجو وجود گم ڪري ڇڏيو، مان بس هن جي ٿهڪن ۾ گم ٿي ويس.
ڪلندي چيائين: "سائين اوهان جا ٻہ نڪ آهن ڇا ؟"

چيم : "ها منهنجا ٻہ نڪ آهن، هڪڙو نالي ۾ اچي ٿو، ٻيو ڇهري ۾..."

وري ٻہ پنهنجي ڇهري تي مرڪن جا مور سجائي ڪلڻ لڳي مان هن جي ڪلٽي ۾ گم ٿي ويس.

چيم: "هڪ ڳالهہ ڇوان...؟"

چيائين: "چئو...."

مان دل تي پٿر رکي چٽي ڏنم: "تنهنجي ڪلڻ سان خزائن ۾ بهار اچيو وڃي گلن جي مهڪ تنهنجي ٿهڪن بغير اڌوري ٿيو پوي، تون مشڪ امبر جهڙي ڇوڪري جا ٿهڪ سنڌ جي هوائن ۾ گونجي اٿيا ۽ هو پنهنجي اکين ۾ ڪنوارو سپنو ڪٽي ڪاري ڏامر جي روڊ تي هلڻ لڳي."

◆◆◆

# جوڪر

سچي زندگي مان جوڪر ٿيا ٻڌجي رهيس، تنهنجي پويان هي زندگي سرڪس ٿي وئي. چيائين:

“اڄ مان وڃان ٿي، توکي ڪڏهن به نظر نه ايندس”.

دل جي سمنڊ ۾ طوفان برپا ٿي ويون لڙڪن جون لهرون پنبڻن سان ٽڪرائجي ٻاهر نڪري ويون، منهنجي لاءِ ته ڄڻ آسمان مٿي تي ڪري پيو هجي ٿورو اڳتي وڌي چيائين:

“جيڪڏهن تنهنجي ياد به آئي ته به توهان ڏانهن موٽي نه ايندم، بس تنهنجون لکيل تحريرون شاعري پڙهندس ۽ ها تنهنجي تصوير پئي آهي، تنهنجو آواز جنهن ۾ تون حسن ذات سونهن ۽ ساڀيا جا جيڪي به لفظ چيا سي مان وٽ وائس ميسج ۾ رڪارڊ آهن، مان ٻڌندس پر موٽي نه ايندس. تون ناٽڪي آهين، تون ڪنهن سرڪس جو جوڪر آهين...”

دل دردن جون دانهون ڪرڻ لڳي سچو درد ڪنهن ڪنواري ڇوڪري جي ڇهري تان لٽڪندڙ زلفن جيان وهڻ لڳو آخر ۾ چيم :

“سائنڻ ! مان ناٽڪي نا هيان، مان جوڪر نا هيان، مان هڪ گودڙو فقير آهيان، جيڪو لفظن جي سهلين ڪي ساڻ ڪري دردن جو محفلون مچائندو آهيان”.

مان گل وانگر ڪومائجي ويس

چيم: “سائنڻ تون ڪنهن گل ڪي ڪڏهن ٻہ ڪومائجندو ڏٺو آهي؟

چيائين: ”نہ......؟

چيم: “تہ ڏس جيڪو گل زندگي جي ٽاري ڪان ٽٽي ڪومائجي ويو آهي”

چيائين: “نہ نہ تون ڪاغذ جو گل آهين، ڪڏهن ٻہ ڪونہ ڪومائجندين مونکي پرچائڻ چڏي ڏي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، تون ناٽڪي آهين....”

چيم: “ها سائنڻ مان ناٽڪي آهيان، ها مان جوڪر آهيان، مان جڏهن پنهنجي ڇهري تي ماسڪ چاڙهي تنهنجي سامهون ايندس، تڏهن منهنجي ڇهري تي شڪست جا تاثير نہ هوندا. سائنڻ مان اهو ڪارٽون آهيان، مان اهو جوڪر آهيان جيڪو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، ها مان هاڻ توکي هر موڙ تي جوڪر ٿي ملندس جيڪو ٻين جي ڇهري تي مرڪون وکيري ٿو پر پاڻ رات جي پهر ۾ دردن جو تاج پائي ڪارين راتن ۾ ڪنهن اسمان تي بيٺل اڌ چنڊ وانگر دردن جي ڪڪرن ۾ لڪي وڃا ٿو.”

◆◆◆

# شب برات

ياد اٿئي هن پلاري رات تون مونکي چيو هو تہ :

“مان ڪائنات جي پالڻهار ڪان هميشہ جي لاءِ اوهان ڪي گهري وٺان انهي رات جي چانڊوڪي ڏي”

ڏسندين چيو هيم تہ :

“زندگي روشني ازل ڪان آزاد آهي هن ڪي ڪير بہ قيد نتو ڪري سگهي .”

چيائين: “رولاڪ هڪ ڏينهن تو چيو هو تہ مان چوڏهين جي چمڪندڙ چنڊ وانگر خوبصورت آهيان تہ پوءِ مونکي چو تون بہ پنهنجي محبت ۾ قيد ڪري ڇڏيو خبر اٿئي مان شايد خدا جي بہ گنهگار آهيان، تڏهن مونکي ننڍي عمر م بيمارين جا بوجه وجهي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.”

چيم: “نہ چري شايد تنهنجي ۽ منهنجي محبت جي آزمائش هجي اڪيون آليون ٿي ويس.”

پنهنجي آڱرين ۾ روئو ويڙهندين چيائين:

“رولاڪ اڄ سڳوري رات تون خدا ڪان ڇا گهرندين؟”

هن جي انهي سوال تي منهنجي دل جي سمنڊ ۾ ڇولين جو طوفان اٿيو احساس جون ٻيڙيون ڪناري تي پڄڻ ڪان اڳ ۾ ٻڏي ويون.

چيم: “خبر اٿئي مان خدا ڪان بس توڪي ئي گهريو آهي، توڪان پوءِ مان مرڻ جي تمنا ڪئي آهي، تون منهنجي آهين، اول ڪان ابد تائين.”

چيائين: “رولاڪ مرڻ وقت مونکي تنهنجي هنج نصيب نہ ٿيندي هن جي انهي سوال منهنجي هيانوَ ۾ هٿ ۾ وڌو، اداس ٿي ويس، ٿورو منهن ڦيرائي چيم:

“زندگي مان تنهنجو آهيان توڪان سواءِ بي معنيٰ آهيان.”

اداس ٿي چوڻ لڳي: "رولاڪ مان تنهنجي قدمن ۾ خاموشي سان دم ڏئي ڇڏيان توکان جدا ٿي مرڻ مونکي گوارا نہ لڳندو، مان تنهنجي ٿيڻ چاهيان ٿي، تنهنجي نالي وانگر مان مرڻ کان اڳ ۾ تنهنجي نالي جي مينڌي پنهنجي هٿن تي هڻڻ گهران ٿي پر مونکي خبر آهي، منهنجي هي تمنا ڪڏهن بہ پوري نہ ٿيندي."

روئندي چيائين : "سائين مان توکان جدا ٿي مري ويندس، منهنجي موت جو ٽائم مقرر ٿي چڪو آهي، زندگي ۾ اهڙو وقت بہ ايندو آهي. جڏهن ڪو احساس بي معنيٰ هئڻ باوجود با معنيٰ لڳندو آهي."

چيم : "شايد تڏهن جدائي بہ بي معنيٰ ٿي پو".

ڪجھ دير خاموش ٿي وياسين، بس هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهياسين.

◆◆◆

# محرومين جا ڳوڙها

چيائين: "رولاڪ تون مونکي وساري ڇڏ."

منهنجي دل تي ڇڻ ڪا قيامت ڪري پئي هجي، دل رت جا لڙڪ واهڻ لڳو بيوسي واري آواز ۾ چيم: "ڪيئن ٿو وساري سگهان؟ جنهن عورت کي مان پنهنجي عبادت جي حد تائين چاهيو آهي، ان کي وسارڻ تہ مشڪل نہ پر ناممڪن آهي."

چيائين: "رولاڪ مان تنهنجي ناهيان ۽ ڪڏهن بہ تنهنجي نہ ٿي سگهندس"

چيم: "چو....؟"

"چو جو جنهن مونکي چاهيو آهي، اهو بہ منهنجو نہ ٿي سگهيو ۽ جنهن کي مون چاهيو اهو بہ منهنجو نہ ٿي سگهيو."

"آخر چو...؟" هڪڙي تون تہ هئين، جنهن کي خبر بہ ناهي تہ مان ڪيتري محبت ڪريان ٿو توسان تون اندازو بہ نتي لڳائي سگهين."

چيائين: "ها تنهنجي محبت جي عيوض ۾ جيڪڏهن آئون توسان ان عيوض وڏيڪ محبت ڪريان تہ پوءِ توکي يقين ايندو، چا مان خوش آهيان، ڪڏهن منهنجي دل جي حالت سمجهي آهي ،بس منهنجي مجبوري آهي، عورت جي محبت کي ان جي مجبورن سان نہ طور مان ميجان تي تہ منهنجي محبت تنهنجي محبت جي ڀيٽ ۾ ڪجه ڪونهي."

چيم: "تون مونسان گڏ رهڻ جا خواب نہ ڏنا هئا..."

چيائين: " نہ رڳو مان هڪ گهر ۾ رهڻ جا خواب نہ بلڪل تنهنجي حقيقي زال هجڻ جا بہ خواب ڏنا آهن پر اڄ مجبورين جي ان چار م قاتل آهيان، جنهن مان نڪرڻ لاءِ مونکي پنهنجي محبت خواب ارمان خوشين سيني جي قرباني ڏيڻي پوندي."

چئي پني ڏئي وجڻ لڳي

چيم: "سائڻ! زندگي جي ڪنهن بہ موڙ تي ياد جي مان اچان بدنصيب بي نصيب کي نہ ايڏو سارجان!"

هن جي اکين جا بند ٽٽي پيا ۽ محرومين جا سڀ ڳوڙها هاري ويٺي.

◆◆◆

# اڻ تائنيڪو رولاڪ

ڪاري رات جو آڪاش تي ڏنم ته ستارا به اداس هئا، چنڊ به مون وانگر تنها هو، دور دور تائين رات پنهنجي ڪاراڻ شهر متان اچلي رهي هُئي، پري پري تائين رڳو ڪتن جي ڀؤڪڻ جو آواز اچي رهيو هيو. مان اڪيون پوري دردن وارو صليب ڪٽي نڪري پيس مان محسوس ڪيو ته وقت جي پيرن ۾ زنجير پئجي ويا ، منهنجو جسم ساهه روڪي بيهي رهيو، دل جي پني تي لڙڪن جي مس سان تاريخ جا ورق ويڙهجي ويا . اڪيلائي واري سڪرات مونکي ذرو ذرو ڪري ڇڏيو. تڏهن منهنجي من جي قبرستان مان تنهنجي يادن جو دونهون اٿڻ لڳو. مونکي ان وقت تنهنجو اسپتال ۾ تڙپندڙ وجود ياد آيو، جڏهن تون مونکي چيو هو:

"رولاڪ تون شادي ڪري ڇڏجان، مان تنهنجي محبت جي مينڌي پنهنجي هٿن تي نه هٽي سگهيس پر تون پنهنجي جواني جي مينڌي ڪنهن ٻئي عورت جي هٿن تي لائڻ جو واعدو ڪر."

آئون تڙپي اٿيس. ۽ مون چيو:

"زندگي تون ٺيڪ ٿي ويندين، تون منهنجي آهين، ازل کان ابد تائين، تون بس منهنجي آهين، مان خدا کان پنهنجي جواني جي عبادت عيوض بس توکي گهرندس بس تنهنجي پيار جو ڇيلو ڪٽيندس، تون ٺيڪ ٿي ويندين."

تون روئندڙ اکين سان ڏسي ڪپندڙ چپن سان مونکي چيو هو:

"رولاڪ تون 22سالن جو نوجوان آهين، تون شادي ڪجان، توکي مان کان به وڌيڪ پيار ڪرڻ واري ملي ويندي، مونکي اجازت ڏي ته بس خدا مونکي تڪليفن کان آزاد ڪري، منهنجي موت جو وقت مقرر ٿي چڪو آهي، آئون مري ويندس رولاڪ."

تڏهن مان پنهجي اکين جا لڙڪ توکان لڪائيندي چيو هو ته:

"مان توکي مرڻ نه ڏيندس نه تون منهنجي ساهه جي تند آهين، تون منهنجي محبت جو معراج آهين."

تڏهن تنهنجي ڪاٻي پاسي بيٺل گلابي چپن واري نرس مونکي ڪاوڙ مان ڏسندين چيو هو ته: "آپ باہر جائیں!"

مان توکان هٽڻو چڏائي ٻاهر نڪرڻ لڳس ته منهنجو وجود سڄو تنهنجي اندر رهجي ويو، بس ٻاهر منهنجو جسم نڪتو مان محسوس ڪيو ته منهنجو حقيقي موت ٿي ويو آهي. اڄ ڏس مان 26 سالن جو نوجوان آهيان، اڄ به تنهنجي محبت جي پسايل مينڌي منهنجي لڙڪن جي پاڻي سان روز تازي ڪندو آهيان روز تنهنجي محبت جي مينڌي پُسائيندو آهيان، اڄ نه پنهنجي رولاڪ وٽ اڄ به تنهنجي محبت جي مينڌي تنهنجي انتظار ۾ پُسيل آهي زندگي خبر اٿئي نه قسمت وارا مينڌي هٽندا آهن، اسان جهڙا رولاڪ پنهنجي محبت جي پيڙا ۾ پنهنجو ئي وجود وڃائي ويهندا آهن."

◆◆◆

# خانہ بدوش عورت

زندگي جي سفر ۾ رلندين رلندين وچين ڪنهن هوٽل تي ويٺس، ڪيسي ۾ هٿ وجهي موبائل ڪڍي ٽيبل تي رکي بيري کي اشارو ڏنم. بيرو پاڻي جو جڳ رکندين چيائين: "وڏا حڪم!؟"

ڇهري تي ڪوڙي مرڪ سجائي چيم: " هڪڙي ڪَٽ (چانهہ) ڪٽي اچ دودهہ پتي!"

هُن چانهہ ناهڻ واري کي سڏ ڪندي، چيائين تہ:

"وڏا .... صاحب جي هڪڙي ڪٽ دود پتي ناهہ".

هوٽل جي چؤ طرف ڏنم تہ هڪڙو موٽو گينڊي جي شڪل جهڙو ماڻهو ويٺو هو، جنهن جو پيٽ تہ ڄڻ نوَ مهينا پورا ٿيڻ وارا هجن، ٿوري دير ۾ خانہ بدوش عورت پنهنجي هنج ۾ ننڍڙو ڪٽي آئي ۽ صاحب کي دعا ڏيندين چيائين تہ:

"منهنجي ننڍڙي کي ڪير وٺي ڏي خدا جي نالي ڪجهہ ڏيو، آئون توکي دعا ڪندس، سيٺ ڪجه ڏي اللهؐ جي راهہ ۾"

هن عورت کي هن شخص پيرن ڪان وٺي چوٽي تائين پنهنجي بکايل نظرن سان ڏٺو هي عورت جنهنجا اڌيا وار وکريل اکيون ويران وستي وانگر اداس آهن، جيڪا ڏسڻ ۾ ڏبري، ڪمزور، ٽڪل ٽٽل بيمار ٿي نظر اچي، ان کي بہ هو شخص بستر جي رونق بنائڻ لاءِ زور پيو ڀري، هن عورت جي سيني کي بار بار پٽڻ جي بهاني سان هٿ اڳتي وڌائي تہ عورت شرمشار ٿئي پر هو مرد پاڻ کي ڏاڍو معتبر پيو سمجهي عورت کي چيائين: "هي ٻار ڪنهن جو آهي؟"

عورت چيو: "هن جو پي معذور آهي، مان هن جي ماءُ آهيان."

مرد شهپر کي وٽندين ٻيو سوال ڪيو تہ: "هي ٻار حرامي ٿو لڳي مونکي."

عورت ڪبوتر وانگر ڦڙڪو ڪائي اٿي، سڪي مرڪ ۾ سڄو درد هڪ ئي ڏک سان پي وئي مرڪندين چيائين:

"صاحب گهڙي گهڙي ڪي گهاٽ ۾ پل پل ڪي پڇتاءُ ڪرڻ لاءِ گهٽڻ تون جهڙي ڪراڙي گدڙن جوانن سندس بستر تي سمهارڻ جو سوچيو پر زندگي جي سفر ۾ هميشه گڏ رهڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ هو. مونکي دنيا ۾ مرد ڪئي نالا ڏنا پر پنهنجي هجڻ جو احساس ڪنهن بہ نہ ڏنو، اسان ڪي چاهيو ويو بس جسم جي حد تائين اهڙين عورتن جي وجود مان بس حرامي ٻار ئي جنم وٺندا آهن."

عورت جون اکيون روئاٽڪو تي ويون ، هوٽل جي لڳل شيشن جي روشني هن جي ميري گدلي وجود مان پار ٿيندي رهي منهن تي مايوسي جون ريکائون آهن هو وياڪل هئي، ويراڳڻ هُئي، هن جي هٿ ۾ هڪڙو ننڍڙو ٻار هو.

هن ورائي چيائين: "صاحب ڪير وٺي ڏي ننڍڙو ٻڪارو آهي"

صاحب کان رڙ نڪري وئي : "صبح ساڻ ڪير وٺي ڏيان!"

هُن عورت چيو: "ها...."

هن گيندي جهڙي شڪل جهڙي مرد پنهنجي شهپرن کي وٽندين چيائين:

"حاضر پر جڳهہ تي ڪڏهن ايندين؟"

هُن عورت جو هانءُ اٿلي پيو، دل زخمي ۽ روح گهائل تي پيس، هُن عورت ورائي چيائين:

"صاحب هي ٻار بہ تنهنجو تي سگهي ٿو، آئون جڏهن ٻالڪ هيس ۽ تنهنجي گهر نوڪراڻي طور ڪم ڪيم، تڏهن توهان ماسي صفورا کي ڪجهہ پيسن جي لالچ ڏئي منهنجي معصوم وجود کي داغدار ڪيو هُو. جڏهن مونکي تنهنجي ڏي منهنجي نندي مالڪڻ مونکي پنهنجا ڪپڙا ڏيندين هئي، تڏهن آئون بہ ان جيتري شهزادي هيس پر تنهنجي بڪايل نظرن منهنجي نندپڻ کسي مونکي وئشيا، طوائف جو لقب ڏنو."

صاحب هڪدم ڦڙڪو ڪائي اٿيو چوڻ لڳو: "ڪٿي تون سوني جي ڏي ليلا تہ ناهين..."

چيائين: "صاحب نہ آئون تنهنجي ڏي جي نند پڻ جي دوست ۽ تنهنجي گهر تانوَ ٻوهاري ڪرڻ واري سخا جي ڏي شنو آهيان."

همراهه حيرت ۾ چيائينس: ”چوري تون...!؟“

عورت وراڻيو: ”ها مان... “

همراهه يڪدم ڪرسي اڳتي ڪري ڏيندي چيائين: ”ويهي رهه هاڻ تون ڪا ڏاري ٿوري آهين.“

چيائين: ”وري منهنجي گهر ڪم ڪندين؟“ عورت وري ڪبوتر وانگر ڦڙڪو ڪائي اٿي

چيائين: ”نه اهڙو ڪم مونکان نه ٿيندو“

همراهه چيو: ”اتي توکي ڪپڙا لٽا ملي ويندا ۽ مونکي وري سياري جي سَوڙ. “

عورت گهائل نظرن سان ڏسندين چيائين:

”صاحب ! منهنجي اندر غيرت جو ذرو آهي، اتي تون منهنجي معصوم وجود سان ڪيڏي نڪرندو آهين ته پويان تنهنجو عياش پرست پٽ پنهنجي حوس جو نشانو بنائڻ چاهيندو هو مان اتي نه هلندس ڪڏهن به نه...“

چيائين: ”هاڻ هو ٻاهرين ملڪ ويو آ تعليم حاصل ڪرڻ، تون هل توکي ماني ڳيو ڪپڙا لٽا، پيسو، پنجڙ ملي ويندو.“

عورت چيو: ”صاحب! پر هاڻ مون مان ڪا اميد نه رکجان، مان نندڙي هيس تڏهن ماسي کي ڪجهه پيسن جي لالچ ڏئي، منهنجي وجود کي داغدار ڪيو آهي، هاڻ نه .... هاڻ آئون وڏي سائڻ جي اعتبار نتي ٽوڙڻ چاهيان.“

همراهه منهن خراب ڪندي چيو: ”نه ن ائين نه چئو....

عورت چيو: ”صاحب هڪ سوال ڪيان؟“ هُن همراهه هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو

عورت چيو: ”صاحب شهناز جي ماءُ عورت ناهي....!!؟“

مرد ڪراڙي پولڙي جهڙو منهن ڪري چيائين:

”هُن نياڳي جي وجود مان ڪرود جي بدبوءَ ٿي اچي.“

”هن عورت کي ٻڪ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته عورت پاڻ ڪسڪائي پري ٿي وئي همراهه ٿڌو ساهه کڻندي چيو:

”اسان کي تو ته پنهنجي پاڪرن لاءِ سڪائي ڇڏيو آهي“

عورت ڪوڙي مرڪ چهري تي سجائي چيائين: “اوهان زالن وارا جيڪڏهن سکو ٿا تہ ڪنوارا ڪيڏانهن ويندا؟”

هن عورت چاهندين بہ دل تي پٿر رکي ٺوڪ هٽي ڇڏي. هن همراهہ هن کي ڪير تہ ونئي ڏنو پر ڪير جي عيوض پنهنجي بنگلي تي پنهنجي بستر جي ٿوري رونق گهري ڇڏيائين.... عورت پنهنجي ٽٽل جزبا ڪٽي ٽڪل ٽٽل ساٽي پنيري ٿي هلڻ لڳي درد جي پيڙا ۾ سوچيندين ڏٺم تہ اندر ئي اندر ۾ اوچنگارون ڏئي روئي پوندي پر هو ماءُ هئي انڪري چاهندين بہ نہ روئي سگهي چاهيندين بہ بہ لڙڪ لاڙي نہ سگهي.

•••

# منهنجي دل جي شڪست

شڪست جو احساس منهنجي اندر ڪي اڌوهي وانگر ڪائيندو تو وجي. منهنجو وجود مايوسين جي پاتال ۾ لهندو ٿو وجي. مونکي جيڪا مرڪ اڌاري ملي هئي وري نہ ملندي ڇو جو مرڪ جو دان هڪ چڪر ملندو آهي وري نہ ملندو آهي. زندگي رولاڪ جي اذيتن جي سفر ۾ هلندي رهي، وقت جي ٻيڙي ڇولين ۾ ڇلندي رهي، تنهنجي بي رخي ڏسي دل چوي ٿي تہ سڀ هٿيار وجهي ڇڏيان، پاڻ ڪي روز ڪوڙن دليلن سان پرچائڻ ڇڏي ڏيان، مونکي هاڻ پنهنجي دل بہ باغي لڳي ٿي، چوي ٿي مونکي هن دنيا مان وٺي هل جيڏانهن وڻي وٺي هل پر هن شهر جي روشناتي ۾ منهنجو دم ٿو گهٽجي، مونکي تنهنجي غم زده طبعت اذيت ٿي ڏي، مان تنهنجي سيني ۾ ڪنهن ٻئي جي لاءِ ٿي ڌڙڪان... مونکي ڌڙڪڻ جو بہ حق ناهي، منهنجي شڪست منهنجي دل جي شڪست آهي دل اداس ٿي وئي.

چيائين: "مان جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ ڪنهن ٻئي جي لاءِ ڌڙڪا ٿي تہ مونکي ڌڙڪڻ جو حق ناهي، مان ڪنهن بہ وقت توکان موڪلائي ويندس"

مان روئندن دل کي چيم:

"محبت جي جاءِ جڏهن نفرتون اچي ولاريندو آهن، تڏهن مان ذهن تي شڪست جي کهاٽي جون سيٽون ڪٽي وري پنهنجي موت تي تاريخ لکڻ شروع ڪندو آهيان، ها هي منهنجو ٻاراٽيون تمنائون آهن، جيڪي ڪڏهن بہ پوريون نا هن ٿينديون".

•••

# امان تون منهنجي سنڌ ماءُ آهين

”امان! آئون رولاڪ تنهنجو ننڍڙو رولو جنهن تنهنجي آڱر جهلي هلڻ سکيو، تنهنجي ممتا جا ميوا کاڌا، جنهن تنهنجي ٿڃ پيتي، جنهن کي تون ڪڏهن به هيٺ ڪِرڻ نه ڏنو. جيڪڏهن ٿڙندو هئس، تڏهن منهنجو سهارو بڻجي مونکي ڪِرڻ نه ڏنو امان آئون تنهنجي سيني تي رلندو ٿو رهان مونکي روز محسوس ٿئي ٿو ته توکي سنگهرن ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ امان مان روز ڏسندو آهيان ته تنهنجي سينڌ تان گذرندڙ هوا ۾ رڙين، آزين نيازين جا روح فنا ڪندڙ آواز اچي رهيا آهن، امان تنهنجي شهزادين جون رڙيون ڪوڪون ،دانهون منهنجي روح کي گهڙي گهڙي جا گهاءُ هڻندا آسمان ڏانهن اڏامندا پيا وڃن. امان تنهنجي حورن کي ڪاري ڪري مارڻ واريون سازشون پيو هلن. هن معصوم مکڙين جي ٻاڏائڻ ۽ ظالمن جي ٺهڪن شرابن شهر جي آوازن ۾ ٻُڏندا پيا وڃن، امان نندي هوندي پنهنجي پيٽ ۾ نوَ مهينا رکي هلڻ واري ماءُ کان ٻڌو هيم ته “ قيامت جي ڏينهن سج نيزي تي لهي ايندو، ڌرتي تپي ٽامو ٿيندي، وڻ پاڙون ڪِري پوندا، جبل ٽڪرا ٽڪرا ٿي واچوڙن ۾ وکري ويندا” تڏهن اعتبار نه ايندو هو سڀ ڪجهه ننڊ پڻ جي ڪهاڻين وانگر لڳندو هو، پر اڄ امان مان پنهنجي سنڌي پيٽن، پائرن تي قيامت ڪرندي ڏٺي، ها امان ڏس سج لهي آيو آهي نيزي تي، ڏس امان ڌرتي به ٽامو ٿي پئي آهي، وڻ ڪري پيا آهن، جبل ذره ذره ٿي واچوڙن ۾ وکري ويا آهن. امان آئون تنهنجو 25 سالن جو اٽڪاڪو پٽ.... آئون ڪنن سان ٻڌان وينو، اکين سان قيامت جو منظر ڏسان وينو..... امان آئون مجبورين جي رسن ۾ ٻڌل پٽ، پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ ساٽو ٿي پيو آهيان..... تنهنجي دشمنن پاڻي بند ڪري معصومن کان تنهنجي ٿڃ کسي اڌ مئو ڪري مجبورين جي سنگهرن ۾ قيدي ڪري ڇڏيو آهي. امان هي ڪاريون راتيون مونکان اڪثر پڇنديون آهن، رولاڪ پاڻ کي سنگُهرن مان آزاد ڪر.... آئون ڇڙيون هڻان ٿو ته منهنجو وجود زخمي ٿي پوي ٿو، آئون پنهنجي ميري رت جون ريڪائون تنهنجي سيني تي ڇٽيندو ٿو وڃان، ڪنڌ ڪٽي ڏسان ٿو ته تنهنجي ايمان تنهنجي عقيدن جا ڪوٽ ڪرائي ڇڏيا آهن، اسان جو سالن جون دعائون هڪ پل ۾ رائگان ٿي ويون... ڪاليج، يونيورسٽن ۾ ڏنل درس ڌوڙ ۾ ملندي ڏٺم. مون کي تعجب لڳي ٿو پنهنجي اکين تي جيڪي انڌيون

ناهن پر پوءِ بہ اجان تائين پوريل آهن، منهنجي دل ابابيل وانگر ڦٿڪي پئي، امان آئون آسمان ڏانهن هٿ ڪٽي خدا کي چوندو آهيان، مون کي ڇو ايڏي آزمائش ۾ وڌو آهي، ايتري تہ پيغمبرن کي بہ آزمائش ناهي ڏني مان تہ سنڌ ماءُ جو اڻ ڏاڪو پٽ رولاڪ آهيان. آئون ڪو پيغمبر ناهيان، آئون ڪو ديوتا ناهيان، آئون ڪاري راتين جو رولاڪ آهيان، آئون پُري پوندس، آئون ٹُٽي ٹکرا ٽي پوندس، آئون پالڻهار سان بغاوت تي لهي ويندس، آئون نئي تاريخ لکندس، آئون پنهنجي ماءُ جي تڃ جي ڦڙي ڦڙي جو حساب وٺندس.”

◆◆◆

# آلين اکين جو اظهار

اڄ اداس ٿي، پنهنجي محبت جي عبادتگاهه تي ويس مان محسوس ڪيو ته اڄ ماضي منهنجو پيڇو ڪندي پئي اچي. مان هٿ ۾ پاتل گهڙي جي ڪانٽن کي ڏٺو مان سوچيو، پڪيءَ وانگر اڏامندڙ ۽ درياهه وانگر پنهنجي موج ۾ وهندڙ وقت کي مان روڪي نه سگهندس نه ڪڏهن پنهنجي اندر جي اڀرندڙ احساسن کي روڪي سگهندس. منهنجي رولاڪ وجود جو ساهه پنهنجي آخري سفر ڏانهن وڌندو ٿو وڃي

آئون ٿوري وقت ۾ پنهنجي ٽٽندڙ خوابن تي پوري ڪهاڻي لکي نه سگهندس، آئون بس تنهنجي آلين اکين تي مختصر لکندس، مونکي ياد آهي جڏهن آئون تنهنجي شادي جي موڪل ڪري ڳوٺ آيو هيس، جڏهن تنهنجي هٿن تي مينڌي ڪنهن ٻئي مرد جي نالي جي لڳي چڪي هُئي، آئون به تنهنجي شادي جي شرڪت ۾ اچي پهتو هيس مونکي خبر نه هئي ته ته تون منهنجي انتظار ۾ پنهنجي ڪمري جي ڇائنٽ تي ويٺي هوندي مونکي خبر نه هئي ته تنهنجي هٿن تي لڳل مينڌي به تنهنجي لڙڪن سان پِنل هوندي منهنجو اچڻ سان تنهنجي چهري تي ابدي مرڪ تي آئي. آئون سيني سان ملي ٻاهر اڱڻ تي چانهه جا سِپ ڀرڻ لڳس ته مونکي تنهنجي ننڍي ڀيڻ چيو:

"ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن، ڪير تنهنجو راهون نهاري نهاري ٿڪو آهي."

مون کي ڪجهه عجيب لڳو تنهنجو پڇيم ته : "ڪونج ڪٿين آهي؟"

"تنهنجي انتظار ۾ ويٺي آهي. ڪمري جي ڇائنٽ تي."

پوئتي مڙئي ڏٺم ته سئوٽ بيٺي هئي.

چيم: "چا ٿيو آهي ڪونج ٺيڪ ته آهي؟"

ڪنهن جواب نه ڏنو دل تي اداسي ليئو پاتو، جلدي سان اٿي بيٺس ته ش م ، مونکي هٿ مان جهلي تنهنجي ڪمري ڏانهن وٺي اچڻ لڳي، جئين تنهنجي ڪمري ۾ پهتس ته ڏٺم ڪا اپسرا بيٺي هئي، مان محسوس ڪيو ته هُو ننڍڙي خوبصورت ڪلي، ڪلي اوچتو ٻاهه وانگر ڀڙڪو ڏئي جوان ٿي وئي هئي. مونکي ڪجهه پل لاءِ يقين نه آيو.

جنهن ڇوڪري سان گڏ مان ننڍ پڻ ۾ رانديون ڪيڏيون اڄ هُو ڪنهن جي زال ٿيڻ لاءِ ڪنوار جيان سجي رهي آهي، مونکي خبر نہ هئي تہ ڪل جواني جا گوئنچ ڦٽيا پي، سا اڄ شرم پوٽي وانگر نري پئي هئي. مان ان وقت تنهنجو چهرو غور سان ڏٺو تنهنجي پيشاني تي پگهر، اکين ۾ غمناڪ لڙڪ، منهنجي سيني ۾ ڌڪ لڳو. مان پڇيو: "ڪونج ڪيئن آهين؟"

چيائين: "رولاڪ تون ڪيئن آهين؟"

چيم: "ڪونج مونکي ڏسي پئين ءَ"

چيائين: "رولاڪ شهر ڪئين آهي؟" منهنجي دل اداس ٿي وئي.

چيم: "مونکي خبر آ ڪونج تون ڪنهن جو پڇي رهي آهين"

چيائين : "ها تہ ٻڌا ڪئين آهي تنهنجي سانئڻ؟"

دل جو شهر وتر ويران ٿي ويو ڪنڌ ڦيرائي چيم:

"هو هاڻ اسان جي وچ ۾ نا هي، سانئڻ وڃي پنهنجي حقيقي خدا سان ملي آهي."

ڪونج ڦتڪي اٿي، کهلي ڪان وٺي مان پاڻ ڏانهن ڪري اکين ۾ ڪيترائي لڙڪ تري آيا مان محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن شادي وارو گهر نہ هجي ها تہ ڪونج مونکي ياڪر ۾ پري روئي پوي ها. بس ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين:

"رولاڪ آئون منحوس آهيان" دل ڪبوتر وانگر ڦتڪي اٿي.

چيم: "ڪونج ائين ڇو چوندين آهين؟"

مان محسوس ڪيو تہ ڪونج جو سچو درد ان هڪ جملي ۾ آهي. اهُو جملو صدين جو شاهد رهجي ويندو، ان وقت آئون سمجهي نہ سگهيس، مان هن ڏانهن ڏٺو تہ ڪونج ڪنهن ڪشمڪش ۾ پئجي وئي هئي. اکيون لڙڪن مان پرجي آيون. ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏيائين، ڪلهن ڪنبڻ مان سمجهيس تہ ڪونج اندر ئي اندر ۾ ٽٽي ذرو ذرو ٿي وئي آهي.

چيم : "ڪونج ڇا ڳالهہ آهي مونکي نہ ٻڌائندين؟"

هن ڪنڌ ڦيرائي چيو: "نہ رولاڪ ڪجهہ نا هي !"

مان سمجهي ويو هيس تہ هو سچي سنڌياڻي آهي، هو اڌمن ڪي ٻاهر اڇڻ کان روڪي رهي آهي، ٿوري خاموشي کان پوءِ هن پنهنجا لڙڪ رئي جي پلاند سان صاف ڪندي چيائين :

"رولاڪ.....!"

مان محسوس ڪيو تہ هاڻ ڪونج جو برداشت جو بند ٽٽي پيو، رئي ۾ ڪنڌ لڪائي روئڻ لڳي، آئون ڪجهہ چئي نہ سگهيس، شايد ان وقت مون وٽ آٿت ڏيڻ لاءِ لفظ نہ هئا.

چيم: "ڪونج دل جي اذيتن لاءِ اکين کي لڙڪ جو عذاب ڇو؟ جيڪڏهن ڪنهن جي روئڻ سان دنيا ۾ انسان کان غم موڪلائي وڃي تہ مان بہ توسان گڏ لڙڪن جون نديون واهي ڇڏيان."

چيائين: "رولاڪ توکي ڪجهہ ڇوٽو آهي..."

چيم: "ڪونج ها چئو ! اڄ پنهنجي ڏکن جو ڏونگر مونکي ڏي، اڄ رات کان پوءِ تنهنجي زندگي جو نئون سج ايرندو، جيڪو نئون سفر شروع ٿيندو تنهن ۾ اهو ڏونگر اذيت جو انبار توکي ڪٽي وڃڻ نہ ڏيندس، اڄ ڏئي ڇڏ مونکي پنهنجي ڏک جو ڏونگر... هن مونکي آلين اکين سان ڏسڻ لڳي چيائين:

"مونکي سدائين چوندو هئين نہ تہ آئون ڪنهن کي پسند ڪندي آهيان؟"

چيم: "ها هاڻ ٻڌا ڀلا ڪنهن کي پسند ڪندي آهين؟"

چيائين: "رولاڪ! هي هن شخص جي نشاني آهي. جيڪا مان پنهنجي ساهہ ۾ سانڍي رکي آهي."

چيم: "هي تہ پاڻ ورتي هئي جڏهن نند پڻ ۾ پيٽ ڏٽي جي درگاهہ تي هليا هئاسين."

تڏهن چيائين: "ها توکي ياد آهي..."

چيم: "ها مونکي ياد آهي، جڏهن مان توکي وٺي ڏني هئي."

منهنجو هينئڙو بہ اڏ تي ويو، سوچيم تہ ڪاش هينئر زمين جاءِ ڏي تہ دفن ٿي وڃان، هن پاڻ کي سنڀالي ورتو هو بس ايترو چيائين:

“رولاڪ هاڻ وقت پر ڪيڏي اڏامندو ٿو وڃي، مان سڪرات جي عالم ۾ هيس، بس خاموش رهيس، هن هڪڙي چتي هٿ ۾ ڏيندي چيائين:

“رولاڪ.....!”

هن جو آواز ستن آسمانن جي وسعتن ڪي لوڏڻ جهڙو دردناڪ هو، منهنجو اندر اڏ تي ويو دل جي دنيا لڙڪن جي رت ۾ ٻڏي وئي.

◆◆◆

# خوشين جي خيرات

جڏهن رات جو چنب شهر مٿان پنهنجي چانڊوڪي اڇلائي رهيو هو. آئون سانئڻ سان گڏ ڪاري ڏامر جي روڊ تي هلي رهيو هيس مان محسوس ڪيو ته ڪائنات جو ذرو ذرو مون سان گڏ هلي رهيو آهي، محبت جو خدا مونسان گڏ قدم به قدم هلي رهيو آهي. سانئڻ چيو:

"رولاڪ! اڄ سائين تنوير عباس جي ورسي آهي ۾ مونکي هيئنر ياد آئي آهي" .

چيم: "سانئڻ سيني ڪهاڻيڪارن، اديبن جي ورسي ياد هوندي آهي ڇا؟"

چيائين: "ها رولاڪ! پر منهنجي توهان ياد رکجو توري پيٽا ڏيڻ لاءِ."

چيم: "ڇو نه؟ تون ته منهنجي لفظن جيان مقدس آهين، تون ته سنڌ ڌرتي جيان عظيم آهين."

چيائين: "رولاڪ حوال نه هٽندو ڪر...."

چيم: "نه آئون حوال نتو هٽان..."

سانئڻ پنهنجي چپن ۾ استاد محمد يوسف جو گيت ڳائڻ لڳي،

اوهان نا هيو ته پنهنجي دل

بهارن سان ٽا وندر ايون....

چيائين : "رولاڪ مان محسوس ڪيو آهي ته تون منهنجو ڳالهين تي غور نا هين ڪندو."

هن جي انهن لفظن هيانوَ ۾ هٽ وڌا، چيم: "سانئڻ ائين نا هي...."

چيائين : "مان اڳ ۾ ڪجھ چيو هو ياد اٿئي؟"

چيم: "ڇا...؟"

چيائين: "مان انهيءَ ڏينهن چيو هو ته منهنجي نظر گهٽ ضرور آهي پر ايتري نه جو دوکي جا خواب ڏسان، انهي مان ڪجھ سمجهيءَ رولاڪ......؟"

سانئڻ جي آواز ۾ ايترو درد هو، جيڪو سنڌ ڌرتي جي ماروئڙن جي سيني ۾ سمايل آهي.

چيم: "ها مونکي تنهنجي انهي لفظن جي مفهوم جي خبر آهي"

چيم: "سائڻ! جڏهن ٻه مان تنهنجي لفظن ۾ پنهنجي دل تڙپندي ڏٺي تڏهن ڪان مان سوچن جي دريا جو تصور نه ڪيو آهي. سائڻ آئون تنهنجي لفظن جو مفهوم سمجهي ويو هيس پر خاموش رهيس، ڇو جو مان شڪايت نه ڪئي."

چيائين: "شڪايتون پرپور ڪر دل ۾ رکڻ صحيح ناهي،اهڙو ڪو اشارو اگر توهان ڏيو ها ته مان سمجهي وڃان ها، ڇو ته ائين گهرائي سان تنهنجون ڳالهيون پڙندي آهيان. آئون نٿي چاهيان ته ڪنهن سٺي انسان جي دل ڏکي منهنجي ڪري."

چيم : "نه آئون شڪايتون ناهيان ڪندو، ڇو جو شڪايتن سان ماڻهو رسي ويندا آهن"

چيائين: "هلڪڙا هوندا ته رُسي ويندا...."

مونکي محسوس ٿيو ته سائڻ منهنجي روح ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين:

" رولاڪ متي ۾ سور پئجي ويو آ، مان ننڊ ناهي ڪئي رات ٻه."

چيم: "ڇو رات مڇرن ڪي سمجهائڻ جو ٺيڪو ڪنيو هو ڇا؟ "

چيائين : " نه ننڊ ايندي ئي ناهي الائي ڇو ڏاڍي ڏکي طرح ايندي آهي، رولاڪ! تون ڪنهن مهل سمهندو آهين؟"

چيم: " نه مان رولاڪ آهيان، مان ناهيان سمهندو رات جو."

چيائين: "رولاڪ مهرباني ڪري مان ڪي ايڏو ياد نه ڪندو ڪر ، منهنجي ننڊ ڦٽي ويندي آهي." ائين لڳندو آ جڻ ڪير سڏي ٿو پيو. مونکي خبر آ سڀ ڪم تنهنجا آهن رولو... منهنجي اوجاڳن جو قرضي نه ٿي..."

چيم: "سائڻ ! منهنجو بي چين روح رات جو ڪنهن جي ياد ۾ ڪيڏاري جي وائي ورجائيندو آهي."

چيائين: "رولاڪ چپ ڪر، آئون روئي پوندس مان ڏاڍي روئڻي ڇوڪري آهيان ، نه ته منهنجي لڙڪن جو ٻه قرضي ٿي ويندين."

چيم: "نه سائڻ ! آئون توکي روئڻ نه ڏيندس ، آئون تنهنجي مقدس محبت تي تاريخ لکندس، توکي روئڻ نه ڏيندس" .

چيائين: "جيڪي چوندا آهن روئڻ نه ڏينداسين سي ئي لڙڪن جو سبب بڻجندا آهن."

هن جي ان لفظن منهنجي من جي ڪاڪ محل کي ذره ذره ڪري ڇڏيو.
چيائين: "سوچيندي آهيان تہ ڇا مان ڪنهن نئين طوفان جي ور تہ نہ چڙهي آهيان، جتي زندگي جهنم جهڙي هوندي."
ڪنڌ ڦيرائي چيائين: "مان جنهن کي بہ خاصيت ڏني، انهيءَ فقط لڙڪ ۽ سڪرات ڏني، مان وڌيڪ تڪليف برداشت نہ ڪري سگهنديس."
دل اداس ٿي وئي چيم: "مطلب تہ آئون طوفان آهيان، تنهنجي وجود کي ذره زره ڪري ڇڏيندس، تنهنجي اعتبار جو ڪاڪ محل پنهنجي هٿن سان ڀڃي ڀورا ڪندس."
چيائين: "رولاڪ! جيڪي دل جي گهرائين ۾ جاءِ ڏين، سي ئي در تان ڌڪاريندي دير نا هن ڪندا. رولاڪ! مان ڪنهن بہ مرد تي اعتماد نٿي ڪري سگهان، دل ذره ذره ٿي وئي."
ٿڌو ساهہ ڀريندين چيم: "سائڻ! جيڪڏهن خدا مونکي خوشين جي خيرات ڏئي ڇڏي ها تہ مان پنهنجي حصي جون سڀ خوشيون سائڻ تنهنجي قدمن ۾ رکي ڇڏيان ها پر ڇا هتن خوشين جي خدا بہ خيرات نا هي ڏيندو".
مان محسوس ڪيو تہ ڪجهہ انسان زندگي ۾ تمام دير سان ملندا آهن بس ڪجهہ گهڙيون ملي پوءِ هميشہ جدا ٿي ويندا آهن.

◆◆◆

# توکي ڪير وساري

اڄ ٻه منهنجي دل اهو منظر نٿي وساري سگهي جڏهن تون پنهنجي دل تي پٿر رکي مونکي چيو هو ته:

"هاڻي مونکي وساري ڇڏ ۽ تون منهنجو شهر ڇڏي ڪنهن نئين سفر تي رواني ٿئي وئي هئي، تڏهن منهنجي دل تي ڇڻ ڪان قيامت گذري وئي هئي ۽ مان توکي روڪڻ جو حق نه ٿي رکي سگهيس."

چيم: "تون وڃ...." ٻه وکون کڻي پنهنجي مٽي جو رئو ناهيندي مڙئي وئي دل ۾ آنڌ مانڌ محسوس ڪيم ۽ آخر ويندو ڏسي چيم:

"روحن جا رستا هڪ ڇڪ سان ناهن ڇنبا جيئن تو ڪيو آهي، ڪيترا سال ٿيا آهن منهنجي من جي عبادتگاهن جي ديوي اڄ تون مونکان محبت جو ساٿ ڇنيو ٿي وڃين... مان پنهنجو روح تنهنجي پيار تان قربان ڪري ڇڏيو هو. خبر اٿئي اڄ منهنجي دل موهن جو دڙو آهي، جتي ڪيترين ئي قبرون دفن آهن، منهنجي محبت جون، منهنجي اعتبار جون، منهنجي اڻ پيتي پيار جي احساس جون."

منهن ڦيري پري ٿي چيائين:

"تون حقيقتن ڪان پري آهين رولاڪ! بس پنهنجي سفر تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي مان آهيان سمجهو ته ڇڻ تون هميشه جي لاءِ محبت جو سڳو ٽوڙي ڇڏيندي، مان اڪيلو رڻ ۾ صحرا جو مسافر ٿي رهجي ويندس."

◆◆◆

# لڙڪن جو محراب

مون سان گڏ ڏامر جي روڊ تي هلندي سائڻ ڪڏهن انهن گلابن تي نہ سوچيو جيڪي منهنجي قبر تي پوڻ لاءِ تڙپي رهيا هئا. هن جا نازڪ پدمڙا پير جنهن تي مينڏي جون وليون ٺهيل، چيلھ سنهي هرڻيءَ وانگر، اکيون ڪڪوريون ڪجليون، گلابي ڳِل، هٿ خوبصورت مينڏيءَ رتڙا ٻانهون لوڏيندي مون سان هلندي چيائين:

"رولاڪ تون مونکي ڪهڙي نيڪيءَ جي عيوض مليو آهين؟"

دل چاهيو تہ سائڻ ڪي ٻاڪرن ۾ ڀري اوچنگارون ڏئي روئي پوان پر ائين نہ ڪيم. هن جي نازڪ ڪرائيءَ مان پڪڙي چيم :

"سائڻ تون منهنجي لاءِ انجيل، توراتَ، زبور ، قرآن پاڪ جيان مقدس آهين! تون منهنجي لاءِ صدين جي سجدن جي عيوض نازل ٿيل وحي آهين، تون منهنجي اڻ پيتي محبت جو معراج آهين."

اکين ۾ لڙڪن جو طوفان اٿيو لڙڪ اگهندي چيائين:

"رولاڪ! ماٺهو مهڻا ڏئي چا ڪندا ، جنهن ڇوڪري ڪي نينهن جون جنون هجي جنهن ڪي پنهنجي پرين جي تات اندر ۾ هجي، سا پنهنجي رولاڪ جي پيرن جي نشانن ٻہ چمندي ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي." ٿورو اڳتي وڌندي چيائين:

"جيڪو پيشاني تي لکيل آهي، سو ڪڏهن متجي ڪياڙيءَ ڏانهن نہ ٿيندو نہ ڪڏهن پنهنجي تقدير متجي سگهي ٿي نہ وري تنهنجي سائڻ ڪنهن ٻئي جي ٿي سگهي ٿي، نہ وري اسان ڪڏهن زندان جي قيد مان آزاد ٿي نہ سگهنديون سين پر رولاڪ مان پنهنجو ايمان پنهنجي مجازي خدا ڪي نتي وساري سگهان ، تون منهنجي لاءِ آخري چانوَ آهين ، هن دنيا ۾ ڪا ٻہ شئي تو جهڙي ناهي، آئون توڪي ڇڏي نتي سگهان، رولاڪ مان تنهنجي عبادت ڪان پوءِ پنهنجا جهوپڙا وڃي سج ۾ اڏيا آهن، تون منهنجي روح ۾ سمايل آهين."

سائڻ جا نرم نازڪ هٿ چمندي چيم:

" سائڻ تون ساھ جي اچڻ ڪان ساھ جي وڃڻ تائين، منهنجي ساھ ۾ سانديل آهين، منهنجو اندر اڄ تو مري خوابن ۾ ٻہ مان پاڻ ڪي سسئي بنا رڻ ۾ رلندي ڏٺو آهي. سائڻ مونکي تون پنهنجي خوابن جي تعبير لڳندي آهين، مان توڪي روئندو ڏسندو

آهيان تہ زندان جا ڪوٽ قلعا منهنجي وجود ۾ ڪاهي ايندا آهن، منهنجي وجود تي چڻ ڪا وِڄ ڪِري پوندي آهي، منهنجو اندر پراڻي پتن جيان زبون ٿي ويندو آهي.”

سانئڻ جو اندر بہ اڌ ٿي ويو جهٽ سان مونکي ڀاڪر ۾ڀري ڇڏيائين، دل سڪون جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي رهي وري مونکي پنهنجي نازڪ هنج ۾ سمهاري وارن ۾ آڱريون ڦيري پيار ڪرڻ لڳي، مان خوابن جي نگري ۾ هليو ويس، هن جي اکين مان ڪِري آيل لڙڪن منهنجي مٿي تي محراب ٺاهي ڇڏيو.

◆◆◆

# پلصراط جي رولاڪين ڏانهن

جڏهن رات جي راڪاس ۾ پنهنجو گم ٿي ويل وجود ڳولي رهيو هيس ته ڪائنات جي خوبصورت حور ڪنهن اپسرا جو روپ ڌاري منهنجي محبت جي ڪاڪ محل تي آئي. هن جي اکين ۾ محبت جي لات ٻري رهي هئي، هن جو چهرو چمڪندڙ چنڊ جيان چمڪي رهيو هو، هن جي چاندي جهڙي جسم تي جواني جا ڳونچ ڦٽي رهيا هئا. هو ڪنهن شرم ٻوٽڙي جيان ٻوٽجڻ لڳي. منهنجي نڙيءَ ۾ عمرڪوٽ جو پراٽو زبون قعلو اٽڪي پيو. منهنجو وجود ڪنهن ڪنل پکي جيان پرڙا هٽڻ لڳو. منهنجو سڄو وجود برف جي سري وانگر پگهرڻ لڳو، هو به هيسيل هرڻي جيان ڪنبڻ لڳي ڏنل ڏنل نگاهن سان مونکي ڏسڻ لڳي چهري تي ڪوڙي مرڪ سجائي چيائين: "رولاڪ! ڇا ٿو ڪرين ؟"

چيم: "مان هڪ ضروري ڪم ڪري رهيو آهيان."

چيائين: "ڪهڙو ڪم؟"

چيم: "آئون موهن جي دڙي مان پنهنجا دفن ٿي ويل احساس ڳولي رهيو آهيان"

هن جي چهري تي خاموشي برپا ٿي وئي.

چيائين: "رولاڪ! ڇا ٿيو اٿئي؟"

چيم: "سانئڻ مون وٽ ڪڏهن ڪڏهن لفظ نا هن هوندا، پوءِ مان پاڻ کي ماٿ جي قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيندو آهيان."

چيائين: "رولاڪ! لفظ مونکان وٺي ڇڏجان."

مان ٿورو اڳتي وڌندي چيم ته : "ها ڏي مونکي ٿوري نفرت، ٿوري بي رخي، ٿوري ڌڌڪار ڏي."

هن جي چهري تي اداسي ليئو پاتو، ڪنڌ ڦيريندي چيائين:

"نفرت ڪرڻ وارا ڪم به ڪري ته به شايد توکان نفرت نه ڪري سگهان."

منهنجي اندر جي سمنڊ ۾ ڇوليون اٿيون، دل جي ڪناري سان ٽڪرائجي وري خاموش ٿي ويون، مان آسمان جي وسعتن ڏانهن ڏسڻ لڳس، هن پاڻ کي ڍڪيندي چيو:

“رولاڪ تون مونکي خوش ڏسڻ چاهين ٿو تہ پنهنجو خيال رک پاڻ تي ڪجھ رحم ڪر.”

دل ڪنهن ڪنل پکي جيان پرڙا هڻڻ لڳي ٿورو اڳتي وڌي چيم:

“سائڻ! مان جهنم جو رهواسي، منهنجو ڇا وڃي رحم سان”

چيائين: “منهنجي ڪري پنهنجو خيال رک رولاڪ.”

ڇهري تي ڪوڙي مرڪ سجائي چيم: “سائڻ! منهنجو خيال پاڻ نٿي رکين”

پنهنجي رئو آڱرين ۾ ويڙهيندي چيائين:

“رولاڪ جيڪڏهن خدا چاهيندو تہ رکنديس”

چيم: “سفارش بہ وڏي جيڪڏهن خدا چاهيندو تہ....”

چيائين: “ها هو خلقيندڙ آهي”.

دل اداس ٿي وئي

چيم: “منهنجي سفارش تہ پاڙي جو ڪو ڪراڙو بہ نہ ڪندو تون وري خدا ۾ آسرو رکيو ويٺي آهين”

چيائين: “ها پر خدا توکي نہ ڇڏيندو.... رولاڪ پنهنجي خلقيندڙ ڪان ايترو بدگمان نہ ٿجانءِ، هو پل پل تنهنجو نگهبان آ، ڏاڍو پيار ڪندڙ آهي.”

دل اداس ٿي وئي سوچيم ها هو بہ مونسان بي پناه محبت ڪندي آهي. چوڻ چاهيم پر چئي نہ سگهيم منهنجي محبت جو خدا مونکان گهٽو پري آهي، منهنجي دماغ ۾ اڄ بہ تنهنجو اهو جملو گهمندو آهي جڏهن تون چيو هو:

“مان هر دور ۾ هر جنم ۾ رولاڪ تنهنجي ٿيندس، تنهنجي اهڙي فتويٰ ڪان پوءِ مان پنهنجا سوين جنم تنهنجي نالي ڪري ڇڏيا آهن”

سائڻ مان توکي چاهڻ ڪان پوءِ خودڪشي ڪري ڇڏي آهي، هاڻ مان ڪنهن سان بہ محبت نہ ڪري سگهندس، تون ساھ جي اچڻ ڪان ساھ جي وڃڻ تائين منهنجي ساھ ۾ سانديل آهين. منهنجو اکيون آسمان کي ڏسڻ لڳيون، ان وقت آسمان بہ مونکي اوپرو پي لڳو. منهنجو پاڇو منهنجو سات ڇڏي ويو منهنجو سرڪش روح رڻ ۾ توکي پڪاريندو رهيو مان بہ ڪاري راتن ۾ وڃي ڪنهن ڪپ هيٺ ڏرتي کي چمي ڏئي سمهي رهيس.

## سوچن جا سمنڊ

اڄ مونکي هڪڙي تصوير ملي آهي. ها آئون اڄ ان تي پنهنجو هُي ڪالم لکندس، مان هن تصوير واري شخص کي سٺي نماني سڃاڻان ٿو. مان هن کي ان وقت کان سڃاڻان ٿو. جڏهن هي اسڪول ڪاليج ۾ پڙهندو هو. تڏهن هو جام ڪلندو هو ۽ ماڻهن کي چرچا هڻي کلائيندو هو. ماڻهو هن شخص سان ڪڏهن به تنگ نہ ٿيندا هئا. هن جي شخصيت جو هڪ رخ ٻيو به هو، هو جام ضدي به هوندو هو، هن کي اڪيلائي اذيتن جي اوڙاهہ ۾ اڇلائي ڇڏيندي هئي، هو ڏاڍو ضدي هو، تڏهن هن ڪڏهن به ٻوسٽ اذيت زود رنج سان ناهہ نہ ڪيو هو. هو مسلسل سوچن جا سمنڊ لتاڙي رولاڪين ۾ گم ٿي ويندو هو. وقت هن جو نالو به رولاڪ رکي ڇڏيو هو. اڪيلائپ جو عادي ٿي چڪو هو. هو پنهنجي خيالي دنيا ۾ هلندو هو. ڇو جو هو حقيقي دنيا ۾ هلي نہ سگهندو هو. تڏهن هو رولاڪين ۾ سوچن جا سمنڊ لتاڙي خيالي دنيا ۾ وڃي پهچندو هو. هو اڄ ستاويهہ سالن جو نوجوان ٿي چڪو هوندو... مونکي لڳي ٿو تہ هو ڪراڙو ٿيڻ جي انتظار ۾ هوندو. هي تصوير ان وقت جي آهي. جڏهن هو جشن آزادي واري ڏينهن اسڪول جي ميدان ۾ رکيل پروگرام جي اسٽيج تي ٽيبلو پيش ڪري دنيا وارن کي کلائيندو هو.

جڏهن سرمد سنڌي جو گيت پنهنجي بيسري آواز ۾ ٻڌائي سيني کي جهُومڻ تي مجبور ڪندو هو. تڏهن اڪثر هو آسمان ڏانهن ڏسندو هو هن کي آسمان جي ۾ پنهنجو ننڍڙو وجود ڳولڻ جي اجائي ڪوشش ڪندو هو. هاڻ هو پڪو پختو تي ويو آهي. هاڻ هو ڪنهن ڳالهه ۾ بہ خوش ڪونهي، اذيت، شڪست هن تي پوري طرح حاوي تي وئي آهي. تڏهن هو پنهنجي خيالي دنيا ۾ رهڻ جو عادي تي چڪو، هاڻ هُو جهيڙو ڪندو رهندو آهي، پنهنجي پاڻ سان پنهنجي وجود سان، پنهنجي جسم سان، ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجو مٿو ديوارن سان ٽڪرائي، رت جو عطيو ڏيڻ جو عادي تي ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن جي دل تيزي سان ڌڙڪڻ لڳندي آهي، هوش هن جي هٿن ۾ ڪٽل ڪبوتر وانگر پرڙا هٽندو نظر ايندو آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ هو ڪجهہ چوڻ چاهيندو آهي، پر ڪير ٻڌڻ وارو نا هي هوندو، تڏهن هو اڪثر وائڙو تي پاڻ کي خاموشي جي قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيندو آهي. هو پنهنجي مرضي سان هن دنيا ۾ نا هي آيو، تڏهن هو هاڻ هن دنيا ۾ وڃڻ پنهنجي مرضي سان چاهي ٿو.

◆◆◆

## آئون تنهنجي لاءِ وڙهندس

هن منهنجي اڻ ڏوتل منهن ۾ ڏسندي چيائين:

”رولاڪ توکي ڏسي آئون سوچ جي سمنڊ ۾ لهي ويندي آهيان.“

چيم: ”چو منهنجي منهن تي ڏامر هاريل آهي.“

مسڪرائندي چيائين: ”رولاڪ واچون نہ هڻ توکي ڏسندي آهيان تہ دل سوچڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي تہ محبت جو خدا بہ تون وانگر لڳندو هوندو، ائين تون وانگر ڪلندو هوندو تہ هن جي ڳلن ۾ بہ ڊمپل پوندا هوندس.“

ائين چئي پنهنجي منهن شرمائڻ لڳي.

چيم: ”نہ مان محبت جي ديوتا ڪي ڏٺو بہ ناهي، آئون گنگهار آهيان، مونکي انسان ئي رهڻ ڏي.“

مسڪرائيندي چيائين: ”رولاڪ ! عورت پنهنجي مڙس کي مجازي خدا وانگر پوڄا ڪندي آهي، آئون بہ تنهنجي پوڄا ٿي ڪيان، منهنجا سجدا قضا نہ ڪجان! مونکي رولاڪ پاتالن ۾َ نہ اڇلي ڇڏجان...“

دل ۾ هن جا لفظ ڪنهن تيز دار خنجر جيان سيني ۾ لهي ويا.

چيم: ”سائڻ! جنهن عورت جي سڏ تي مان قيامت ڏهاڙي اٿندس، ان کي اڇلڻ وارو عظيم گناهہ مونکان نہ ٿيندو، مان پنهنجي مقدس محبت کي پٽي نٿو ڏئي سگهان.“

هڪ ڏکوءِ اذيتن کي پئيندڙ ٿڌو ساهہ کڻندي چيائين:

”رولاڪ تون منهنجي آخري چانوَ آهين ، تون منهنجو حوصلو آهين.“

چيم: ”سائڻ آئون توکي آسمان جي ستاري جيان چمڪندڙ ڏسڻ ٿو چاهيان.“

هن جا اکين ۾ لڙڪن ليئو پاتو. منهن ٻئي طرف ڪري پٽائي جو بيت جهُونگارڻ لڳي. هن جي معصوم هٿن جي آڱرين کي جهليندي چيم:

”توکي ڪوٺن جي زنجيرن مان آزاد آئون ڪرائيندس سائڻ!“

مان هن جي اکين ۾ ڏسندي چيم :

”سائڻ! تون منهنجي همسفر ٿيندينءَ تہ پنهنجا سڀ ڏک لهي ويندا.“

هن جون پنبڻيون لڙڪن هاڻيون ٿي ويون.

چيائين: ”رولاڪ آئون ڪوٺن ۾ قيد آهيان ، مان پڳون لتاڙي نٿي سگهان ، مان توکي سجدو ڪيو آهي، منهنجو ديوتا تون آهين، آئون وري ڪنهن بہ مرد جي ٿيڻ جو سوچي بہ نٿي سگهان.“

چيم: ”سائڻ مون تي اعتبار اٿئي مان توکي آزاد ڪرائيندس ، مان وڙهندس هر دور ۾ وڙهندس“

روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين: ”رولاڪ تون اڪيلي سر سيني پڳدارن سان وڙهي سگهندين...؟“

چيم: ”ها آئون وڙهندس ، آئون هر دور ۾ وڙهندس، وري مرندس، وري وڙهندس، هر جنم ۾....!“

هن پنهنجو هٿ منهنجي چپن تي هٿ رکندي چيائين:

“رولاڪ مرڻ جي ڳالهہ نہ ڪندو ڪر، مونکي تون ائين ئي گهرجين صحيح سلامت، توکي مونکان اڳ نا هي مرڻو.... آئون نوري وانگر تنهنجي هنج ۾ آخري پساهہ کڻڻ تي چاهيان... ”

دل قلعي جي زبون ديوارن وانگر پورا پورا ٿي پئي.

چيم: “ توکان جدا ٿي مان مرڻ جي تمنا ڪئي آهي، تون منهنجي محبت جو معراج آهين، ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو اٿم تہ آئون ٿر جي گرم واري جو توهر آهيان، تون منهنجي ساهہ جي تند مثل آهين، توکان بغير آئون ڪجهہ بہ نا هيان.”

هن جي خشڪ چپن جي لپ اسٽڪ چمڪڻ لڳي ، اکيون اکين سان ملائيندي چيائين: “ڪنا هڪ ڏينهن تون چيو هو نہ تہ اسان جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا بہ ديوار جبل جو روپ ڌاري پنهنجي وچ ۾ ايندي تہ تون ان جبل کي بہ پيچين پورا پورا ڪندي....”

چيم: “ ها سائنڻ چوندا آهن تہ ڏکن پنيان سک بہ ايندا .

چيائين: “پاڻ کي دلاسن سان پرچائڻ جو ڪاريگر آهين.”

چيم: “ها سائنڻ هڪ ڏينهن پنهنجي روح جا زخم پرجي ويندا، پنهنجي محبت جي منزل ملندي، پنهنجي اداس صحرا جهڙي زندگي تي خوشين جو ڪڪر وسندو.”

هو خاموش رهي ڪجهہ نہ چيائين:

“ ڪجهہ دير خاموش ٿي، سوچيم تہ قسمت ڪان هار ايل انسان اذيتن جي صليب تي لٽڪيل هوندو آهي. سائنڻ مون ڏانهن ڏٺو مان هن جي ڪڪورين اکين ۾ ڏسڻ شروع ڪيو، ڪجهہ دير اکيون مليون ۽ وري هميشہ لاءِ جدا ٿي ويون، پريت هڪ وڏي سوچ ۾ گم ٿي وئي ڳالهہ مٽائندي چوڻ چاهيم پر ڪجهہ چئي نہ سگهيس، لفظ دل جي قبرستان ۾ دفن ٿي ويا.

آئون اڄ پنهنجي هن ڪالم ۾ هن سونهن جي ديوي تي لکندس، جنهن منهنجي ويران من جي صحرا تي محبت جا ڪڪر وسايا آهن. اڄ آئون پريت جي پيار جي کهاڻي لکندس، جنهن ۾ پنهنجي ناشڪري ۽ هن جي بي پناهہ محبت لکندس، هن جي نند ۾ بہ منهنجي لاءِ نظم جنم وٺندا آهن، مان رولاڪ جڏهن زندگي جي مشڪري ۾ گم ٿي رولاڪين ۾ نڪري ويندو آهيان تہ آسمان تي تارا بہ مونکي پريت جا سڏ

لڳندا آهن... هو جيڪا پنهنجي ڪنوارپ منهنجي ڪري سانديي رکي وٺي آهي، هو جيڪا منهنجي ڪري هوائن سان جهيڙو ڪندي آهي، ڇو جو هو مونکان سواءِ هوا کي بہ چمڻ جو حق نٿي ڏي... ڇو جو هن مونسان روحاني نڪاح ڪيو آهي هينئر هو منهنجي اکين اڳيان پينگهي ۾ لڏي رهي آهي، ڪاريون ڪڪوريون اکيون، سون جهڙو رنگ، چيلهہ تي ڊگها ڪارا وار، هن جي جسم ۾ جواني جا گل گوئنچ ڪڍي رهيا آهن. هن جي اکين ۾ محبت جي لاٽ ٻري رهي آهي، هن جا سڏ مونکي پٽائي جي نگري ۾ وائي جا ساز ٿا لڳن، هن جي ڳالهين مان سُرن جي ورڪاءُ پيي ٿي، مان هاڻ پنهنجي ڪمري جي دري مان ٻاهر جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ٻاهر ڪيتريون ئي ڪونجون، اپسرائن جو روپ ڌاري ريشمي پئجاما، ململ جا ڪرتا، ڳلي ۾ پوتي ويڙهي پنهنجي ادائن سان، شهر جو شهر ويران ڪنديون پيو وجن. منهنجو روح آڪاش تي پنهنجي پريت کي پڪارڻ لڳو. اکين هن جو ڪنوارو خواب ڳولي لڌائون، منهنجي سانئڻ منهنجي تصور جي حور آهي، مان ان جي هر سڏ تي لبيڪ چيو آهي، مان قيامت جي ڏينهن بہ هن جي سڏ تي اٿڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي. مونکي پريت سان گذاريل هڪ لمحو ياد آيو، جڏهن هن بادامي رنگ جو جوڙو پائي، مٽي تي سنڌي هرمچي تي پريل رئو اوڍي، ڪونج وانگر ٿلندي مون وٽ آئي تہ ڪائنات جي هر شئي هن جي آجيان ۾ هلڻ شروع ڪيو. وڻ هن جي ادب ۾ جهڪڻ لڳا، هوا هن جي ادب ۾ سرٻاٽ ڪري سلامي ڏيڻ لڳي. گل هن جي ادب ۾ تارين تان ڇٽڻ لڳا، سڄي ڪائنات خوشبو ۾ وڪوڙجي وئي، هن جڏهن منهنجو منهن دعا وانگر پنهنجي هٿن ۾ محفوظ ڪيو تہ دل تي محبت جا پوپٽ رقص ڪرڻ لڳا، هن جي هٿن جو تريون نازڪ هيون، گلابن جو پنڪڙين جيان مان هن جي اکين مان محبت جا جام پري پيئڻ شروع ڪيا، محبت اکين مان تي دل ۾ لهندي وئي، هن جي چپن تي مرڪن ليئو پاتو، هن جي جواني جا گل شرم ٻوٽڙي وانگر ٻوتجڻ لڳا. هو شرم ٻوٽي پنهنجو سنڌي هرمچي واري رئي سان پنهنجو ڊڪيل انگ کي اجا پئي ڍڪي پيشاني تي پگهر جا ڦڙا جرڪڻ لڳا ٽورو اڳتي وڌي.

چيائين: "رولاڪ تون منهنجي ڳالهہ مڃيندين."

چيم: "پريت حڪم ڪر...."

هن جي اکين ۾ خوشي جي لهر آئي، ڇهري تي مرڪ سجائي چيائين:
"رولاڪ تون رسالن ۾ نٿو لکين"

چيم: "نہ سائنڻ آئون رولاڪ منهنجي نظم ڪالم ڪهاڻين جي نہ ڪا اڳياڙي آ، نہ ڪا پڇاڙي آ.... ڇو جو آئون رولاڪ ڏکن جو عادي منهنجي خوشي وارو ڪالم يا رومانس وارو نظم بہ اڳتي هلي اوچتو ئي اوچتو درد، اذيت جي غار ۾ وڃي پهچن ٿا، مان پاڻ پنهنجي لفظن مان مطمئن ناهيان ، مان اڪثر لکي ڪري ڦاڙي ڇڏيندو آهيان."

چيائين: "رولاڪ آئون تنهنجي هر لفظ ڪي دل جي گهرائي سان پڙهندي آهيان، تنهنجو لفظ لفظ منهنجي دل جي تهخاني ۾ وڃي لڳندو آهي ، آئون چاهيان ٿي."

مان ڪنڌ ورائي چيومانس: "تون مونسان محبت ڪرين ٿي، تڏهن منهنجا گناهہ بہ ثوابن واري ساهمي ۾ رکين ٿي."

چيائين: "نہ رولاڪ منهنجي لاءِ دنيا ۾ آخري مرد تون آهين توڪان پوءِ هن دل تي وئي نازل نہ ٿيندي."

چيم: "تون عظيم آهين، سنڌ ڌرتي جيان، تون ڀٽائي جي بيتن جيان مقدس آهين ، مان تہ پنهنجي ساهہ جو وارث بہ ناهيان ڇو جو ملائڪن منهنجي لاءِ بہ دوزخ رکي آهي."

ڇهري تي ڪاوڙ سجائي چيائين: " رولاڪ .....ناشڪرا تون ناشڪرو آهين."

چيم: "ها آئون ناشڪرو آهيان، ڇو جو مان وٽ ايمان جهڙي دولت ڪونهي، مان وٽ تهجد نماز آهي، سا بہ پنهنجي محبوب لاءِ ، پنهنجي پريت لاءِ، منهنجي سائنڻ منهنجي ننڊ، منهنجي جاڳ ، منهنجي زندگي، منهنجا خواب سڀ تون آهين. تون منهنجي دل تي آخري وحي آهين، توڪان پوءِ دل تي ڪا وحي نازل نہ ٿيندي."

چيائين: "رولاڪ! ڪنا مولوي ماري ڇڏينديءَ، اهڙيون ڳالهيون نہ ڪندو ڪر"

چيم: "نہ مولوي مونکي نہ ماريندا."

چيائين: "ڇو.....؟"

چيم: "ڇو جو منهنجي مٿي تي ڪي بہ سنڱ ناهن ، آئون بہ شڪل ۾ هنن جهڙو انسان آهيان."

چيائين: “پر ڳالهيون ڪفر جو ڪندو آهين.”

چيم : “آئون ڪافر ته آهيان ڇو جو مان پنهنجي محبوب کي خدا سمجهي محبت ڪئي آهي، مونکي خدا جيڪڏهن عشق ڪرڻ تي دوزخ ڏي ته مان خدا جو هر فرمان کي لبيڪ چوندس ، آئون ڪلندي دوزخ قبول ڪندس ، پر پنهنجي ڪيل محبت کي سجدو ڪندس، ڇو جو مان تنهنجي هڪڙي سڏ ڪان پوءِ خدا جو هر سڏ لنوايو آهي، ڇو جو تنهنجي جدائي ۾ مان هڪ هڪ ساهه جي قيمت ادا ڪئي آهي، مونڪان وري جنت لاءِ ڪو ڊرامون نه ٿيندو منهنجو ۽ دل جو جهيڙو هلندڙ آهي. پريت منهنجو جهيڙو مونکي گنگهار هجڻ جو احساس ڏياريو آهي.”

◆◆◆

# امان منهنجي آخري دعا

زندگي جي راهن ۾ تڙندو تاڀڙندو پنهنجي قسمت جي اڻپور تحريرن جي تلاش ۾ نڪتل رولاڪ ڪنڊن، شيشن، جا رستا پار ڪندي ٿڙيو تہ دل سان گڏ چپن تي بہ هڪڙو ئي لفظ آيو امان... دل اداس ٿي وئي، آسمان ڏانهن ڏسندين چيم امان تہ هن دنيا ۾ ناهي پر امان جي دعا مونسان گڏ آهي. هر پل پنهنجي منهن ورجائي چيم ها امان جي دعا مونسان گڏ آهي. اکين ۾ لڙڪن جو سمنڊ اٿليو، آسمان ڏانهن چمڪندڙ چنڊ کي ڏسندين چيم، چنڊ مونکي اڄ بہ ياد آهي، امان جي موڪلاڻي مونکي اڄ بہ ياد آهي، امان گهڻي وقت کان بيمارين سان جنگ وڙهي رهي هئي، امان جي ساري بت مان ساهہ نڪري اچي نڙي ۾ اٽڪيو هيس، موت حياتي سان جنگ جوٽيل هئي ، امان جي پيرانڊي کان پيرون ويٺل هيون، ڪا پير دٻائي رهي هئي تہ ڪا وري مٿو دٻائي رهي هئي، ڪا تہ وري پيرن ۾ منهن لڪائي روئي رهي هئي، پائر بابا بہ روئندا ڏٺم. آئون انسان هيس، دل ڀڄي ڀري پئي، مان بہ امان جي ٿڌي پيلي پيرن ۾ چنبڙي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳس.، ننڍي ڀيڻ ڊوڙي مونکي ڳراٽڙي پائي روڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي، چيائين:

" پاءُ امان پاڻ کان وڇڙي ٿي وڃي تون ڪو پرچائينس، من ڪو تنهنجي ڳالهہ مڃي.... !"

اوچتو منهنجي ذهن ۾ خيال آيو فون ڪري گاڏي گهرايم. هڪ ڏينهن اڳ مونکي ڊاڪٽرن جواب ڏنو هو، ڊاڪٽرن چيو هو، هن کي پنهنجي گهر وٺي وڃ، هن جي زندگي

جا ڪجھ پل آھن پر دل چيو وري بہ ڪنھن سٺي ڪان سٺي اسپتال وٺي وڃان، اسان وري بہ امان کي وٺي حيدراباد پھتاسين، جتي امان جي جسم مان ساھ نڪري اچي نڙي ۾ اٽڪيو ھو ، اتي بہ ڊاڪٽر ايمرجنسي ۾ رکيو وري مونکي گھرائي

چيائين تہ : “مريض تنھنجو ڇا ٿئي؟”

چيم: “مريض منھنجي ماءُ آھي، آئون ان عورت جو اڀاڳو پٽ آھيان.”

مونکي ايمرجنسي پرچي ڏني. دوائن جي ڪجھ اھم ڪاغذن تي سگنيچر ورتي، منھنجي جسم مان ساھ ڇڏائي ويو. جڏھن ڊاڪٽر چيو اسان ڪوشش ڪيون ٿا، باقي رب ڪان دعا ڪيو، زندگي موت خدا جي ھٿ ۾ آھي. خدا ڪل ڪائنات کي ھٿ ڪٽي دعا ڪيم، روئي روئي پروردگار کي ٻاڏايم تہ بس منھنجي آخري دعا آھي پروردگار پوري ڪندو ضرور پر شايد منھنجي دعا ستن آسمانن تائين نہ پھچي سگھي، واپس ايمرجنسي روم ۾ آيس تہ امان جي پيراندي ويھي پير دٻائڻ شروع ڪيم، ڊاڪٽر بہ سڀ اتئي ھئا... امان مونکي ھڪ ننڍڙي گھُور ڏئي ڏٺائين، اکيون مونکان ڦيرائي ڇت ۾ اٽڪائي ڇڏيائين... ڊاڪٽرن جي گھڻي ڪوشش ڪان پوءِ بہ امان جو ساھ وارو پکي پرواز ڪري ويو. جڏھن ڊاڪٽر منھنجي ڪلھي تي ھٿ رکي سوري ڪيو تڏھن جسم مان ساھ ڪجھ پلن لاءِ نڪري ويو. ان ڏينھن مان آسمان ڏانھن ڏٺو تہ ڪاري رات چنڊ جي پاسي ۾ تارو چمڪي رھيو ھو. سوچيم منھنجي آخري دعا اتئي اٽڪي پئي، خدا تائين نہ پھتي ان ڏينھن ڪان پوءِ مان خدا ڪان دعا گھرڻ ڇڏي ڏني.

◆◆◆

# اي چنڊ! تون اهو آهين

اي چنڊ! تون اهو آهين، جيڪو هتان ڪان پرين ڪي پيو ڏسين، جيڪڏهن آئون توکي پنهنجي لڙڪن سان ڀڊ دل جو احوال لکي ڏيان تہ ڇا تون منهنجي ماکي لار مٺڙي پرين کي ٻڌائيندي تہ رولاڪ کي اڪيلائي سودائي ڪري ڇڏيو آهي، هو پنهنجي محبت کي وري رڻ ۾ ڳولڻ نڪتو آهي، هو وري تصور ۾ جيئڻ جو عادي ٿي چڪو آهي، هو هاڻ گهڙي ڪن لاءِ بہ ٻاهر هلي نہ سگهندو. رولاڪ احساس ڪان سواءِ جي نہ سگهندو، انڪري مان پاڻ کي اونده جي اڪيلائي جي غارن ۾ پاڻ کي صليب تي اڪيلو لٽڪندي ڏسندو آهيان. اوچتو هوائن ۾ گلابن جي خوشبو وکري وئي سائڻ نارنگي جوڙو پائي، سنڌي هرمچي وارو رئو اوڍيل سامهون آئي تہ دل جي دنيا وري ڪجھہ پلن لاءِ آباد ٿي وئي. اکيون اکين ۾ وجهندي چيائين:

"رولاڪ ايڏو اداس نہ ٿي مان تنهنجي اداسي تنهنجي حصي جا درد تنهنجي حصي جا ڏک ورهائي ٿي ڪٽان."

چيم: "نہ سائڻ تون منهنجي لاءِ سنڌ منهنجي جنت جي سنهري مٽي مان ٺهيل مقدس عورت آهين ، مان توکي صدين ڪان سانديي رکيل درد ورثي ۾ ڪئين ٿو ڏئي سگهان؟ مان توکي محبت جي بدلي، ڏک تڪليف اذيت نٿو ڏئي سگهان، ها مان نٿو ڏئي سگهان."

ٺڏو ساهہ کڻندي چيائين: "ڇا رولاڪ تون مونکي ٻين مردن وانگر پاتالن ۾ اڇلائي ويندي"

چيم: "نہ نہ مان توکي پاتالن ۾ نہ اڇلندس، آئون توکي بي پناهہ محبت ڪندس، تنهنجي محبت جي هر تهجد ادا ڪندس، آئون توکي ڪاري رات جو گوڏڙو فقير ٿي ڳوليندس، تنهنجي اڇڻ جو چلو ڪٽيندس."

اکين ۾ لڙڪ تري آيس ، رئو پنهنجي آڱرين ۾ وٽندي چيائين:

"رولاڪ ! رڳو رولاڪ تون ناهين، اسين بہ رولاڪ ٿيا آهيون.....!"

•••

# اندر ڪي اڏوهي وڪوڙي وئي

چيائين:

“رولاڪ منهنجي اندر ڪي اڏوهي وڪوڙي وئي آهي، منهنجي رت ۾ سرڪا تا ٿين، مان ڇا ڪيان، ڪاڏي وڃان، مونکي منهنجي وجود جو بوجهہ بہ وزني ٿو لڳي، جهڙو ڪير اندر ۾ گهوگها ٿو ڏئي پر ساهہ نڪري نٿو... رولاڪ !”

منهنجي وجود تي ڄڻ وڄ ڪري پئي، مان پنڊ پهڻ ٿي، سانئڻ جي اداس لڙڪن هاڻي اکين ۾ ڏسندو رهيس، آسمان ڏانهن ڏسندي سوچيم تہ مان ناستڪ آهيان، مان اڳ ۾ بہ ڪوڪون دانهون ٻڌيون هيون پر سانئڻ جا لفظ منهنجي سيني مان تيرن جيان پار ٿي ويا آهن، منهنجو جسم ڪنبندو رهيو. ڏک وچان چيم:

“سانئڻ مون تي قيامتون هزارين گذريون آهن پر اهڙي قيامت منهنجي ننڍڙي وجود تي اڳ نازل نہ ٿي.”

سانئڻ جو هٿ جهليندي چيم :

“سانئڻ ! اچ مان توکي ياڪرن جي پناهن ۾ لڪائي ڇڏيان، تنهنجي اندر جي اڏوهي کي محبت جي زهر سان مات ڏئي ماري ڇڏيان.”

ڪنڌ ڦيري چيائين:

“رولاڪ هي اڏوهي مونکي اندر ئي اندر ۾ کائي ڇڏيندي، هي دنيا مونکي جئڻ نہ ڏيندي، جي دنيا کان بچي بہ ويس پوءِ بہ مان پاڻ پنهنجي دشمن آهيان، مونکان وڌيڪ منهنجو ڪو بہ دشمن ناهي.”

چيم : “نہ سائڻ ائين نہ چئو! تون اڏوهي کي تاريخي شڪست ڏيندي.”

لڙڪ اگهندي چيائين:

“رولاڪ ناهيان ڏئي سگهي، ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي پر اڏوهي مونکي روح تائين کائي وئي آهي، مان هن جو کاڄ ٿي وئي آهيان.”

مان پنڊ پهڻ ٿي ڏسندي چيم:

“سائڻ مان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي خدا کان پري جو ڪري ڇڏيو آهي، تنهنجو خدا رحمدل آهي، مان رولاڪ ناستڪ آهيان پر تون تہ خدا جي پياري ٻانهين ۾ اچين ٿي، تنهنجو پالڻهار ڏاڍو رحمدل آهي، هن هاٿين جي لشڪر تي بہ ابابيلن کي موڪلي ٻاجھ جو هٿ رکيو هو، متي ڏسجان آسمان تي پنهنجي لاءِ بہ خدا ابابيلن کي حڪم ڏيندو.... ابابيل ولر ڪري پنهنجي چهنبن ۾ محبت ڪٽي اچي، پنهنجي اندر جي اڏوهي کي ماري ڇڏيندا... پنهنجي اندر جي مشرڪن کي بہ شڪست ايندي ۽ هي محبت فتح ياب ٿيندي.”

◆◆◆

## هر جنم ۾ خدا ڪان توکي وٺندس

هڪ ڏينهن چيائين: "رولاڪ توکي سمجهڻ ڏکيو آهي."

چيم: "ها مان چيني فلم آهيان ، جيڪا تنهنجي لاءِ هلي ته پئي، پر سمجھ ۾ ڪجھ به نٿي اچي."

منهنجي ڳالهين تي ٿهڪ ڏئي ڪلڻ لڳي چيائين:

" رولاڪ منهنجي هر سوال جو جواب رکندو آهين"

چيم: "ها مان ڳالهڻ جي پي ايچ ڊي ڪئي آهي."

هن جي چهري تي مرڪ ليٽو پاتو، اهُا مرڪ جنهن تي مرد جي دل جي سمنڊ جون ڇوليون پٿرن سان متو هٽي واپس وڃن، پنهنجي هٿن سان منهنجو چهرو دعا وانگر پڪڙي چيائين:

"رولاڪ تون ڪيترو معصوم آهين؟ تنهنجو دل ننڍي ٻارن جيان نفرتن ڪان پاڪ آهي"

چيم: "نه مونکي گاريون نه ڏي."

چيائين: "مان گاريون ڪٿي ڏنيون."

چيم: "اڳ ۾ چيو جو هيئي ته مان معصوم آهيان پر اهو سچ آهي ته مان معصوم نه آهيان، مان اهو وڇون آهيان، جيڪو پنهنجي ئي زهر سان پاڻ ئي مرندو آهي."

چيائين: "نه رولاڪ تون منهنجو سائين آهين، منهنجو ديوتا، منهنجي محبت جو پيگوان.... جنهن کي مان تهجد جا سجده ڪري، خدا ڪان گهرندي آهيان. رولاڪ تون مونکي هر جنم ۾ خدا ڪان پنهنجو ڪري وٺي ايندي."

چيم: "ها بلڪل مان هر جنم ۾ خدا ڪان توکي وٺي ايندس، جيڪڏهن خدا مونکي توکي ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو ته مان خدا ڪان وري ڪو جنم نه وٺندس، سانئڻ!

جيڪڏهن منهنجو جنم ٿيو ته مندر يا مسجد جي سِر تي جنم وٺندس، پوءِ سچي زندگي اتئي ئي روئندو رهندس، ڇو جو منهنجو هن جنم ۾ به تنهنجي لاءِ روئڻ باقي آهي.”

چيائين: “رولاڪ تون منهنجو ديوتا هوندين، هر جنم ۾ آئون تنهنجي داسي ٿي ايِنديس، تنهنجي محبتن جا صحيفا هر دور ۾ منهنجي روح تي نازل ٿيندا رهندا.”

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

